# جي تو بيت پانئيا

نورالدين سرڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي تو بيت پانئيا

## شاهه جي شاعريءَ مان چونڊ

چونڊيندڙ

**نورالدين سرڪي**

**نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | جي تو بيت پانئيان |
| موضوع: | شاھ جي چوند شاعري |
| چوند ڪندڙ : | نورالدين سرڪي |
| ڇاپو پهريون: | مارچ 1999ع |
| ڇاپو ٻيو: | سيپٽمبر 2004ع |
| ڇپائيندڙ: | نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي |
| ڇاپيندڙ: | پيس ڪمپوزرس روم نمبر123، بمبئي هوٽل ڪراچي |

مُلھ =/80 روپيا




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هنڌ رهندڙ هڪ سنڌيءَ لاءِ
لطيف جي لفظن ۾
پيار پوترتا ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو پيغام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترتيب

1:اداري پاران

2:پنهنجي پاران — نورالدين سرڪي

3: شاهه لطيف جي شاعري ۾ سر سارنگ — ڊاڪٽر اناميري شمل

4:ذات وڏي شيءِ آهي — نورالدين سرڪي

5:سر ڪلياڻ

6:سر يمن ڪلياڻ

7: سر ڪنيات

8: سر سريراڳ

9: سر سامونڊي

10: سر سهڻي

11: سر سسئي آبري

12: سر معذوري

13: سر ديسي

14: سر ڪوهياري

15: سر حسيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16: سر ليلا چنيسر

17: سرُ مومل راڻو

18: سر مارئي

19: سر ڪاموڏ

20: سر گهاتو

21: سر سورٺ

22: سر ڪيڏارو

23: سر سارنگ

24: سر آسا

25: سر رَپَ

26: سر ڪاهوڙي

27: سر بروو سنڌي

28: سر رامڪلي

29: سر پورب

30: سر ڪارايل

31: سر پرڀاتي

32: سر ڏهر

33: سر بلاول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 34: شاهه ۽ شاهه جو ڪلام | ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ |
| 35: شاهه جو شعر ۽ شاعري | ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي |
| 36: شاهه جو رسالو | پروفيسر ڪلياڻ بولچند آڏواڻي |
| 37: وچئين دؤر جو آخري وڏو شاعر | ايچ. ٽي. سورلي |
| 38: شاهه عبداللطيف | ٻلديو تاراچند گاجرا |
| 39: شاهه لطيف جي دؤر ۾ | محمد ابراهيم جويو |
| 40: سنڌ جو سينگار لطيف | هري دلگير |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجهہ پنهنجي پاران

(ٻيو ڇاپو)

شاه عبداللطيف ۾ هڪ وڏي شاعر جون سڀ صفتون موجود آهن. هن پنهنجي نيارپي ڪمال ڪاريگريءَ سان لفظن جو لباس پارايو آهي، اعليٰ مقصد کي عاليشان فن سان سنڌيءَ ۾ آڻي، شاهہ لطيف نہ فقط پاڻ کي پر اسان جي ٻوليءَ کي بہ هميشہ لاءِ جياري ڇڏيو آهي. شاهہ جي شاعريءَ کي وري وري پڙهڻ سان نوان نوان نقطا نروار ٿين ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ شهرن جي پيٽ ۾ ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو وڌيڪ سولي سنئي ۽ سُپڪ ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو اڻ پڙهيل ڳوٺاڻا شاهہ جي شاعريءَ سان اسان شهري ماڻهن کان وڌيڪ شوق رکن ٿا.

ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي، اين ميري شمل تائين، ليلا رام وطڻ مل کان وٺي محمد ابراهيم جوئي تائين جنهن بہ عالم شاهہ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪيو آهي، تنهن جو اهو ئي چوڻ آهي تہ لطيف جو مٽ ڪونهي. اسان کي کپي تہ شاهہ جي شاعريءَ جو اڃا بہ وڌيڪ گهرو مطالعو ڪريون، نہ فقط نظرياتي طور لطيف جي پيغام کي پرکيون ۽ معنيٰ جا موتي ڳولهي

جي ٿو بيت ڀانئيا ————————

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهون، پر فني لحاظ کان بہ شاعراڻي سونهن ۽ سينگار جي جاچ ڪريونْ.

ضرورت ان ڳالهہ جِيٓ آهي تہ شاهہ جي وقت جي ملڪي حالتن، سماجي لاڳاپن ۽ تاريخي گهرجن کي خيال ۾ رکي شاهہ جي شاعريءَ جي ڇنڊ ڇاڻ، تنقيد سائنسي اصولن مطابق ڪريون.

اڄ جڏهن اسان ٽئين هزار سال جي دؤر Third (Millennium ۾ داخل ٿيڻ وارا آهيون ۽ چوڌاري نظر ڦيرائي ڏيهي پرڏيهي حالتن کي ڏسون ٿا تہ اسان پاڻ کي هڪ وڏي جنجال ۽ مونجهاري ۾ ڦاٿل محسوس ڪريون ٿا. انهيءَ لحاظ کان، منهنجي خيال ۾ پيار، پوٽرتائي ۽ پاڻ سڃاڻڻ وارو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام اڄ جي وڏي ضرورت آهي.

اچو تہ شاهہ جي فڪر کي سمجهون، شاهہ جي پيغام کي پروڙيون ۽ شاهہ جي شعر سان دل ۽ دماغ کي روشن ڪريون.

**نورالدين سرڪي**

ڪراچي

16-3-1999

# ذات وڏي شيءِ آ

شاعر دراصل وقت جا آهن ئي ڪين، ۽ نہ وري ڪنهن بہ خاص ملڪ جا پيغام آڻيندڙ آهن. شاعر، وقت جي وچئين پني تي بيهي ماضي ۽ حال، اِيندڙ توڙي ابدي اوقات ۾ جو احوال اشارن ۾ ڏيندا رهن ٿا. اسان عام ماڻهن وانگر نہ، جيڪي ڪائي پِي، دنيا جو وهنوار هلائي، مٽي وقت گذاريندا رهن ٿا. انهن اسان جهڙن عام ماڻهن کان الڳ هڪڙا خاص بندا ٿين ٿا، جي هر وقت، ڇڻ تہ ڪنهن وڃايل وٿ کي ڳوليندا رهن ٿا. ڇون ٿا تہ انهن بندن کي ڪا ازلي اڃ آهي جو سچ ۾ رڄ ۾ ووڙيندا وتن ٿا، ڪجهہ هٿ ڪرڻ چاهين ٿا، انهيءَ سٽ ۾ شاعر، فيلسوف ۽ سائنسدان اچي وڃن ٿا. انسان ذات جا اهي گهٽگهرا سڏائين، سچ ۽ سونهن جي تلاش ۾ رهيا آهن، امن ۽ انصاف لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن ۽ اونداهہ انڌوڪار ۾ اسان عامن لاءِ روشنيءَ جا منارا ٻٽجي بيٺا آهن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تاريخ جي ڪنهن خاص موڙ تي ڪانہ ڪا قداور هستي پنهنجي ذات ۽ ڏاهپ سان ڏکويل ڏوتين جي سارسنڀال لهي ٿي.

اسان جو شاهہ عبداللطيف، سنڌڙيءَ جو لال لطيف پڻ هڪ اهڙوئي سرتاج شاعر آهي، جيڪو صدين کان اسان سنڌين کي سچ ۽ سونهن جي سکيا، امن ۽ انصاف جو پيغام، نينهن جو نياپو ۽ سوچ لوچ جي دعوت ڏيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

شاهہ جي شاعريءَ ۾ اهي سڀ خوبيون ۽ خاصيتون آهن، جي ڪنهن بہ وڏي درجي واري شاعريءَ ۾ هجڻ گهرجن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ ڳائي سگهڻ جي سهوليت، بنا هيڪ پڙهي ۽ جهونگاري سگهڻ جي صفت، دل اندر پيهي وڃڻ واري وائي، ڏک سک ۾ پاڻ سنڀالڻ جي سگهہ، ذات پات کان متي تي خلق ﷲ جي خدمت ۽ ميٺ محبت، نهنائي ۽ نماڻائيءَ سان زندگي گذارڻ جو سبق وغيره.

هونءَ تہ جڏهن کان شاهہ لطيف شاعري پئي ڪئي تڏهن کان ئي سنڌ ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ سندس سڃاڻپ ۽ مڃتا رهي آهي، پر گذريل اٽڪل ڏيڍ سئو سالن ۾ شاهہ لطيف ۽ سندس شاعريءَ تي ڏيهي پرڏيهي عالمن جيڪا تحقيق ڪئي آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف سرتاج شاعر آهي ۽ دنيا جي شاعريءَ ۾ سندس شاعري مٿاهين حيثيت رکي ٿي.

ان ڳالهہ تي تہ سڀ عالم ۽ محقق يڪراءِ آهن تہ شاهہ لطيف سان، قرآن شريف، مولانا روميءَ جي مثنوي ۽ شاهہ ڪريم جو رسالو گهڻو ڪري ساڻ هوندا هئا. رسالي جي مطالعي مان بہ چڱيءَ پر پروڙ پوي ٿي تہ انهن ٽن اعليٰ درجي جي علمي ڪتابن جو شاهہ صاحب جي سوچ ۽ سمجهہ تي گهرو اثر ٿيو آهي. قرآن شريف جي آيتن کي تہ عربيءَ ۾ ئي عام جام بيان ڪيو اٿس، باقي مولانا روميءَ جي شعرن کي اهڙيءَ تہ خوبصورتي ۽ ڪمال فن سان سنڌي لباس پهرايو اٿائين جو گمان ئي نٿو ٿئي تہ ڪو فارسي شعر جو ٿلهو آهي. ڪٿي ڪٿي تہ ايئن پيو معلوم ٿئي تہ فني لحاظ کان استاد کان بہ ٻہ وکون اڳتي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جو مشهور بيت آهي:

مون ڪي مون پرينِ، ٻڌي وڏو ٻارِ ۾،
ايا ايئن چون، متان پاند پسائيين.

مولانا رومي چوي ٿو:

درميان قعر دريا تخت بستہ ڪرده ئي،
باز مي گوئي، ڪہ دامن تر مڪن، هوشيار باش!

ٻئي پاسي وري قرآن شريف جي آيتن کي اهڙي نموني بيان ڪيو اٿس جو هڪ ئي بيت ۾ جيڪڏهن پهرين سٽ عربيءَ ۾ آهي تہ ٻيءَ سٽ ۾ وري ان جو مطلب بنهہ سولي ۽ سپڪ سنڌيءَ ۾ ڏنو اٿائين جو اٺپڙهيل ڳوناٺي کي بہ ڪنهن ملي مولويءَ جي لوڙ نہ پوندي. مثال طور:

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهن جي،
فذڪروني اذڪرڪم، ايءَ پروڙج بات،
هٿ ڪاتي ڳڙ وات، پيچ پوءِ پريتڻو.

يا:

هوت تنهن جي هنج ۾، پچين ڪوهہ پرياڻ،
وَنحن اقربُ اِليہِ مِنَ حبلِ الورِيد، تنهن جو توهين ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن جي.

اهڙا ڪيترائي مثال شاهہ جي رسالي ۾ ملندا، تڏهن تہ پاڻ ئي چيو اٿس:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سنڌي پار ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا روميءَ جي مثنويءَ بابت مولانا جاميءَ به اهڙي ئي ڳالهه چئي آهي:

مثنوي و معنوي و مولوي،
هست قرآن، در زبانِ پهلوي.

ٻي خاص خوبي جا پڻ وڏي شاعر ۾ گهڻو ڪري ملندي آهي سا آهي ڪنهن به هڪ سٽ ۾ سڄي بيت جو مطلب سمجهائڻ،مثال طور:

حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ مَ پُلَ.

...

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

...

انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪچاڙيا ڪائيين.

...

سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

...

ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

...

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾.

...

عاشق زهر پياڪ، وِهه ڏسي وهسن گهڻو.

...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي هڏو ۽ چم، پڪ پريان جي نہ پڙي.

اسان عبادت، نظر ناز پرينِ جو.

• • •

پريان سندي پار جي، مٽيئي مڻائي.

• • •

عاشق اجل سامهان، اوچي ڳاٽ اچن.

• • •

وٺان واڍوڙين، رهي اڄجي راتڙي.

• • •

سڄڻ جي سارين، سي نڪي رونِ نہ چونِ ڪي.

• • •

ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.

• • •

الا! ڏاهي مرَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

• • •

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.

• • •

تتيءَ تڏيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويل وهڻ جي.

• • •

پاڙي ناهہ پروڙ، تہ ڪا رات رنجائي گذري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي توءِ ڏکار، توڙي وسن مينهڙا.

. . .

اڃو سورن واريون، ڪريون سور پچار.

. . .

محبتي ميڙي، ڳوٺ ڀڄي هيڪڙو.

. . .

ان قسم جون سوين سون ورنيون سٽون آهن، جي اسان کي رسالي جي هر سُر ۾ ملنديون. شاهه جي شاعريءَ تي جيڪڏهن گهري نظر وجهبي ته پيون به گهڻيون ئي سٽايون نظر اينديون ۽ علم ادب سان چاهه رکندڙ شخص کي وري وري پڙهڻ سان نت نئون لطف، ذهن ۽ ضمير کي تازگي ۽ توانائي ملندي. حقيقت ۾ سنڌ جو هيءَ سدا حيات، قومي عوامي شاعر اجان به وڏيڪ قدر جو حقدار آهي. اسان کي کپي ته شاهه جي پيغام کي گهر گهر پهچايون، دنيا جي زنده ٻولين ۾ رسالي جا ترجما ڪريون ۽ شاهه جي بيتن کي هيئن ساڻ هنڊايون.

شيخ اياز سچ چيو آهي ته: "سنڌي شاعريءَ مان جيڪڏهن شاهه جي رسالي کي ڪڍي ڇڏجي ته اسان وٽ باقي ڪنهن غريب ڳوٺاڻي واڻهڙو جي هٽ ۾ پيل به چار معمولي شيون ملنديون."

شاهه جي شاعريءَ بابت ايئن به چئي سگجي ٿو:

"ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي" يا جيئن امير خسرو رسول ڪريم جي تعريف ڪندي چيو آهي ته:

جي ٿو بيت پانئيا ————————

آنچہ همہ خوبان دارند، تو تنها داري.
(ٻين سڀني سهڻن ۾ جيڪي خوبيون آهن، اهي سڀ تو هڪڙي ۾ موجود آهن.)
ڀٽائيءَ گهوٽ شاهہ عبداللطيف جي شاعري ۾ پڻ اهي سڀ سٺايون موجود آهن، جيڪي سڀني اعليٰ درجي جي شاعرن ۾ ملي سگهن ٿيون.

**نورالدين سرڪي**

ڪراچي
15 مارچ 2003ع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر ڪلياڻُ

اول الله عليمُ، اعليٰ عالمَ جو ڌڻي،
قادرُ پنهنجي قدرتَ سين، قائمُ آهه قديمُ،
والي واحدُ وحدهٗ، رازق ربُ رحيمُ،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمدُ حڪيمُ،
ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙون جوڙَ جهان جي.

وحدهٗ جي وَڏيا، ڪيا الاالله اَڏَ،
سي ڏڙَ پسي سڌ، ڪنهن آياڳيءَ نه ٿئي.

وحدهٗ لا شريڪ لهٗ، ايءُ هيڪڙائيءَ حقُ،
پيائيءَ ڪي پڪُ، جن وڌو سي ورِسيا.

عاشق چوءُ مَ اُنَ کي، مَ ڪي چوءُ معشوق،
خالق چوءُ مَ خامَ تون، مَ ڪي چوءُ مخلوق،
سَلج تنهين سُلوڪ، جو ناقصئان نگيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وحدتـان ڪثـرت تـي، ڪثـرت وحـدت ڪـل،
حــق حقيقــي هيڪــڙو، ٻولــي ٻــي مَ ڀُــل،
هُــو هُــلا ڇــو هُــلُ، ٻـالله ســندو ســڄڻين.

پـاڻِهئيـن ڄـلَ جلالهُ، پـاڻِهيئـن جـانِ جمـالَ،
پاڻهئين صورت پرينءَ جي، پاڻِهيئن حسن ڪَمالُ،
پـاڻِهئيـن پيـر مُريـد ٿئـي، پـاڻهئين پـاڻَ خيـالُ،
سـڀ سـيوئي حـالُ، منجهـان ٿـي معلـوم ٿئـي.

پـاڻهئين پسـي پـاڻ کـي، پـاڻهين محبـوب،
پـاڻهين خلقـي خـوب، پـاڻهين طـالب تـن جـو.

ســو هِــيُ ســو هُــو، ســو اَجــلُ ســو اَللهُ،
سـو پِـريـن سـو پسـاهُ، سـو ويـري سـو واهـرُو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــڙاڏو سـو سَـــڏُ، ور وائــيءَ جــو جــي لَهيـــنِ،
کُهٺـــا اڳهيـــنِ گـــڏ، پـــر ٻـــڌڻ ۾ بـــہ تيـــا،

ايـــڪ قَـصرُ ڏَرَ لڪَ، ڪوڙيـــن ڪَٺـــسِ ڳڙڪيـــون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهـون.

ڪوڙئيـن ڪايائون تُنهنجيـون ، لِکـن لکَ هـزارَ،
جيءُ سيِ ڪنهـن جيءَ سـين ، دَرشـن ڏاروُن ڏارَ
پرَيـمر! تُنهنجا پارَ ، ڪهـڙا چئـي ڪيئـن چوان.

اَنـــڌا اوُنـــڌا ويــجَ ! ڪــلَ ڪجاڙيـــا ڪـــانئينِ ؟
اسـان ڏکـــي ڏيـــلَ ۾، تـــون پيـــارئين پيـــجَ !
سُـــوري جنيـــن ســـيجَ ، مـــرڻ تـــن مُشـــاهدو.

سُـــوريءَ ســـڏ تيـــو ، ڪـــا هلنـــدي جيـــڏيون؟
وجـــڻ تِـــن پيـــو ، نـــالو نينهـــنَ ڳنهـــنِ جـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُــوري سـنڌَ ڪـري ، اُيــي عاشــقن ڪــي،
جي اٿيئي سَنڌَ سِڪڻ جِهِي تـہ ڪَـوڙ مَ پيـرُ پـري،
سِـســي ڌارَ ڌَري ، پڄــج پــسوءِ پريتڻـــو.

سُــوري آهـہ سـينگارُ ، اڳهيــنِ عاشــقن جــو،
مُــڙڻ موٽــڻ ميهڻــو ، ٿيــا نظــاري نِــروار،
ڪُســڻَ جــو قــرارُ ، اصــل عاشــقنِ ڪــي.

جي تون سِڪڻ سکيو ، تہ ڪاتي پَئي مَ ڪِنجهہُ،
سُپيريانِ جي سُورَ جو ، ماٺهن ڏجي نہ مَنجِهہُ،
انــدر اِيُ اَهنــجُ، ســانديج سُــڪائون ڪــري.

جان وڍيو، تان ويهہُ ، نہ تہ وڃيو واٽ وڃڻ تـون،
هِــي تتيــن جــو ڏيهــہُ، ڪــاتي جنيــن هــٿ ۾،

اڳيـــان آڏِن وَٽ ، پــوَيـــن ســـرَ ســــنباهيا،
ڪـاٽِ تــہ پوين قبـولَ ۾ ، مَچـڻ پـائين گهـٽِ،
متــا مُهـــاين جـــا ، پيـــا نـــہ ڏســـين پـَــٽِ؟
ڪلالڪــي هَــٽِ ، ڪُسـڻ جـــو ڪـوپُ وهـــي.

جي اٿيئي سَڌَ سرڪ جي، تـہ وڃُ ڪلالڪي هَٽِ،
لاهـــي رڪُ لطيــف چئـــي، متـــو مــاٿيءَ وَٽِ،
سِـــرُ ڏيئـــي ۾ سَـــتِ، پيئـــج ڪـــي پيـــاليون.

نـاٿي ناهـ ڪڪوهــُ ڪـي ملهـ مهـانگو مَنـدُ،
سـنباهجِ سـيد چئـــي، ڪـاٽڻ ڪـارڻِ ڪَنـدُ،
هِـــي تنيــنَ جـــو هنـــدُ، مُـٺــنِ پـــاسِ مَـــرنِ جـــي.

(١) عاشق زهر پيـاڪَ، وِهـہ ڏسـي وِهسـنِ گهـٽـو،
ڪَـــڙي ءِ قـــاتلَ جـــا، هميشـــہ هيـــراڪَ،
لڱيـــن لنـــوءُ لطيــف چئــي، فنـــا ڪيـــا فـــراقَ،
توٽي ڇِڪنِ چاڪَ، تہ بہ آهہ نہ سَلن عـامَ سان.

جي تو بيت ياڻيا ______________

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَــڌڙيـا شُــراب جـــون، ڪَـهـ‍ـَ پچــارون ڪَــنِ؟
ٻُـ‍ـ ڪـاتَ ڪلالــنِ ڪـيـا، تــ مـوٽيـو پـوءِ وجــنِ،
پِڪــونُ ســي پِيـــنِ، ســرَ جنيـسنِ جـا سَــــٽِ ۾.

اصــل عاشــق جــو، سِــرُ نـــ ســـانڍڻ ڪـــمُ،
سَــــوَ سِســـــنئان آڳـــرو، سَــــندو دوســــان دمُ،
هِـيُ هـڏو ۽ چـمُ، پِـڪَ پِريـان جـي نـــ پَـــڙي.

مُلهـــ مَهـــانگو قطـــرو، سِـــڪڻُ شـــهادت،
اسَـــان عِبــادتَ، نَظـــر نـــازُ پِـــريَـــن جـــو.

رَڳـون تيـون رَبـــابُ، وَڄـــن ويـــلَ ســيَ ڪنهيـن،
لـــُــڇڻَ ڪُڇــڻَ نـــ تِيــو، جـــانبُ ري جَبـــابَ،
سوئي سَنڌيندُم سُپرِين، ڪيس جنهـن ڪبـابُ،
ســوئي عيـــنُ عـــذابُ، ســوئي راحــت روح جـــي.

جي تو بيت پانئيا ________________

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِڪين ُڪوُھ َسلامَ ڪي، َڪرين ُڪوھ نہ َسلامَ؟
پيــا دَرَ تـــن حـــرامُ، اِي دَرَ جنيـــن ديکيـــو.

پِريـان َسـندي پـارَ جــي، مــتِريئــي مِشـائي،
ڪــانھي َڪڙائــي، چکيسن جــي چيــتُ ڪِــري.

تــو جنيـــن جــي تــاتِ، تــن پــڻ آھــي تنھنجــي،
"َفـاذڪروني واذڪـر ڪـم"، اِيءَ ُپـرُوڙج بـاتِ،
َھـتِ ڪـاتي ڳِـڙُ واتِ، ُپچــڻُ َپــرِ پِــريــنءَ جــي.

َحبيبــنِ ھيڪــارَ، َمنجھـــانِ مھـــرَ سـذُ ڪيـــو،
ســو ُمــون ســپ چمـــارَ، اورڻ اُھـــو ئــي ٿيـــو.

پــابوِھيـــو ُپچـــنِ، ڪتــي َھـــتُ حبيـــبَ جـــو؟
نيــزي ھيـئــان نِينھــنَ جــي، پاسـي پـاڻُ نــہ َڪــنِ،
عاشــقَ اَجــلَ ســاُمھـــان، اوچــي ڳــاتِ اَچـــنِ،
ُڪســڻُ ُقـــربُ َجـــنِ، َمـــرڻُ َتـــنِ ُمشـــاھِـــدو.

جي تو بيت پانئيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر يمن ڪلياڻ

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دردَ جي دَوا،
جانِبَ! منهنجي جيءَ ۾، آزارَ جا اَنواع،
صاحبَ! ڏيج شِفا، ميان! مريضنِ کي.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جو دارُون،
دَوا آهينِ دل کي، تنهنجون تنوارُون،
ڪريان تي ڪارُون، جنئن ٻُڪي بِينئون نه ٿئي،

جت حبيبَ هٽنِ، نائڪ ٻَيري نينهن جي،
تتي طبيبنِ، وِڄا وڃي وِسري.

ڪانارِيا ڪٽڪن، جنين لوهه لڳن ۾،
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لڇنِ،
پاڻهئين پَڌن پٽيون، پاڻهئين چڪيا ڪنِ،
وَڻان واڍوڙَيِن، رهي اَجهي راتڙي.

جي تو بيت پانئيا ________________

سَگهنِ سُڌ نہ سُورَ جي، گهاَيلَ ڪيئن گهارِينِ؟
پيلَ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙَ نہ وارِينِ،
پَر ۾ پَچن پرينءَ لءِ، هَئي! هنجون هارِينِ،
سَڄڻُ جي سارِينِ، تَن رويو وِهامي راتڙي.

تَنَ طَبيب نہ تونَ، سُڌ نہ لهين سُور جي،
سانڍِ پنهنجا ڏَيڙا، ڪَڏ ڪٺي ۾ پونُ،
ڪانَ گهرجي مُون، حياتي هوتنِ ري.

پاڙي ويڄَ هُئامِ، تان مون مور نہ پڇيا،
تيلاهين پيامِ، موريسر اکين ۾.

وَڏي جَن وِڏيَاسِ، وَري وَيڄَ ٿي سي ٿيا،
تُرتَ ٻڌائون پَٽيون، روز ڪيائون راسِ،
هِينئڙا! تنين پاسِ، گهارِ تہ گهاَيلُ نہ ٿئين.

جي تو بيت پاڻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويــــجَ ! مِ بُکــــي ڏي! آلا چڱـــي مَ ٿيــــان!
سَــڀڄڻَ مــانَ اَچــي، ڪَــرَ لاهــوُ ٿِـي ڪَــڏهِيــن.

ڪُنيـــسِ ڪَ ويڄـــنِ، تَــنَ طبيـــبَ نـــہ ڳَـــڏيا،
ڏيئـــي ڏنـــبَ ڏَڏَنِ، پاٽـسان ڏِيـــلُ ڏڪـــوئِيـــو.

اگهـــنِ مِــڙي اَڄَ، ڪيــو سَـــڏُ صِحــتَ ڪــي،
ڏُور، ڏُڪنـــدا! يَـــڄُ، مِهـــريءَ مُنهـــن ڏيکـــاريو.

پُـــڄُ پَتنـــگنِ ڪـــي، سِـــنديون ڪامـــڻَ خَبـــرُون،
آٽيـــو وِجهـــنِ آڳِ ۾، جِـــيءُ پَنهنجـــو جـــي،
جيـــري جنيـــن جـــي، لڳـــا نيـــزا نِينهـــنَ جـــا!

پَتنـــگُ چـــائين پـــاڻَ ڪـــي، تـــہ اَچــي آڳِ اُجهـــاءِ!
پَچـــڻَ گهڻـــا پَچـــائِيـــا، تـــون پَچـــڻَ ڪـــي پَچـــاءِ!
واقـــف ٿِـــي وِســـاءِ، آڳِ نـــہ ڏِجـــي عـــامَ ڪـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتنـــگن پَهـــُ ڪيـــو ، مِڙيـــا مَتـــي مَـنـج،
پَســي لَهــسَ نـہ لَڇيــا ، سَــڙيا مَتــي سَــج،
ســَنــدا ڳِچيـــن ڳــجَ ، ويچــارن وجــائيــا ،

چَــڙهِيــو چَڪاســن چــاءِ ، آڳَ پرنــدي آئيــا ،
وِهســن واڙيءَ ڦَــل جئــن ، محبتــي مــچ لاءِ،
آٽــــي پـــــاڻ آڙاءِ، ڪٺـــــي ڪُــوري وچ ۾ .

سَــرها ڏنــم ســي، ساجاهہ جسن سِــراڻ ســين،
تيــغ تنيــن جي ڪي؛ ڪـٽ نـہ لڳــي ڪـڏهين .

آٽنـــي اتــــر واءِ، مِوڪـــــيءَ مـــــٽَ اپُنيــــا ،
مَتــارا تنهيـــن ســاءِ، اَڇــن سِــرَ سَــنباهيــو،

وجهــجِ وانــاڙتُــن تــي، ميخـــاني جــي مــاڪَ،
تيندي سُڌ سيڪنهين، هنـڌ هنـڌ پونـدي هـاڪَ،
پِرهــ جــا پيــاڪَ، جُهــ ســي اڳــڙِ آئيــا ،

جي تو بيت پانئيا ———————————————

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪـي چوڪـي نــ تـئـي، اصـل اوڇـي ذات،
وَٽيـون ڏيئـي راتِ ، مَتـارا تنهـن ماريـا.

مَتـارا مـري ويـا، موڪـي! تـون پـي مَـرُ
تنهنجـو ڏوسُ ڏمـرُ ڪونـ سـهندو اَنِ ريءَ!

سَري ڪين ڪيونِ ، ويـڻَ موڪـيءَ جـي ماريـا!
ڪـو جـو سـخن ڪـلال جـو ، پِتـي تـي پيـونِ!
تِهـان پـوءِ ٿيـونِ ، مـرڻ متـارنِ ڪـي!

ڏِنـي ڏکويـا، اَڻ ڏنـي راضـي ٿيـا،
صوفي تئن ٿيا ، جيئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

(٢)

صوفـي لاڪوفـي ، ڪونـ پـانئينس ڪيـر،
منجهـان ئـي منجهـ وڙهـي ، پـڌر نـاهيس پيـرُ
جنيـن سـاڻس ويـر ، تـئـي تنيـن جـو واهـرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفـيءَ صـاف ڪيـو ، ڏوئـي ورق وُجُـودَ جـو،
تهــان پــوءِ ٿيــو، جيئــري پســڻ پريــنءَ جــو.

عــالمِ آئــوَن ســاڻ ، پَريــو تــو پيــرَ ڪــري،
پــاڻ نــہ آهــي ڇــاڻ ، مانــدِي مَنــدُ پکيڙيــو.

طالبُ ڪٿرَ سونهن سَرُ ، اِيءَ روميءَ جي رهاڻ،
پِهرِيــن وِجــاڻُ پــاڻُ ، پــوءِ پســنِ پِريــنءَ کــي.

جــن کــي ڏَورُ دَردَ جــو ، ســبق سُــوَر پڙهــنِ،
فِکــر ڦَــرَهــي هــٿ ۾ ، مــاٿ مطــالع ڪــنِ،
پَنــو ســو پڙهــنِ ، جنهــن ۾ پَســن پريــنءَ کــي.

عاشــق عَــزازِيــل، پيــا مِڙئــي سَــڏڙيا،
منجهــان سِــڪ سَــبيلَ، لعنتــي لال ٿيــو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَڙهيو تا پڙهنِ ، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوهہَ چڙهنِ ، جئن وَرَق ورائين وِترا.

اڪر پڙهہَ اَلف جو، ٻيا وَرَقَ سڀ وسار،
اَندرُ تون اُجار، پنا پڙهندي ڪيترا.

جئن جئن وَرَقَ ورِائين، تئن تئن ڏنو ڏوهہُ،
تنهن ڪهڙيءَ ڪبو ڪوهہُ؟ جي رهڙيءَ رهيو نہ سُپرين.

ڪاتبَ! لِکن جئن، لايو لامُ الف سين،
اَسان سڄڻُ تئن، رهيو آهي روح ۾.

تهڙا چالِيها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتبَ! ڪرئين، متي پنن پيهہ،
جي وَرقَ ورائِين وِيهہ، تہ اڪر اهنو ئي هيڪڙو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن هو پائين ڪان ڪمان ۾ ، تہ سينو سپر رکَ،
منهن ۾ معشوقن جا ،چاڪَ چٽنگا چکُ،
سوريءَ پانءِ مَ شڪُ،عاشقُ تيُ تہ ابهين.

پائي ڪانُ ڪمانَ ۾، ميان! مارئيمَ مون،
مون ۾ آهين تون ، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

محبت جي ميدان ۾ ، اَچي پيرَ پيان ،
سرَ ويڙهه ، ڏڙَ ڏارَ ڏرِڻ ، ايءُ سينگارَ سندان،
ڏيندا مون ڏنانِ ، متا محبوبن لئي.

محبت جي ميدان ۾ ، ڪر پُڙاڏو پَٽُ،
سرُ سوريءَ،ڏڙُ ڪنگرين ، متان ڪچين ڪٽُ!،
عشق نانگ نپٽُ ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪنس ڳيرو،
جيءَ جسي ۽ جانِ جي ، پڇي جو هيڪاندِ،
سسي نيزي پاندِ ، اڳل تہ اڌ تئي.

اَڃا تو منجهاءَ ، ڪَڪَ ڇُتي رَتُ نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا ، ڪيئَن جهليندين گهاءَ؟
سو تون ڪڄاڙياءَ ، سِڪَڻَ جون سَڌون ڪرين؟

عاشقَ! معشوق جي ، وڻي ويهہ ڳِري،
جِمَ وِرچي ڇڏئين ، سندي دوست درِ!
ڏيندا ٻڪي ٻاجهہ جي ، ويندءِ نپ ٺري،
اسان تان نہ سري ، تو ڪئن سري سپرين؟

سورُ جِنين کي سَريو ، سَرِي تن صحتَ،
مِني مصيبت ، آهي عاشقنِ کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنن تون مَ چِن، پاءِ اُميري اَنِ سين،
جي هو اَوِڳڻ ڪَنِئي آسونهِين ! تہ تون ڳُڻان ٿي ڳِنَ،
پاندُ جهليو تون پِنُ ، هن سُونهاري سَڱَ ۾.

نمي ڪَمي نهار تون، ڏُمرُ وڏو ڏک،
منجهان صبرَ سُکُ، جي سنوارئا! سمجهين.

هُو چَونسي تون مَ چوءُ، واتان وَرائي،
اَڳِ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِين ڪِي.

آڻ چوندِ مَ چوءُ، چوندن چيو وسار،
اَنئي پهرَ اَدب سين، پَر اِهائي پارِ،
پايو مُنهن مُونن ۾، غُربت ساڻ گذار،
مُفتي منجهِ وهارِ تہ قاضيءَ ڪاٽيارو نہ ٿئين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينـــــني جنيـــــن وَٽِ، ڏکنــــــدو ڏاڍو ٿئـــــي،
سا مجلس ئي مــَـٽِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

وينــــي جنيــــن وٽ، ڏکنـــــدو ڏُور ٿئـــــي،
تـــون تنيـــن ســـين ڪـــَـــٽِ، اوڏا آڏي پڪـــڙا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر ڪنڀات

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، ڀلائيءَ جا ڀيرَ،
اڳڻ اُڪنڊين جي، ڏي پابوهي پيرَ،
قَمَرُ پاڙي ڪيرَ، شمسُ سُپرينءِ سين؟

رات سَهائيِ، پوَن سَنئين، پنئين وڏو پَندُ،
هلندي حَبيبن ڏي، ڪَرَها! موڙِ مَ ڪنڌُ،
پَندَڻ سوئي پَندُ، جو پهچائي پرينءِ ڪي.

اڄ پڻ اَچائي، چوڏهينءَ ماهَ چَندَ جي،
مون گهَرِ مون پرينءِ، اَچڻ جي وائي،
مون گهَرِ واڌائي، پيئي ڪامَ ڪَرنِ ۾.

(3)

چوڏهينءَ چَندَ! تون اڀرين، سَهسين ڪرين سينگارَ،
پلڪَ پريان جي نہ پڙين، جي حيلنِ ڪرين هزارَ،
جهڙو تون سَڀَ چمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَنڊَ! تنهنجي ذاتِ ، پاڙيان نہ پرينِ سين،
تون اَڀو منجهہ راتِ ، سڄڻ نتَ سوجهرا.

چَنڊَ! چوانءِ حَقُ ، جي وڙهين جي ورجين،
ٻہ اکيون ٽيون نَڪُ ، تون نانهہِ پرينِ جهو.

(١٨)
ڪٽي نيڻَ خمارَ مان ، جان ڪياٺون نازُ نظرُ،
سُورجَ شاخُون جَهڪيون ، ڪُوماڻو قمرُ،
تارا ڪَتيُون تائِب ٿيا ، ديکينديِ دليَرُ،
جَهڪو ٿيو جَوهرُ ، جانب جي جمال سين.

هنَ تاري، هنَ هَنڌِ ، هسُتِ منهنجا سُپرين،
سَجڻَ ماڪيءَ منڌِ ، ڪَڙا ٿين نہ ڪڌهين.

ناسِينديِ نهارَ پهرين ڪجِ پرينِ ڏي،
آئون جيِ ڏئين سنيهڙا، چئج چَنَڊَ! اَپارَ،
ساجَنَ! سَپَ چَمارَ ، اکيُون اوهان جي آسري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چگّا چَنَڊَ! چئيج ، سَنيها ڪي سڄڻين،
متان اڳڙ اُيري ، پرينِ جي پئيج،
جهيڻو ڳالهائيج ، پيرين وڃهي هٿڙا.

ڪَرَها! ڪَسَرَ چڏ ، وِڪَ وڌندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اُنهين ، جتي جانبَ جاءِ،
توکي چَندَنُ چارِيان ، پيو وَڳُ لاٽي ڪاءِ،
اِئين اُٺَا اُناءِ ، جيئن هونديءَ رات هُتِ مِڙون.

ڳُلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتي مَنجهه مَهارَ،
چانگا! چَندَنُ چارينءِ ، اَنَئي پَهرَ اَپارَ،
سَنديءَ پِيءَ پَچَارَ ، جي مون رات رسائيين.

نَوَ نِيَرَ پائي ، جان مون هنئڙو جهليو،
وِيڙو چِنائي ، پوئينءَ رات پِرينِ ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکِ لاِکيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئي ڳَنڍومِ،
اکينِ سُونهن ٽيومِ، مُلهه مهانگو مَ چئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر سريراڳ

مانَ پُڇنئي سپرين، ڇتَ رکج چيتُ،
سِڙهُ ڏئاري صافُ ڪر، صابُڻَ ساڻ سُپيتُ،
ساموندي! سُڇيتُ، تِيُ تہ پَهچين پارَ ڪي.

مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتَ ۾ چيتاريج،
ڪَڍج ڪائي ڪَچَ ڪي، ڪوڙُ مَ ڪمائيج،
وَڻجَ وِهائيج، سَڀُ سوداگرَ! سَچَ جو.

محبتَ سندو مَنَ ۾، ماڻِڪَ! ٻارجِ مَچُ،
اِنَ پَرِ اٿي اَچُ، تہ سَودو تيئي سَفَرو.

سِڙهَ سَنوان، لاڄُو نوان، اولا سندن عاجَ،
ساٿي سفرِ هليا، پري جُنگَ جهاجَ،
حاصلُ ڪرئين حاجَ، واحدَ! وڻجارَنِ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي منجهہ جـَهانَ، سو تـاريءَ تڳي تنهنجـي،
لطفَ جي، "لطيـف" چئي، تـو وٽ ڪـَمي ڪـانَ،
عدلَ ڇـُـٽان آئونَ نہ، ڪو ڦيرو ڪـِـج فـَضـُـلَ جو!

سـاريِ راتِ سـُـبحانُ، جـاڳي جـن يـاد ڪيـو،
ان جـِـي عبداللطيـفُ چئـي، مِـثـيءَ لـذو مـانُ،
ڪوڙيـن ڪـَـن سـَـلامُ، اَڳهـہِ اَچيـو اُنِ جـي.

(ٽ)

وڪـَـرُسـو وِهــاءِ، جـو پَئـي پـُـراڻو نـہ ٿئـي،
وِڃينـــدي وِلات ۾، ڌرو ٿئـــي نـــہ ضــــاءِ،
سا ڪا هـَـٽِڙَ هَــلاءِ، اَڳهـہِ جنهنجي اُبـَـهـِـين.

ڊَنگـي وِچ دريـا ، ڪـي ٻـُـڌي ڪـي اِپـڙي،
هـُو جي واڍي واڻيا، سي سـُـونهـِڙَ، سـپ سـَـڙيا،
مـُعـلـَـمِ ماڳِ نـہ اڳـِئـين، فِرنگي منجهـہ ڦـرِيـا،
مـلاحَ! تنهنجـي مـَـڪـُـڙيءَ، اَچي چـورَ چڙهيـا،
جتـــي ڊِنـــگَـہَ ڊِريـــا، تتـــي تــارِي تنهنجــــي!

جي تو بيت پانئيا ————————

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيـڙياتـا! ٻيئـي ، تونـہ ڦبـَنديـُـون ڳـالھڙيون،
سچيون راتيـُون سـُمهـِين ، پـَرُ سـُكاڻ ڏيئـي،
صـُـباحَ سيپئـي ، پـارِ پـسـُـيچندءِ خـَـبرونُ.

بـَـندَرِ جـان َپئـي ، تـہ سـكاٽيا! مرَ سـُـمهو،
ڪَپـَرُ تو ڪـُنَ ڪري ، جٺن ماڻيءُ منجهہ مـَهـِـي،
ايـڏا سـور سـَهـِـي ، ننـڊ نـہ ڪجـي ناڪئـا!

چـَـگنِ سـان چـَـگايـُـون ، اِئـن سـَـيكو هـوءِ،
تـو جٺن ڪري نـہ ڪـوءِ ، بـُـچـَـنِ ساڻ پـَـلايون.

چـَـگا ڪـَـنِ چـَـگايـُـون ، مـَـنايـُـون مـَـنـَـنِ،
جـو وَڙُ جـُـڙي جن سـين، سـو وَڙُ سـيئي ڪـَـنِ.

جـہُ صـَرافـَـنِ لـَـڏيو، تـہ تـُـون پـڻ لـَـڏج سـونَ!
قـَدرُ لـَـهـَـندءِ ڪونـہَ، نيئـي ڳـڏيندءِ ڳـڏونءِ سـين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿي!
پلئہ پايو سَچُ، آچيندي لَچَ مَران!

ويا سي وِينجهارا! هيرو لالُ وِنڍِينِ جي،
تنِين سَندا پويان، سِيهي لَهَنِ نہ سارَ،
ڪُتِينِ ڪُتِ لُهارَ، هاڻي اُنِين پيٺِئين.

تاآنگهي ۾ تاڻي، بِسَنڌُ پنهنجو تُرَهو،
اُونهي ۾ آڻي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو پيو؟

ڏوري لَهہ ڏاتارَ جِمَ وِهين ويسرِو؟
هَيڪو هوئِجِ هوشيارُ ڪِنوڻِ ڪنوَندي اوچتي.

سُتين سَنجهيئي، وڄُ ڪِنونديءَ ويسرا؟
وِيرَ وَري ويئي، اَسارَنِ تان اوجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامونڊي! ٽو سَنبَهِين ، ساڄو جَهلِ سُڪاڻ،
لَڳي ٖ واءُ وَڏانـدَرو ، مُنجهائي مـَهراڻ،
جنِين ڀانيو ڀاڻ ، ڪَري ترائي تن ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ سامونڊي

پَکِّيَهه پاسيَ گهارِ، آيَل سامُوندينِ جي،
وجهي جِيءُ جَنجارِ، جِمَ وَڃنئي اوِهري.

سيئي جوڀَنَ ڏينهنَ، جڏهن سَڄَڻَ سَفَرِ هَليا!
رُنان رَهنِ نہ سُپرين، آيَلَ ڪَريان ڪيئن؟
مونکي چاڙهي چِيئن، ويو وَڻجارو اوِهري!

نہ سي تَتِرِ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جون!
سَرتيُون! سامُونڊين جا، اَڄُ پڻ چِڪِيَم چاڪَ،
مارينم فِراقَ، پاڙيچيوُن! پِرينِ جا.

هينئڙو بيڙيءَ جان، ڏتَتِرِ پئي ڏينهن تيا!
بُچيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهوُ تي ڪڏهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَــرَ نِسريــا پــاندَ، اُتــسَــرَ لڳــا، آءُ پِريــن!
مون تو کارڻِ کانڌَا! سَهِسين سُکائون کيون.

جيڪر اَچي هاڻِ، تہ ڪريان روحَ رڇَنديُون،
آيَلِ! ڏولِئي ساڻُ هوندَ ڳَسرِ لڳي ڳالهيون ڪريان.

اڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وڻجارا وَڃڻَ جسون،
هلڻَ هارا سُپرين، رَتان تان نہ رهَنِ،
آئون جهَلِينديِ ڪيترو! آيَلِ! سامُونڊين،
پَڳَهَ ڇوڙي جَنِ، وِڏا ٻيڙا ٻارِ ۾.

ڪُوهَنِ سِرِ وانِٽيون، وانٽين سِرِ ڳَنڍَ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪَنڍَ، ماءِ! سامُونڊي آئيا.

پُران ماَنَ پُڇان، بَندرَ مُون ڏورَ تيا،
نہ مُون هَتَرَ نہ هَنجَ ڪي، جو آئون چَئي چڙهان،
اِيهين ڪَچ پاڻي! جنهن پَرِ پريَنءَ مڙان،
ڪارُون تيِ ڪَسريان، تو دَرِ اِيي ناڪُئا!

www.sindhsalamat.com ——— books.sindhsalamat.com

اَسان اڌارا، آڻي آوَنگ چاڙهيا،
مُنهن ڏئي مون آئيا، سَهمان سيارا،
اُيرنِ سيكارا، پسيو وَرَ پين جا.

مون اُيي تَڙ وَٽِ، پرينِ پَڳهه ڇوڙيا،
كا مونهين ۾ گهٽ، نا تہ سَڄڻ سَباجها گهڻو.

جي تون وڻجارو كانڌَ، تہ مون هَنڌِ مَ لاٿون لڏيُون،
پَر ڏيهہ مَتي سانگَ، اَنئي پَهرَ جنهن كيو.

ڏِني ڏِياري، سامونديُنِ سِڙهہ سَنباهيا،
اَنِ كي مُندَ اُتَرَ جي، اوچِتي آئي،
وَڻجارنِ وائي، آهي پَرئين پارَ جي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ سهڻي

وَهه تِڪَ واڪڙ تِڪ، جِت نينهن تِڪَ نِرالي،
جَن کي عِشقُ عميقَ جو، سي خِلوتَ خيالي،
وارِثين سي والي! هِنئڙو جن ھَٿِ ڪيو.

ڏٺي جن هيڪارَ، صورتَ ساهڙَ ڄامَ جي،
سُکَ تي سُتيُون ڪين ڪي، پِري سانڍ پتارَ،
گِهڙيون گهڙنشان ڏارَ، ڪاهي پيئُون ڪُنَ ۾.

ڪَنڌيءَ اُپيُون ڪيتريونَ، ساهڙُ ساهڙُ ڪَنِ،
ڪنين سانگو ساهَ جو، ڪي گهوريس ڪيو گهڙَنِ،
ساهڙُ سندو تَنِ، گهاگهائي گهڙَنِ جي.

وَڏَنِ وينا ڪانگَ، وِڇين تي ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هَٿِ ڪري، سُڻي سانجهيءَ ٻانگَ،
سيئي ڏِونڌي سانگَ، جتي ساهڙُ سُپرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڙي گـَـهڙو هـَـٿِ ڪـري، ٻوڙيـائين ٻـانهون،
ويچـاريءَ وَڏيـُـون ڪَـيـون، وچ دَرِياهـَ دانهـُـون،
مـوتُ مـُحِـبُ! پاهـُـون، تاڪـُنِ تـَـڪي آهيـان.

گهـِـڙي گهـَـڙو ھـَـٿِ ڪـبري، اِلاهـي تـُـهارَ،
جَـنگهـَ جـَـرڪي واتَ ۾، سِـــسي ڪـي سيسـارَ،
چـُـوڙا پِيـڙا چـِــڪَ ۾، لـُـڙَ ۾ لـُـڙهـَـيس وارَ،
لـَـڪين چـُهنيسِ لـوِهٽيوُن، تيلهيـوُن تـَـرِنئوُن ڏارَ،
مـِـــڙيا مَـچ هـزارَ، ياڳـا تينـدي سـُــهٽي.

مـِـنهـِـن جنهنجي مـُـون، ڏنـو مـُـنهن ميهارَ جـو،
آهيمِ ساهَ سَئوُن، سـو ڪيئـن گهـَـڙو گهـورِيان؟

گـــهَڙو يـَـڳـــو تہ گـــهـــورِيو، پـــاڻـــان هـــوحـِــجابَ،
واجِــــٽُ وِجــــي وُجـُــود ۾، رهـــــيو رُوحَ رَبـابُ،
ساهَــڙُ رِيءَ ثـَــوابُ، آءُ گـــهـٽو ئـــي گـــهورِيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهَــڙو پـَــڳو، مـُــنڌ مـُـئـِــــي، ويـا وَسـِــيلا،
سارَ ڇـَـڏيائِيــن سِـيرَ ۾، هـَـئـَـيءَ! رهيـا حــِــيلا،
سـُــهڻيءَ جـَـا سـِـــيلا، وَحـدَتَ سـِـپ وِجـائِيـا.

گهَــڙو پـَــڳو، مـُــنڌ مـُـــئي، وِسـيلا وِيـا،
تِنهـان پـوءِ سـُـئـا، سـُـهڻيءَ سـَــڌَ ميهـارَ جـا.

پـانڌ مَ ڪـَــڄِ پـانڌَ سـين، وَسـِــيلا وِسـارِ،
لـُــڙُ لـَــنگهائي سـُــهڻي! پِـرتِ وجهندي پـارِ،
سي تـُـرتُ لنگهنديـُـون تـارِ، اُڪـَـــنڊَ جـن سـين.

ســــِـڪَ رَسـائي سـُـــهڻي! اَصـلِ عاشــِقـَـــنِ،
سي جـَهليـُـون ڪيـنَ ڪـُـنـَـنِ، پـُـڇنِ جي ميهارَ ڪي.

پـُـڇـَـــنِ جي ميهـارَ ڪـي، پـُـڇي سي ميهـارُ،
تـُـرَهـو تـنـِـين بـارُ، عشـقُ جنـِــين کـي آکـِــرو.

جي تو بيت پانئيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهــــڙُ ، سا سُـهڻي، سائرُ پڻ سوئي،
آهي نجوئـي ڳجهـــ، ڳجهانـدَرَ ڳالهڙي.

دَهشَتَ دَمُ دَرياهُ ۾، جِتَ ڪُنَـنِ جا ڪَـڙڪا،
سَـهي ڪيـن سمونـدَ جا، مـاندي دلِ دَڙڪا،
ساهَـڙَا! تـون سُڻُ ڪا، فَـرِيادي فَـقيرِ جي.

دَهشَـتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جِتِ جايُـون جانـارَنِ،
نَـڪو سَـنڌو سِيرَ جو، مَـپُ نـہ مَـلاحَنِ،
دَرنـــدا دَرياهـــ ۾، واڪــا ڪيـــو وَرَنِ،
سَـچا پيـڙا بـارِ ۾، هَـــليا هيـٺ وجـن،
پـُــرزو پئدا نـہ ٿئي، تَـختو منجهان تـن،
ڪـو جـو قَـهر ڪُنَـنِ ۾، ويـا ڪيـن وَرَنِ،
اُتي اڻ تـارَنِ، ساهَـــڙَا! سِيرَ لَـنگهاءِ تـون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَـڙُ تَـڪَـڙِ تـارِ گهـَـڙڻ، اِيءُ ڪاٽيـارِنِ ڪـمُ،
ڏهــَ ڏهــَ پيـرا ڏينهــَــن ۾، ڏي ڏوراپـا ڏمُ،
عقـلُ، مــَـتِ، شـَـرَمُ، ٽيـئـي نينهــَـن نهوڙيـا.

جِـئان گهڙي تئان گهيڙُ، ڪَـپـَر پـُڇَنِ ڪـُوڙيون،
ڏمَ سين جـُسو ڦاهرا، مـَـنَ ميهـار سـين ميـڙُ،
سا نَـدي پانـئي نيڙُ، جنهن ڪي سڪَ ساهـَڙَ جي.

جِـئان وَهي تئان واٽَ، ڪَـپـَر پــُڇَـنِ ڪـُوڙيون،
جن ڪي سِڪَ ساهڙَ جي، سي گهيڙَ نـ پـُڇَـنِ گهـاٽَ،
جن ڪي عشقَ جي اُسـاٽَ، سي واهـُـڙَ پانـئين وِڪـَڙي.

ڪنهن جنهـن گهيـڙَ، جئن اَوتـَـڙان تـَـڙُ تيـوسِ،
سـالمُ ويئـي سـُهڻي، ڪـُنـَـنِ ڪـِـينَ ڪـَـيوسِ،
اُهـــسُ اکڙيـُــنِ ۾، پِريـان جـو پيـوسِ،
حـَقان حـَقَ تيـوسِ، هـُـئي طـالِبِ حـَقَ جـي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُئي طالِب حَقُ جي، تـوڏي لاڪُـوّن تـوڙَ،
نہ مَلاحُ نہ مَڪُڙي، نہ ڪِي ٻـَـڌي نـوڙَ،
پـاڻي پِنـيءَ ٻـوڙَ، سُـهڻيءَ ليکـي سِـيرَ ۾.

ساري سِڪَ سَبَقُ، شريعَتَ سَبندو سُهڻي!
طَرِيقتانِ تکـو وَهـي، حَقيقـَتَ جـو حَقُ،
مَعرِفَتَ مَرَڪُ، اَصلُ عاشقِنِ ڪـي.

سِيارِيءَ سِهـَ راتِ ۾، جا گهـِڙي وَسندي مِينهَن،
هَلو تہ پُڇُون سُهڻي، جا ڪَرَ ڄاڻي نِيهَن،
جنهن ڪـي راتـو ڏينهـَن، ميهارُ ئي مَنَ ۾.

سانوڻَ گهِـڙي سَيَـڪا، هيءَ سَـرهي سِياري،
تَـنُ وڏائيـن تـارِ ۾، اَرواحَ جـي آري،
مُحبتي مـاري، ڪونهـي دادُ دَرياهـہَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهـُـڙَ! پـَريـُـون مَ پـاءِ، تـو پـڻ ليڪـو ڏيٺـو.
سـَـــدا سـانوَڻ ڏينهـَـڙا، هِـئـن نـــہ هـوَنــداءِ،
وِهــاڻي وينـــداءِ، اوپـــَـــرَ اَتاهـــان لهـــي.

واهـُـڙَ! وَهِين مَ شال، سُـڪي پيلانيـُـون تئيـن!
پـَسان تـُـنهنجي پيــٺَ ۾، لاٽـا، لـوُتَ، لِيـارَ،
جـئـن تـو سـَـپ چـَـمارَ آسـائـِتيـُـونَ پـوڙيـوُن.

اَديـوُن! سـپِ اَنـدامَ، چـَـڙَنِ منهنجـا چوريـا،
لارُنِ جا لنئون لائي، سا ڪيئـن آچـِيان عـامَ؟
لـَڳِـيس جنهنجي لامَ، سو دلاسا دوستُ مـُنجي.

جِيارَيـسِ سـَـنپارَ، ڪـُـهُ ڪـَـرِينـدَمِ ڳـڏجي؟
ويـروتـارَ وُجـُـودَ ۾، پِريــنءَ جــي پـَـچارَ،
سي سَـجـَڻَ هـٿئن نہ ڏارَ، جي هِنئين ۾ حـَـلُ ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـــتي تيـو ميهـارُ؟ ڪتـي تـو گهـــندُ گـڙي؟
ڪـــتي ڏُنهـي دوستَ جـي؟ ڪتي پـَـرِيـون پـارَ؟
جنُن مـُونُ سـَـپ ڄـَمـارَ، جـَـرَ ۾ جوتـُـون ڏنيـون.

مينهـُــون ڦـــن ميهـــارَ جـون، اَلا! ســَـپ ڄيـنِ،
ڪـارِيونُ ڪـَـڪـِيـُـون، ڪـُـنڍيـونُ وارا ڪيـو ويِهـنِ،
جـُـوءِ جـا جانـارَنِ جـي، ٻيـلا ٻهـہَ ٻهـہَ ڪــَـنِ،
اَڇـي ريـلَ رَهـَن، مــون ســانيارا ســُـپرِيـن.

گهـــِــڙيا ســـي چـــَـــڙهيا، اِئيـــن اَتيئـــي،
مـــَـئي مــَــتي مــــِـهراڻَ ۾، پئـو ٽپـو ڏيئـي،
تـہ ميهـــارُ مليئـي، سنبــَــيوڙو ســِيڻاهَ ســين.

ٻـَليان پـَلــِيو نـہ رهــي، نِرتــُـون نينهـَـن نبــارُ،
گهــِـڙان، گهــورِيـو جِنـدڙو! اتــَـلَ مــُـون اَپــارُ،
جنــِين مـَـنِ ميهـارُ، هـَـلــَـڻُ تنيــِـن حــَقُ تيـو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَہ ڪَرَ ڪيِن سُئي؟ جي سِيرَ نہ گھڙي سُھڻي،
هِت حياتيءَ ڏينهَڙا، هَڏهِن تان نہ هُئي،
ڇُڪيءَ تنهن ڇِري ڪِئي، جا ڏنس اَن ڏٺي،
سُهڻيءَ کي، سَيدُ چئي، وڏو قُربَ ڪُهي،
هُنئهين هُوندَ مُئي، پَرَ بُڏيءَ جا بِيڻا تيا.

ڪا جا ڪُنَ ڪَرِينِ، پِنيءَ پُٺِ جُھڻِ پاڻ ۾،
اکيُون تنهن آبَ کي، آڏيءَ اُڪيرِينِ،
توڙي تِڪُون ڏينِ، تہ بہ اُجَ اُنينِ کي نہ لَهي،

دائمُ جا دَرياھَہ ۾، سا مَچي ڪِني ڪوھُ،
آهِس اِيُ آندوھُ، پاڻي ڪِتي نہ پِيان،

جيڪي ڏِنءِ تارِ ۾، ڪَنڌيءَ سو ڪَهيج،
جَرُ وڏو جهاجهہ گهڻي، پاڻ مَ پُسائيج،
ساهَڙُ ساڱاهيج، تہ ثابِتُ لَنگهين سِيرَ مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳـوڙا ٻڌي پـارَ، هنئـون حيـرتَ ۾ پيـو،
وِهانَ تـہ ويَـرِمَ ٿئي، نينهـَن ۾ پوءِ نهـارَ،
وجـائِن تـہ واڪيو ٿئـي، پـاڙي پوءِ پـچارَ،
هُتِ ٿي وَعدي وارَ، هِت سُوٿون ڏينمِ سرتيونَ.

جا هَـڙَ اَندرِ جيءَ، سـاهـَـڙَ ڏنـي سـاهَ کـي،
سا هَڙَ چـُڙي نہ ساهَ جي، سا هـَڙَ ساهـَـڙَ ريءَ،
ساهَڙُ ميڙِ سَـميعَ! تہ سا هَـڙَ چـُڙي ساهَ جي.

ساهـَـڙَ جـا سـِـينگارَ، آءٌ لکيـا اڳـي هـُـئا،
نڪا ڪُن فَيڪُونَ، هئي، نڪا ٻي پـَـچارَ،
مَلَڪَنـئان مَـهـَندِ هئي، تـوڏيءَ جي تـَنوارَ،
مُحَـبتَ ساڻُ ميهـارَ، لايـائين لـَطيفُ چئـي.

(٦)

ڪامـان پـَچان پـَجـُـران، لـُـڇان ۽ لوڇـان،
تـَـنَ ۾ تونـس پريـنءَ جـي، پيـان، نـہ ڌاپـان،
جي سَمـُندَ مـُنهـِن ڪريان، تـوءِ سُـرڪيـائي نـہ ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كاري راتِ، ڪَڇو گهَڙو ،اڻتيهين اونداهي،
چَنڊَ نسالو ناهہِ ڪو، ڏَرياهہَ ڏڙَ لائي،
ساهَڙَ ڪارڻِ سُهڻي، آڏيءَ تي آئي،
اي ڪَمُ اِلاهي، نا تہَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گهِڙي؟

(٩)

كاري راتِ، ڪَچو گهَڙو، مٿان وَسي مِينهَن،
هِڪو پَوءُ بيراهہَ جو، پيو سانيارا سِينهَن،
شال مَ ڇِڄي نِينهن، گهِڙان گهورِيو جِندڙو!

اورارِ نہ پَارِ، ويچاري وَهہَ وچَ ۾،
سُڪيءَ ڏني سُپرين، پيو مڙيئي تار،
تون گِهڙُ ڪيمَ نهارِ، پُڏندَنِ سين پاجهونَ ڪري.

سَهسين سائرَ پوڙيُون، منڌَ پوڙِيو مهراڻ،
وَهہَ وچايو پاڻ، هَٿي ڪَنڌُ ڪَپَنِ سين.

جي تو بيت پاڻيا ———————

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تو بيتَ پانيا، سي آيتون آهين،
نيو مَنُ لائينِ، پرِيان سَندي پارَ ڏي.

ڪانڌي ڪَنگَ تياس، وَهَڻُ جَنازو سُهٽي،
ٻگها جي پيٽَنِ جا، ڪُلها تن ڏناس،
آڪئين مَلڪَ ڏِناس، توءِ مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي.

ڪَنڌيءَ جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُيو آهوُن ڪري،
تو ڪيئَن ٻوڙي سُهٽي؟ پيلي منهنجي ٻانهَن،
دَرِياهَ! توتي دانهَن، ڏِيندسِ ڏِينهَنِ قيامَ جي.

هادي! حَقُ رکيج، سانيارا ساهَڙَ جو،
خوابَ، خيالَ، خَطِرا، تن کي تَرَڪُ ڏِئيج،
اَندَرُ آئينو ڪري، پَرَ سنو پَسيج،
اِنهيءَ راهَ رَميج، تہ مُشاهِدو ماڻئين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بُـڌَندي ڀُـوڙنِ ڪي، ڪـي هاتـڪَ هَـٿَ وِجَـهنِ،
پَـسو لَـڄَ لطيف چئـي، ڪيـڏي ڪـي ڪڪَـنِ،
توڻـي ڪَـنڌيءَ ڪَنِ، نـا تـہ ساٿنِ وڃـن سيرَ ۾.

ڪـو جـو وَريـو واءُ، جيئَـن ڀـلَ ڀانهـُن ڇـڏيو،
اڳَـي اِنِ تَـتڙاءُ، اونداهيـان ٿـي اُڪـرانِ،

جـَرِ ٿَـرِ تِـڪَ تـَنوارَ، وَڻُ ٽِـڻُ وائـي هيڪـڙي،
سـيپئي شَـيءِ ٿيا، سـوُريءَ سـزاوارَ،
هـَمَـہَ مَـنصـُورَ هـَزارَ، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

سَـيَـتِ پَـچارَ پِريَـنِ جي، سَـيَـتِ هوتَ حـُضورَ،
مـُلِـڪِ مُڙيوئي مـَنصـُورُ، ڪـُهي ڪُـهندين ڪيترا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَـهرن لَـکَ لِـباسَ، پاڻيءَ پَـسَـڻ هيڪڙو،
اُونهـي تنهـن عَـميقَ جـي، واري ڇـڏ ِ وماسَ،
جِت ناهـِ نِـهايتَ نيهَـن جي، کوءِ اُت پنهنجي کاس،
تَـڙَن ِ جي تَـلاش، لاهـِ تہِ لالَـنَ لَـڳِ تِـئين.

جي قيامَ مِـڙَن ، تہ کَرَ اوڏ سُپريـن،
تهان پـري سُـڄَـنِ، واڌايـونَ ِ وصالَ جـون.

تَـڙَن ِ جا طَـعنا، سَهَـنگا ڏِينم ِ سَـرِتيونَ،
دَرياهـَ ديوانـا ! سَـڻُ حَـقِـيقت جالَ جـي.

(١٥)
نَـکو سَـنڌو سورَ جو، نَـکو سَـنڌو سِـکَ،
عَـدَدُ ناهـِ عِـشقَ، پـُـڄاڻي پاڻَ لَـهي.

سِـکَ تنهنجي سُـپرِين، ! جئن تَـران تئَـن تارَ،
تـون ئـي رهيـو روحَ ۾، تـون ئي آکنـئان ِ بـار،
پِرين! تنهنجي پارِ مـُـون واجهائيندي وَرِهـَ ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَـــڪَ تنهنجي سُـپرِيـن! ڪَـــپي ۽ ڪـــوري،
سَـــگَهان نــہ چـوري، ڏاڍو نيـــرُ نينـــهن جــو.

سِـڪَ سِـڪَـــنديـــنِ لاهــہِ، وِڇـوڙيـا ميـڙ پـرِيــن،
ايڏي سـگهہَ سَـــچا ڏٺــي! تـوئِـي ڪـي جـــُڳاءِ،
تَــنُ جنِــين جو طالبُــو، مَـهــرَ تنــين ڪي پاءِ،
ميڙائـي جـو مـاءِ! ڪـانگَ لـَــوَنــدو ڪـڏهيـــن.

ڏنـي ڏينهن تِيــامَ، ڪـُــهہ ڄاڻــان ڪهــڙا پرين،
وِلــنِ جـَـئَن وَرِيـامِ، گـُـــونڌرَ غـــمَ پريـــنِ جــا.

گهـَـرُ نـــہ ورُ نــہ وَٿُ ڪــا، آهــمِ مـَــنِ ميهــارُ
اِنَ اوسِيئڙي اِٿِيـان، سـَــنجهي ڪـري سِــينگارُ
پِريـن! تنهنجو پارُ پَسان مانَ پـَــرِ ڪنهــــين.

نــہ مـُــون نانـاڻِيـان ڪـَـتِــيـيو، نڪـي ڏاڏاڻِيـــان،
پِــرِيــن جـي پـاران، مـــُـون سيـن وڏائـي وَڙَ ٿيـــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر سَسُئي آبِري

اَوَلِ آخِرِ آهِ، هَلَنَڻُ منهنجو هوتَ ڏي،
پورِهيو سَندو پورِهَيتين، والي! ڪيمَ وڃاءِ،
سو مُون تورو لاءِ، جئن جِئري مِلان جَتَ کي.

مُحَبتِ جن جي مَنَ ۾، تن تِشَنگِي تارِ،
پِي پِيالو اَڄَ جو، اَڄُ سين اَڄ اَتِيار،
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تہ اَڄَ سين اَڄَ اَڄهائيان.

ساجَنَ ڪارڻِ سُڄَ ، مَرُ قَبُولي سَسُئي،
اَندرِ جنِين اَڄَ، پاٽي اَڄيو اَنِ کي.

پاٽي مَتي جُهوپڙا، مُشُورڪ اَڄَ مَرَنِ،
ساهان اوڏو سُپرين، لوڄي تان نہ لَهنِ،
دَمُ نہ سُڃاڻَنِ، ڏانهون ڪن مُنِ جيئن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي اُت ڪوهيارُ، جت پوري! پانئيو،
پَندُ مَر ڪَرِ پَهاڙَ ڏي، وجُود ٿئي وِڏڪارُ،
ڏاريا پانئجِ ڏارَ، پَيچُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

سوئي ڪَسٽيو ساڻُ، سوئي ڏورئين سَسُئي!
ڪَڏهين ڪَنهين نہ ڪيو، چلُڻ مَنجهان چاڻُ،
پَيچُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِئائين لَهين.

وَجين ڇو وِڏڪار؟ هتِ نہ ڳولين هوتَ کي،
لِڪو ڪينَ لَطيفُ چئي، پاروچو پئي پارِ،
تِيُ سَتِي بَڌُ سَندرو، پِرت پُنهونءَ سين پارِ،
نائي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، چَپَرِ چَلُ مَ تون،
مَنجهان لَڌو مون، ڪوهيارو ڪيچَ ڌڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَتان مُني! ڇَڏِئين، پِرِيتڙو پاڻا،
ڇاوَن جئن ڇاڻا، تون پڻ هوئيج تن جئن.

هيجُ نہ هوندو جن، سي ڪيئن وِندُرِ ويندِيُون،
وِهو وِچ رَهَنِ، سَهسين سَڌُنِ وارِيُون.

آتَڻَ ۾ پِرِياڻَ، هوءِ سَيني جيڏِئين،
مون سَياڳيءَ ساڻَ، ڪيرَ ڇُلندي ڇَپرِين؟

(١٢)

سُڪَنِ واري سَڌَ، مَتان ڪا مون سِيني ڪَري،
اَندرُ جَنِين اَڌَ، ڏونگرَ سيئي ڏورِينديُون.

وِڃو سَبِ موٽي، آئين جي وَرَنِ وارِيُون،
ڪانہ هَلندي ڪيچَ ڏي، ڪَريو مَ ڪوٽي،
ڪَڏِيَمِ ڪا ڇوٽي، وِڌَمِ جوڳُ جتنِ لاءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽي مَران مَ ماءِ! موٽَڻَ ڪانَ اڳي مَران!
لُڇي لالَنَ لاءِ، شالَ پُونديس پيرَ تي!

پَڇي جان پَنيورَ ڪان، ڏونگرُ ڏورِيو موُن،
ڪاهي رَسَيس ڪيچَ ڪي، جِتي پاڻَ پُنهون،
سَيَتِ آهِئين تُون، قَضا ڪَنديِن ڪنِ سين؟

(13)

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ روحَ رِهاڻِ،
تہ نَڪو ڏونگرُ ڏيهہ ۾، نَڪا ڪيچِينِ ڪاڻِ،
پُنهونِ ٿيَس پاڻِ! سَسُئي تان سُورَ هُئا.

وَهَمِ ورسا ياس، نا تہ پُنهون آئون پاڻَ هُئي،
پاڻُ وِڃايُمِ پانهنجو، پَئي پريان جي پاسِ،
رَتِي عِلِمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻِ پرينءَ جي.

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوهُہ پَهي؟
وَفِي اَنفُسڪُم اَفَلاتبُصِرُونَ، سوچهي ڪَرِ سَهي،
ڪَذِهن ڪا نہ وَئي، هوتُ ڳولَڻَ هَٿَ تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوتُ تنهنجي هَــنجَ ۾، پــُڇين ڪوهُــ پِريـانءِ؟
وَنَحنُ اَقرَبَ اِلَـيهِ مِنِ حَبَلِ الوَرِيدِ. تنهنجو توهين سانءِ،
پنهنجــو آهــي پــانءِ، آڏو عـَــجـِــيبنِ ڪــي.

پينـَرُ آئون پوري، مـُون سـَـگُ سـُجاڻي نـ ڪيـو،
ڏينـدا مـــُون ڏيــرَ ويــا، جهڄـَــڻُ ۽ جهــوري،
لـَـڳي جـن لـوري، ڏونـَـگرَ ســي ڏوريندِيــونُ.

اَديونَ! آئون اَجاڻِ، مـُون سَـگُ سـُجاڻي نـ ڪيـو،
هونـدَ نـ سـَـنَـيمِ هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻِ،
رَتـيءَ جي رِهـاڻ، جِــيءُ اَڙايــَــمِ جـَــتَ ســين.

دَردُ نــ لـَــهي داروئيــن، زُلـــــفُ زورُ ڏِنــوم،
ڪا ڪـَلَ ڪالَ ڏِنـومِ، رُخسـاريءَ تـي رُوپَ سين.

ڪا ڪـَلَ ڪـَنـِي جا، ڪفـَن تنهين ڪـينَ ٿئي،
مـَـنجـِــهه شـَــهادَتَ سـا، لـُــڏي ۽ لاڏ ڪــري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَچي عِزرائيلَ، سُتي جاڳائي سَسُئي،
تي ڊَوڙائي دَلِيلَ، تہ پُنهونءَ ماڙهُو موڪليو.

مُنڪَرِ ۽ نَڪِيرَ کي، جڏهن ڏٺائين،
اڳيان اٿي ان کي، پُنهون پڇيائين،
اَدا! اِتائين، ڪو وِيو ساٿُ سَڄَڻَ جو؟
هيڪلِيائي هاڻِ، پوريڏِيسِ پُنهونءَ ڏي،
ڪَنديَسِ ڪوهيارَل سين، رُڃي رُوحَ رِهاڻِ،
رُلي ڇُلي ڇَپَرين، ڪَنهن پَرِ لاهيان ڪاڻِ،
آِهيان گهٽو اڄاڻِ، پَر سُورَ پِريان جا ساڻ مُون.

صَبَر ۽ شُڪرَ کي، ڪاڏي آئون ڪَندي،
آِهيان جنهن سَندي، سو تہ گُهرجي ساڻ مُون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَــڏِ نــہ ساھہُ سُــڏِيــنُ دِلِ دَرِ مــاندي دوسَ ري،
پــائي وِيــڙا پِــرتِ جِــو، زوراوَرُ زَنجِــــــيرُ،
جيءُ، جُــسو جاڳِيــنُ ھــاٿي مــِــلڪَ ھــوتَ جــي.

عُــمَــرِ ســَـبِ عشــقَ سين، پُــنهون جي پُــچِــَـنِ،
رِيس ريڏالِيوُنَ تــن سين، ڪـُــچاڙِي ڪــي ڪــَــنِ؟
مــارڳِ جـــي ســَـــــرَنِ، وڏو طـــالعُ تـــن جـــو.

ويني وَرِ نــہ پَــوَنِ، ســُــتي مــِلـَنِ نــہ ســُـپِرِيـن،
جي مــَـتي رَنــدَنِ رَتُــنِ، ساجَــنُ مــِـلي تــن ڪــي.

ٻــَـرِيــائي تــہ ٻــارِ، قــوڪ تــہ لـَـڳي اَنبــَـــرين،
ھــِــتي جــي ھــُـئڻ جــُــون، وَتــوُن ســَــبِ وِســارِ،
ســَـــموَرِي ســَــرِڪــارِ، نيئــــي رکــــجِ ناھــــ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَنُ ٻُڌيُ ڪيچِينِ ڪُڇيو، ڪُڇَ مَ ڪُڇيائون،
رَهِي نہ رَتيءَ جيتري، اُنِين وَٽِ ”آئون“،
وَڍي وِڌائون، هو جو وَڻُ هُنَئَ جو.

ڪَڏَهن پَٺِجي ڪَنُ تي، ڪَڏَهِن ٻُڌِيجي واتَ،
ڪَڏَهن تِيجي ڪاتَ، ڪَڏَهِن تِيجي ٻَڪِرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر معذوري

ڏکيءَ ڏمَرُ ناهِ، بُکيءَ کِلَ نہ اُجَهي،
اگهاڙيءَ وِهاڻُ، ويو ويچاريءَ وِسري.

سَپِ نَنگيوُن تي نِکرو، لالچ ڇڏي لوپَ،
سُپيرِيان سين سوپَ، نِندوُن کَندي نہ تِئي.

(١٨)

کَندا مُون پَيرِنِ ۾، توٽي لَکَ لِڳَنِ،
آگرِ آگوُني نہ مِڙي، ڇِپوُن پير ڇِنَنِ،
ويندي ڏانهن پِرِينِ، جُتي جاتِ نہ پائِيان.

مَري جِيءُ تہ ماٽئين، جانِبَ جو جَمالُ،
تِئين هُوند حَلالُ، جي پَندِ اِها ٿي پارِئين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَـر تـہ موچـاري ٿئيــن، ويهـي وِجهـہُ مَ ويـرُ،
دِلِ ۾ آڻِ مَ دَورُ تــُـون، ڦِـرَڻَ ســَـندو ڦيـــرُ،
توڙي لَـهـِـين نـہ پيرُ، توءِ راحـَـتَ آهـِ رڙهـَـڻَ ۾.

مَرَڻان اڳي جي مـُـئا، سي مـَـري ٿـِين نـہ مـاتُ،
هونـدا سـي حـَـياتُ، جـِـئـَـڻان اڳي جـي جـِـئا.

جـِـئـَـڻان اڳي جي جـِـئا، جـُـڳ جـُـڳِ سي جـِـئن،
اوءِ موتِي کـيـِـنَ مـَـرَنِ، مـَـرڻان اڳي جي مـُـئا.

پـَـنڌُ نـہ پـَـنڌَنِ جيترو، کـِيئـَـن سُجـَـندي کـِـيهہ،
جيکـَـر کـَـريان رِيهہ، پر چونـدا مـُـنڌَ چري ٿـي.

مـُـني تـي مـُـدَعـا گـُـهري، مـوتُ ٿيـو موجـودُ،
اَچـِـين تـہ اَچُ کـَـريان، صـُـباحَ جـو سـُـجودُ،
جانکي نـي وُجـودُ، جـانکي ميـڙِ مـُـنيءَ کـي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانڪي ميٽڙ مُنيءَ کي، جانڪي مُنيءَ مارِ،
ڏکيءَ ڪي ڏيکارِ، هيڪَرَ هوتُ اکين سين،

ڏکيءَ سَنديُون ڏونگَرين، پَسو! پٽون پَوَن،
مُئي پُچاڙا مُنڊَ کي، روجهہ رُجَنِ ۾ رُئَنِ،
پوٽا اِيَهين چِوَن، تہ "مُئيءَ اسان کي ماريو!"

وَڏيءَ سي واڏوڙيا، رَتُ نہ ڏنو جن،
موتُ قبوليو تن، ڏنو جن ڏکيءَ کي.

وَڏيَل تي وايوُن ڪَري، ڪُنَلِ ڪُوڪاري،
هُسنِ پَتَنِ پنهنجا سارِيا، هيءَ هنجوُن هنڻ لٿي هاري.

ڏکي تُوءِ ڏکارُ توٽي وَسَنِ مينهَڙا،
صاحِبَ هَبتِ سُکارُ هِنَ وَسِ آهينِ هَتَڙا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئَونَ نہ گَڏي پِرينءَ کي، پويون ٽِيو پَساھ،
سِڪان ٽي سَڪِراتَ ۾، رويو پُڇان راھُ،
شالَ مَ وَڃيمِ ساھُ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

15

رُڃُنِ ۾ رَڙِ ٽي، ڪَرَ سارَنگيءَ سازُ،
اِيءُ عِشَق جو آوازُ، ماڙهو رکَنِ مُنڌ تي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ديسي

مُنيَس! جهَلِ مَهارَ ڪُنيَسِ! ڪاهِ مَ ڪَرَهو،
مُون نِماڻيءَ جي نِجهُري، پيرو ڪَجِ پتَارَ!
ساڄَنَ! توهان ڏارَ، ڏِنمِ ڏِينهُنِ قِيامَ جو.

١٥

ڏاگهَنِ، ڏيرَن، ڏونگَرَنِ، ٽنهي ڏِنَمِ ڏڪَ،
سي سَپُ پِانَيمِ سُڪَ، هيڪاندِ ڪارڻِ هوتَ جي.

ڏاگهَنِ، ڏيرَن، ڏونگَرَنِ، ڏڪَنِ آئون ڏڏي،
پُچان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وڪَ وَڏي،
لِڪِئي آئون لَڏي، ناتَ پَٿَنِ پَندَ ڪيرَ ڪَري؟

اڱڻَ مَتي اوپِرا، جڏهن ڏِنَئي تَوڏا،
وَنگيءَ نہ وارنِ سين، تَن گورنِ جا گوڏا؟
تہ لَڪَنِ جا لوڏا، هوندَ نہ سَنئي سَسُئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳـــي اٿَ رَڙَنِ، مـــون پيـــري مـــاٺِ ٿـــيا،
پلاڻينـدي پـاڻَ ۾، ڪـُــڇيو ڪـــينَ ڪـُــنِ،
ڪا جا مامَ مـُـنِ، هـِـنِ پڻ هـُـئي هـُـنِ سـين.

ديسي سيڻَ ڪَجـَنِ، پـَرديسي ڪـَـهڙا پِريـن؟
لـَـڏيو لاڏوڻـــا ڪـَـيو، پنهنجـي ديـس وَڃـنِ،
پـُـڇاڻا پِرَيـنِ، ڪـَـجي بـَـس پـَـنيورَ ڪـان.

ڏُرِيـان ٿـي ڏاريـا، مـِـٺَ مـُـئيءَ جـا نـه ٿـيا،
مـَـدي ڏيـرَنِ مـَـــنَ ۾، ڪـِــليو ڪـِـــيڪارِيـا،
صـُـبوحَ ٿـي سـارِيـا، تـه اٿَ نـه اوطـاقنِ ۾.

اٿَ ويـري، اوٺـارَ ويـري، ويـري ٿيـڙَمِ ڏيـرَ،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لـَـٿـيا پـُـنهونءَ پير،
پـَنجون ويري سجُ ٿيو، جنهن الـَـهي ڪي اَويرَ،
ڇـَـهون ويري ڇـَـپـَـرُ ٿيو، جنهن سـَـنوان ڪيا نـه سيرَ،
سـَـتون ويري چـَــنڊُ ٿيو، ڪـَـڙيو نـه وَڏيءَ ويـرَ،
واهيري جي ويرَ، ڇـُـلوُنَ ڪـَـرِيـان ڇـَـپـَـرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اللهُ ڪارڻ اوڻيا! ڪَرَهَا مَ ڪاهيو،
جانِبَ! جَبَذي جِيءَ جو، آڳاندو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، مَتان مُنهنجا سُپرين!

ڪيچان اوري ڪيترِيُون، مَعذوُرِيون مُيونَ،
واٽُونَ وِيهي تِيونَ، ڪُهي ڄاڻا ڪيهي ويا؟

اَلا! اوءِ، اَچَن جُن آئي مَن سَرَهو ٿئي،
پَسان مانَ پَرِ ڪنهين، جَتَنِ سَندي جوءِ،
لنگهي لڪ لَطيفُ چئي، سُٽيان هوتَنِ هوءِ،
گولي تِيان گلبوءِ، جي سڄاڻان ساتَ ڏٿي.

ڪيچان آيو قافلو، طَرَحَ موچاريءَ تُوڙ،
سِينگارِيائون سَيدُ چئي، ڪَرَهَا مُنجهان ڪوڙ،
لَڪُ لَهي تي لوڙ، جيجان! تن جَتَنِ جي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪو ڪيچ پَنهيون، نَڪو مائٽ مُنڌَ جو،
هورُ مِڙوئي هِنَ ڪي، هوتَن ڪونهي هورِ،
زاريءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونهَ حَبيبَ سين.

جئن سو هَرَڻ هَناءُ، سَرگردان سَنسارَ ۾،
هِيءُ پَڳُ نه ڪوڙين پَتيئين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏار نه ساهُ،
جيڪُس تَنِ مُلاءُ، سَسُئيءَ سُورَ پِرائيا.

ٿَمَرُ جنين نه ساڻ، هوتُ حِمايتي تن جو،
ڪَري چيچ چَپَرَ ۾، پُنهون ايندو پاڻَ،
تِيندي ريجهه رِهاڻِ لَحظي مَنجهه لَطيفُ چئي.

(17)

جَبَلُ ڀاري جڳ، جو آڏو آرِيچَنِ ڪي،
توڙي لَڪَنِ لَکَ، سَبِ لَنگهنديس سڪَ سين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏ ِتراڇـا، اُهــُـــڙا، ڏونـــگرَ ڪـــي ڏاڪـــا،
ڪَيَـمِ آهـَ عَـجِـيبَ ڪي، سـِـڪَ مَنجهان سا ڪا،
پيئي هِـتيڪي هوتَ ڪي، ڪـُوڪَ وجي ڪنِ ڪـا،
مـُـنهنجو وَسُ واڪـا. ٻـُـڏَڻُ ڪـَمرُ ٻـَروچَ جـو.

ڪوڏَرِ نہ ڪاتي، جنهن سين تـَـڪـَـرُ ٽاڪـِـيان،
جيڪو جَـبَـلُ لـَنگِهـِيان، سو هــَيبـَـت جو هاڻي،
پِـرِيـنِ جـا پـاتي، سـا جـَــتِ جـِــيئري نـہ لــَـهي.

سِـڪي جان سُتياس، تان سڪَ سُمَـهـَـڻُ نہ ڏئـي،
جاڳي سُتـِيسِ جن لـَـئہ، سي آيا تـان نـہ اٿـِـياس،
پينـَـرُ! آئون پـُلـِياسِ، نہ تہ سـِـڪَ سُـمَـهـَـڻُ ڇا لـَـڳي؟

ٻـَنهورءَ سين ٻـِرِيتِ جـو، ڪـو جـو پـيچُ پيـومِ،
پـَــنيي هــِـنَ پـَـنيورَ ۾، وِهــــڻُ وِهـَـِ تِيـومِ،
مـَـتيون موٽـَــڻَ سـَـنديونَ ڪـاڪيونَ! ڪيــمِ ڏِيـومِ،
سـَرَتـِيون! ساهُ سـَـندومِ، ِتيو حـَــوالي هـوتَ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ڪوهياري

غافِلِ! غَفِلَتَ ڇوڙِ! تُون ڪِيئَن اَٿاسي! اوجهِرِين؟
ڇُپاتا ڇَڙهي ويا، وجي پَهُتا توڙِ،
نيٺين ننڊَ اکوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪرين.

سَنجهي رَهِين سُمهي، غافلُ! مَنجهِ گهَرَنِ،
ليڙين جو لَطيفُ چئي، ڪو گَلُ سوءِ نہ ڪَنِ،
سي ڪيئن مُحِبَ مِڙَنِ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهي.

اِيءُ ڪَمُ ڪَميٽِنِ جئن سُمَهَنِ پيرَ ڏِگها ڪَري
لوچِين چوڻ لَطِيفُ چئي، هارِي! لَئي هوتَنِ،
ننڊان نِياگِينِ ڪي، اويالا آچَنِ،
سي پُنهون ڪوهہ پُڇَنِ؟ جي سَنجهي رَهنِ سُمهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏونگرَ! مُون نہ ڏکوءِ، آئُونَ اڳَ ڏکوئي آهِيان،
سارِيانَ کونہَ سُکوءِ، سورَ گهَٽيي سَنيِران.

کي جي کَديا پارَ، ڏکيءَ ڏونگرَ پساڻَ ۾،
سُٽي سا تَنوارَ، مِروُنَ پِيا مامِري.

جيهِي جي تيهي، تہ بہ پانهي پارَوچَنِ جي،
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون کَمِيٽيءَ کيهي،
اَصُل آريءَ ڄامَ جي، پَلءِ آئُونَ پيئي،
هُوءَ جا پائِينِ پيرَ ۾، تنهن جُتيءَ نہ جيهي،
وِساري ويهي، تن کيچِيُنِ کي کِيئَن رَهان؟

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جي، جي ظاهِرُ کَريان ڏَري،
لَڳي ماٺ مِروئَنِ کي، ڏونگرَ پَوَنَ ڏَري،
وَجَنِ وَڻَ ٻَري، اويَرِ اِيِري کِينَ کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر حُسيني

سَرتيونَ ! سُڄي سَڄَ، مَتان ڪا مُون سين هَلي،
پاڻي ناهہِ پَندُ گهٽو، اِڳيان رائو رڳي رڄَ،
مَتان مَري اڄَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرينءَ کي.

سُئيءَ ڪا تَنوارَ ڪي هُنئين تي هَٿَ ڪَٽِين،
سَوين روليونَ سَسُئيون، هوتاڻَنِ هزارَ،
پاروچاڻا پارَ تورڙان تَرسُ نہ سِگهيا.

ڪي ڏَرَتَتِي ماءِ! ڪي ڄَرَ سَندي سَڄَٽِين،
هَلي ۽ واجهاءِ ٻِنين ڄيرَنِ وچَ ۾.

مَتيان مَتي مَچُ، ٻَريمِ باروچَنِ جو،
مُون کي طَعنا تي ڏِئين، جئَن نہ پَروڙِئين سَچُ،
اَمڙِ! اوري اَچُ، تہ سِٽَ سُٽايَئين سُورَ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـــمـــَــنِ نيــڻَ رَتَ وَهــي، چــُــٹاڪا ڪــَــيو،
مــُــون ڪــي ڏَنءُ ڏِيــو، اَئــِـــين ٿــا وَجــو اوڻيــا!

پَـهــِــي ڪا مَ پــِـجاءِ، اَمــَـڙِ! مــُــنهنجي آسرِي،
ڏيئـي لــَـتَ چــَـــرخي ڪــي، پــُــوٽِيــون پاٽيءَ پــاءِ،
ڪَــتــِيــُـمِ جنهــِين لاءِ، سو ڪــوهِيــارو ڪيچ وِيــو.

آتــَـڻِ چــَـوَنــِـمِ ڪــَـتُ، تاٽيــان، تــَـندُ نـه نڪــري،
پاٽا رِوئي رتُ، چــَـرِخــو مــُــون چــِـڪَ ڪــَــيو.

ڪوءِ هاڙهو! ٻَــنِ هوتُ! ڪوءِ پــُـنهون، ٻَــنِ پِريِتــَــٽو!
مــادَرِ! مــُــون تــان مــُـوتُ، پــَــســَــٽان پِــرائيــو.

جئــَـن جئــَـن تــَـپي ڏينهــُـن، تئــَـن تئــَـن تاٽي پَــنڌَ ۾،
ڪــو آڳانجهون نِيهــن، ٻانيــَــڻِ ٻاروچــَــنِ ســين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جان جِـئين تان جَـلُ، ڪـانهي جاءِ جَـلَـڻَ ري،
تَـتيءَ ٿـڌيءِ هـَـلُ، ڪـانهي ويـل وِهَـڻَ جـي.

۱۹

تتـيءَ ٿـَـڌي ڪاهـِ، ڪـانهي ويـلَ وِهَـڻَ جـي،
مَـتان ِتئي اُونداهـِ، پيـر نـہ لَـهـِـين ِپريـڻ جـو.

هـُـيـَـسِ جـي آئـون، ٻـانهي ٻاروچـَـنِ جـي،
هـونـدَ نـہ ڇـَـڏِيـائون، ڏُکـيءَ ڪـي ڏکـَـنِ ۾.

ساٿي نـہ ٻَـسان سي، جي هـُئَـمِ هِـنئَـين تـُـوٽيـونَ،
هـاٿـي ڪنـِـين جـي، وَجيـو اَگـڻِ اَيـِـيان؟

مـُون سَـڏِيندي سَـڏڙا، سـاِتـي سـَـڏُ نـہ ڏِيـنِ،
وِلـَـهيَ جـي وَٽـاڻ تـي، تـوڏ نـہ تـَـنوارِيـنِ،
هيـڏا هاجـا ِتيـنِ، ٻـُـري هـِـنَ ٻـَـنيورَ ۾!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَهان، تان ڪيچان پَري! وهان، تان وَٽ مُون!
پَلي ڏوريم پون، عَبثُ آريءَ ڄامَ کي.

ڪِنين ڪنين ماڙهئين، گونڌرُ وڏي وَٽَ،
ٻڌي گوڏِ گرَٽَ، ساٿو ڪَجي سُورَ جو.

سُورَا! مَ وڃيجاءُ، سَڄَڻَ جِئَن سانگ ويا،
پِريِنءَ پُڄاڻاءُ، آئُون اوهان سين آهيان.

سُورَ ٻَہ پَتون پَتِ، هِي ڇُٽڪيو ڪي پيو،
پِرِيتَڻي پِرِينءَ جي، ماءِ! مُنجهايَم مَتِ،
پينَرُ! پَليءَ پَتِ، لَڳَمِ ٻانُ ٻَروچَ جو.

ڏُکَ لڳو ڏونگرَ ٻَريو، پينَرُ! ڪاڻي پُون،
مَنان لاٿو مُون، سَندو جِيئَڻَ آسرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکويــوَن ڏيهــان، جيڪـُـس لــَــڏي ويئيــوَن،
هاڻي ڪـِــن مــُــلان، پــُـڇان پِـريَـنِ خـَـبـَــروَن؟

ڏِڪيوَن جان نـہ مِـڙَنِ، تـان تـان پـَـنـَــڻُ نـہ ٿِـئي،
پِيوَن هـُـنـَـئـِـين هـَـٿَ هـَـٿـَــنِ، روُئـنديون روُئـَــڻَ واريـون.

نـہ ڪـي رئـَــڻَ واريــوَن، نـہ ڪـي اوسـارِيــنِ،
مـُـنهيـَـن ڪي مـارِيــنِ، مـُــنهينِ سـَــندا ڏکـَــڙا.

سـُـورَ وراهِـيان سـَـرتـِــيون! جـي وراهـيـا وَجـَــنِ،
پِـيوَن کوهـہ ٻـُـجهـَـنِ؟ جن سـَــندا تـن سامـُــهان.

مـُـٺ مـُـٺ سـُورَنِ سـَـپَـڪـَـنهِـين، مـُـون وَٽ وَتـانِ،
پــَـرَيـوَن ڪـَــيو پـُـٽـانَ، وِيـا وِهـائـوُ نـِــڪري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُکَ سَکَنِ جي سونَهن، گهوريا سُکَ ڏکَنِ ري!
جنِين جي ورونَهن، سَڄَڻُ آيو مان ڳري.

پُڄَنِ سي پَسَنِ، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏورِينديون ڏِسَنِ، اگَڻَ عَجِيبَنِ جا.

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ، مَڇُڻِ مِلَڻَ سان مانِي ٿئي.

جيڪا ڪَندي سَنگُ، مُون جئَن پاروچَنِ سين،
اَنگَنِ چاڙهي اَنگُ، رُئَندي سا رَتَ ڦڙا.

چيچَ مَ قَطاران، ساتُ چَڙهَندو لَڪِين،
مَڇَڻِ ٽِئين پُٺان، وڳَ واٽَ ٿي نہ لَهِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُئان تان راندِ، ڪِلان تان ڪامي هينئون،
اَڪَڙِيون ويساندِ، پِرينءَ گَڏجي ڪَنديون.

نہ َ ڪي تي جِئان، نہ َ ڪي مُئي آهيان!
ساجَنَ! ساهہ ُ ڏِيان، توکي سارِيو سُپِرِين!

توڻ جي ڪَالهہ مُئي، تہ ڪالهہ ئي گَڏي پِرينءَ کي،
ڪَنَهن ڪانہ سُئي، تہ ڪا سَگهي گڏي سَڄَڻين.

اِڳي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارَڳَ ۾!
مَتي پوءِ پِريان، خونُ منهنجو جيڏِيوُن!

وِهِين ۽ وِيلا ڪَري، پِيچِين تي پانڌي،
هاري! هيڪانڌي، ڪنهن پَرِ تيندينءَ هوتَ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙي ناهہَ پَروڙَ، تہ ڪا رات رَنجائي گذري،
ٻانسيڻ ٻاروچنِ جي، گهائي وِڌي گهورَ،
هڪ سَسُئي ٻيا سورَ وِيا ٻنيندا پاڻَ ۾.

هُوءِ جي سورَ سَجَنِ، سي مُون پينگهي ۾ پرائيا،
سانڍياسِ سُڪَنِ، سورَنِ ڪارڻ سَرتيون!

سورَنِ سانڊياسِ، پُورَنِ پالي آهيان،
سُڪَنِ جي سيدَ چئي، پُڪي آءُ نہ پياس،
جيڪُس آئون هُياس، ڳري گوندَرَ وَلِ جي.

سِرِجي، تان سُورَ ساماڻي تان سُڪَ وِيا،
اِهي ٻَئي پُورَ نِماڻي نَصيبُ ٿيا.

مَتان ٿئين مَلورُ، ڪين اڳاهُون آهيان،
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏورُ، حَدَ ٻنِين جي هيڪِڙي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڇا راتِ رَتومِ، ڪوڏِ ڪوهياري ڪَنجُرو،
پينَرُ! پڇايومِ، سُياڻي سورَنِ سين.

سَرتُينِ سَهَجَ مَنجهاءِ، تي ڪوڏِ وراهِيا ڪَپڙا،
تڏهن منهنجيءَ ماءُ، تي پَهَڻَ آڇِيا پَبَ جا.

ڪَڏهن ڪَڏهن جيڏِيونَ! ڪو پَهُ اچيو پوءِ،
سو پڻ ساڙو هوءِ، هِيُ جو ساهُ سَرِيرَ ۾.

سُپيرِيان جي ڳالهڙي، رڳو رَنجائو،
ڏونگرِ ڏولائو، ڏيندا مُون ڏيرَ وِيا.

گهوڙَنَ هَنيونَ گهَٽيونَ، اُنَنِ هَنئي آنءُ،
جا نِينهَن ڳنهَندي نانءُ سا مُون جِئَن پوندي مامِري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَيءِ تو وجي هوتَ، آئون ڪِي اڳيَري ٿِيان،
مَتان چَوءِ بَلوچ، ڪَمِيٽيءَ مان ڪِينَ ٿِيو.

"ووءِ! ووءِ!" ڪَندي وَتُ، مَيچُڻِ ووءِ ! وِسارِئين!
پاٽي هارِ مَ پَدرو، روءُ مَنجهان ئي رَتُ،
صَبُرُ وڏو سَتُ، سِگها ميڙي سُپِرِين.

جَڙَ جِئَري جن سين، مُئي پڻ سين تنِ،
جي هِتِ نہ هوتُ پَسَنِ، سي ڪنهن پَرِ ڪيچ پَسَنديون؟

سَرتيون! سُورُ پِرِيَنِ جو، سُجُڻ ۾ شامِلُ،
ڪوهِيارو ڪامِلُ، مُون کي ڏُکَ ڏيکارِيو.

سَجَڻُ ڏِنو جِنِ ، مونَڻُ تن ميهَٽو،
اي مَرَڪُ مَعذورِنِ ، جِئَن مَرَنِ پِرِيان جي پيرَ تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَرَلَڪَنِ جي لوڏَ، گهوريا سُڪَ پَنيورَ جا!
اَمَڙِ! جي تُون آڇِئين، سي ڪَمِ نہ اَچَنِ ڪوڏَ،
هِنئين منهنجي هوڏ، ٻَڌِي ٻاروچَنِ سين.

اڳي اِيئَن هُياس، جِيئَن پُنهونءَ ڏوتَمِ ڪَپڙا،
هاڻي اِيئَن ئِياس، جِيئَن جَتَ نہ نِينَمِ پاڻَ سين.

ڏڪويِنِ اُهِيجاڻَ، ڪلهي ڦاٽو ڪَنجُرو،
وَجَنِ گونُدَرَ گَڏِيونَ، لوڪَ نہ آڇِينِ پاڻَ،
سورَنِ اَسان ساڻَ، نَنڊي ٿي نِينهُن ڪَيو.

ڪُلهي ڦاٽو ڪَنجُرو، مَتو اڳهاڙو،
پينَرُ! ڪُڇاڙو، مُنهنجو هِنَ پَنيورَ ۾؟

سَڄَڻُ ڏِٺو جَن، تن ڳِچي سِرِ ڳِهُ ڪَيو،
ٻِيونَ ڪوهُ ٻُجَهنِ، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ ليلا چنيسر

هُئِينءَ تہ گَهڻو هوشيار؟ ڪلَ بہ هيئي ڪانڌَ جي،
تــو پــانيو موچـارِيءِ ٽِيــان، ڳِچــيءَ پــائي هــارُ،
ڪانڌَ ڪوڙيءَ جو نہ وڻي، سَــئين پَــتين سِــينگارُ
وَهَــمَ لَــهي وِينجهــارُ دِليــوُن پَــرڪي داسَــڙو.

ڏاهي هُيَس ڏيهہَ ۾، سَــرَتِــين مَــنجهہ سُــڄاڻِ،
ڪا جا پِيَــمِ ڪاڻِ، جِئَن مُنهَن مَــٽاهون نہ ڪَــٽان.

اَلا! ڏاهــي مَ ٿــِــيان ! ڏاهِيــوُن ڏکَ ڏسَـــــنِ،
مـُـون سين مـُـون پِرِيـنِ، پوراٿــيءَ ۾ پالَ ڪَــيا.

وڏيــري هــُــياس، چــَـنيســَـرَ جــي راڄَ ۾،
ڌُهــِلين دَمـامين نــَـقرين، ٿــي پــَلپــَـل پِچيــاسِ،
ڍولــي ڍيلــِـياس، ٿِيــَــسِ ڏهــاڳِــڻِ ڏيهــَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مــَـــٽئي متـــي مــوهجـــي، هــاري ڳـَـــيڙءِ هــارُ
ڪـوڙين ڪـَـيا ڪيتـِـــرا، اِنهـيءِ خـَــرَ خـُــوارُ
پـــِـــري وِيـــو پــَـــتارُ آيـئـــي ڏنــوئن ڏهــاڳَ جــو!

مـَـٽئي مـَـتي جي هـُـئا، تـن چِتـَــنِ ڦيـرِيــُـمِ چِـتُ،
هــارُ ڪـَــتنديـسِ هــوڏ ۾، نيـــَــبهـُ تينــدمِ نــتُ،
ڪـَـوئرو جـو ڪـِـرتُ، مُـونـهــان مـَـــتاهون ٿيــو.

چـَـنيســَـرَ جي چِـتَ ۾، ڪــي جـو اڳـُ هــُـئو
تهـــان پـــوءِ ٿيـــو، مــَـــٽئي مـــَـــتي مـــامِـــرو.

پــُـــوچا ڏنـَـــم پيــرَ ڍَڪــَـــڻَ مـَـــتي ڍولَ جـــا،
مـُـون پـانـِئيـو تنهـن ويرَ ڪوجِهـي ڪـَـندو پـَـريتـِـڙي.

ڏهاڳان سـُـهاڳـِـڻيـُـون، ڪـَـهڙي ڏوهـِ ڪـَـنبـَــينِ؟
وَرُ وِڏوڻـو ايهـِـين، جِنـَـــن پـاڻ پـَــســَـنِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھوريو سو سُهاڳُ، جنهن ۾ پَسين پاڻَ کي!
ڏوري لَهُ ڏُهاڳُ، جنهن کَر لاهُو داسَڙو.

جي ڪارُون آٿين ڪانڌَ کي، تہ روئي رِيجهائج،
لِيلا! لِيلائج، اَتيئي ماڳُ مِنَتَ جو.

جي ليلائي نہ لَهِين، تہ پڻ ليلائيج،
آسَرَ مَ لاهيجِ، سَڄَڻُ ٻاجهِيندڙُ گهَڻو.

چَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪري،
ڪانڌ ڪَنهِين جو نہ وٺي، ڳيرَبُ ۽ ڳاءُ،
جي ٽِڙي ٽورڙِياءُ، تہ دوسَ دَسائي داسَڙو.

سَپيئي سُهاڳِڻيُونَ، سَڀِني ڳچيءَ هارَ،
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينءَ جي، سَهسين ڪَنِ سِينگارَ،
ڏولُ تنين جي ڏارَ، هيئانهِيونَ هَلنِ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَوِڳُڻَ ڪَري اِپارَ، تو دَرِ آيَس داسَڙا،
جِئَن تو رُسَڻَ سَنديون روح ۾، تِئَن مون پيٽي ناهه پَتار!
سائينءَ لَڳِ سَتارَ ! ميٽِ مدايون منهنجون.

ڍولا! ڍيلِ مَ مون، ڪانڌَ! ڪَميٽي آهيان،
سِڪَ تنهنجي سُپرين! پيري وِڏيس پُون،
مُون وَرُ تُون ئي تُون، تو وَرَ وَهُون ڪيترِيُون.

ڪوڙين تنهنجون ڪامِڻيُون، تون ڪوڙين سَندو ڪانڌُ،
مُون ڪي چِڏِ مَ داسَڙا! تہ وَجان نہ وِڙوانڌُ،
مُون ڳِچيءَ ۾ پاندُ، تو چَنيسَرَ هَٿَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ مومل راڻو

ڪالـَـهہ گَڏِيوسوُن ڪاپـَڙي، جـَهـِڙو ماهـُ مـُنِــيِنُ
فَـــيضُ فِـراقَ فـَـقـِـــيرُ جوڳـي جاڳـائي وِيـو.

ڪالهہَ گـَڏِيوسـون ڪاپـَـڙي، پـَهـَـرَسـجَ ڪـانپوءِ،
پـَـــسيو ســُـونهن سـاميءَ جـي، رَتَ وَرِنـو روءَ،
جو مـُنهـِـن مـُومـَـلِ جي پوءِ موتـَـڻُ تـَنهـِـن مـَـسِ ٿيـو.

بيڪـاريءَ ڪـي بـَــرَ ۾، وِيــو ڪـَـيفُ چـَـــڙهي،
ڳالهيوُنَ ڪـَندي ڪاڪِ جـُون، ڳوڙها پِيـَس ڳـَڙي،
ڪـا جـا اَنـڱُ اُڙِي، جِـئـَـن چـُـنا ڦَـتَ چـُـڙي پِيـا.

جـوڳــيءَ تي جـَـڙاءُ ، نِــســورو ئـي نِيـنـهـن جـــو
پـَتـَنگ جـِيئـَن پـَيدا ٿِـــيو ، ســامي ســـجَ وڙاءُ،
آيــو ڪـــاڪ تـــڙاءُ ، ڪـــنوارِيـنِ ڪـــوريِــو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـُـجرِ كــي گجميــلَ جــُـون ، تــارَنِ ۾ تــَـبـَـــرونَ،
هــَــٽي حــاڪمينِ ڪي ، زورَ پــَـــريُـون زَبــَـــرونَ،
ڪاڪِ ڪَـنڌيءَ قـَبـَرونَ ، پـَـسو پـَـرَڏيهِـينِ جون.

مـُومـَــل ڪـي مـَــجازَ جــا ، اکيــنِ ۾ الـمــاسَ،
نــ ڪــا عــامَ نــ خــاصَ ، جـــي وِيــا ســي وَڍِيــا.

هـَـلو هـَـلو ڪـاڪِ ترِين ، جتـي نينهـَــن اُجـَــل،
نہ ڪا جهَلَ نہ پـَـل ، سَـيُـڪا پـَـسي پـرينءَ ڪي.

هـَلو هـَـلو ڪاڪِ تـَرِين، جتي گهـَـرِجي نينهـُــن،
نہ ڪا راتِ نہ ڏينهـُـن، سَـيـُـڪا پـَـسي پرينءَ ڪي.

جـَـهـــڙا گـُـلَ گـُـلابَ جـا، تـَـهـــڙا مـتـــنِ ويــسَ،
چوٽــا تيــلَ چـَـنبيـــليا، هــا هــا! هُــو! هـَــميشَ!
پـَـسيو سـُونهـَـن سـَـيدُ چئي، نينهـَــن اُجـَــنِ نيـشَ،
لالـَـــڻَ جــيِ لبيــسَ، آتــَـــڻِ اڪـــرُ نـ اُجــَــهي.

ئي تو بيت پانئيا ___________

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رچــي جــي رينٽـو ٿيــا، ڪيــنَ اَڀــاتجــَــنِ اوءِ،
ڪــُـنيُ نــہ ڪــاري تنهــن ڪــي، جــو هــالاري هــوءِ،
توڙتــي ڏوڀــي ڏوءِ، تـــہ لالـــي تهيـــن نـــہ لهـــي.

ڪاڪِ نہ جهَلِيا ڪاپَڙي، موهِيا ڪَنهِــن نہ مالَ،
سوڍيون سِــجهائي وِيا، هــَـهِـــڙا جنـِــين حــالَ،
جي چورِيــُنِ ڏِنا چالَ، تـہ بـہ لاهوتـي لـَـنگهي وِيا.

شَـمَـعَ بـاريندي شـَـبَ، پِرهـَ باڪـُـون ڪـَڍِيـُـون،
مــوِٽ مــَــران تــي مينــڌِرا! راٺـــا! ڪــارڻِ رَبَ،
تنهنجيءَ تاتِ طَـلَـبَ، ڪانگَ اڏايـَـمِ ڪـاڪِ جـا.

اَيــي اَيــارِيــامِ، نِڪـَــتَ ســَــپِ نـَــئي وِيــا،
هــِـڪَ مـَـيو پِيــو مينـڌِرو، راتِ سـَـڄي سـارِيـامِ،
ڳوڙها ڳَـلِ ڳـاڙِيـامِ، سـورُجَ شـاخُونَ ڪـَـڍِيـــون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَٽ سـورينديِ وِلَهـا! وِيـو تيـلَ بَـري،
مـوٽ مُسافِر سَپِريـن! چانگي تـي چـڙهي،
راڻـي لاءِ رڙي، ويـئـي وِهـامي راتِـڙي.

ڪَتيـن ڪَـرَ مـوڙيـا، ٽيـڙو اُڀا ٽيئـي،
راڻـو راتِ نـہ آئيـو، ويـلَ ٽـري ويئـي،
ڪُوءِ سـا ڪـاڻي راتِـڙي! جـا پِـريـنِ ري پيئـي،
مُـون ڪـي ڏَنءُ ڏيئـي، ڏوليـو ڏَٽِ قـرارِيـو.

جا پُـون پيريـن مُـون، سا پُـون مَـتي سَـجَـڻين،
ڏکَ لـَتـِبـا ڏوڙَ ۾، اُبِـي ڏِناسـُون،
ڏِينهـَن مِـڙيئي ڏُون! اَتي لـوچِ لـَطِـيفُ چئـي.

رُسُ مَ رُسـَڻَ گهـورِيـو! چـنڊ راڻـا! ريـڏائي،
مُـنهنجي مينـج مينـڌِرا! عـاقِـلَ اِڳلائـي،
لِپيـنـجِ لـَطِـيفُ چـئـي، ڪامِـلَ! ڪچائـي،
ڪَـرِ مـعافُ مَـدائي، تـہ سودا سُـکِـيـاڻي تِـيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڃَ ويا ، لُونئو لُڏاٽُو،
تو پُڇاٽا سُپرِين! آتَڻُ اُجهاٽُو،
مُينِ سين ماٽُو ، مُناسِبُ نہ مينڌرا!

ڪَري موتَ مينڌِرو، جي لڏاٽِيان لالَ،
گهَرُ مِڙيئي گهورِيان، هُوند پنهنجو حالَ،
راڻي ڏاران راڄَ ۾، مُون نہ گهُرِجي مالَ،
سوڍي ڪي سُوالُ، ڪَرِيان تِي قربَ جو.

ڏِنَ مِ وَجِجِ ڏولَ! ڪاڻِياري ڪاڪِ ڪُرِي!
آئون اِکِهين آهِيان، پِڌي تُنهنجي ٻولَ،
توکي ساري سُپرِين، رِنُم مَنجِهہ رِتولَ،
ڏِکاڻا ۽ ڏولَ ، وِسهَ مُون وِهُ تِيا.

ويٺي نِتُ نِهارِيان، راڻا! تنهنجو راهُ،
موٽائي ماڳَنِ ۾، آڻيندو اَلله،
سوڍا! تو ڳَرِ ساهُ، نا تہ رَاڻا گهٽا راڄَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻـي سـَنڌو روُحَ ۾، پـَـسو! پـَـڳهُ پـيومِ،
پيـڙيءَ جنَـن ڀـَـڏي وِيـو، سـوڍو سـاهُ سـَـندومِ،
وِهـَـڻُ وِهـُـتـيومِ، جـاڳيـو تـي جـَـرُ هـارِيـان.

ڍولـي ڍُڪـيـي آهيـان، هـيَـس اڳهـاڙي آنءَ،
رکي پنهنجو نانءُ، ڪَـڪـَرُ ڪـَيائينمِ ڪاڪ جومِ

سـوڍا! صـَـبرُ تـُـنهنجو، مـَـزَڪُ لـَـڄايـَـنِ،
چـُـپ سـين جـي چـَـوَنِ، اَدَبُ ڪـَـجي انِ جـو.

مـوٽـي آيـو مـُـنهَـن ۾، سـوڍا! شـَـرمُ جـَـنِ،
سـي لـَـڄايون لـُـڇـَـنِ، پـَـسِيو عـَـيب اِڳـَـيان.

راڻـي جـي رِهـاڻِ مـان، ڪـو آديسـي آيـو،
ڇوڏهينَ ماهُ چـَـنڊُ جـِـئن، ڪـَـيو سامي‎ءَ سـَـهائو.
لـَـتو اوُنداهـو، جوڳـيءَ سـَـنديءَ جـوت سـان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَئون نِياپو آئيو، راڻي مُلان رات،
لَڌيسون لَطِيف چئي، كَنان ڏاتَرَ ڏات،
كَهڙي پُڇين ذات، جي آيا سي اگهِيا.

كيڏانهن كاهيان كَرَهو، چوڏِس چڻاڻو،
مَنجهين كاكِ ككوري، مَنجهين لُڏاڻو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي بِيو ناهِ كو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ مارُئي

الَستُ بِرَبِکُمۡ، جَڏهن ڪَنِ پِيومِ،
قالوا بَلىٰ قَلب سين، تَڏهن تِت چَيومِ،
تَنهين وير ڪَيومِ، وَچَنُ ويڙهيچَنِ سين.

نَڪا ڪُنَ فَيَڪُونَ هئي، نَڪو لِڳَ لَحَمَ،
بَنيو هو نه بُتَ ۾، اَڃا آدَمُ،
مُون تڏهن سين سُڱُ، اَها ساڃاهه سُپرين!

قِسمَتَ قَيدُ قوي، ناتَ ڪَير اَچي هِن ڪوٽَ ۾؟
آئي لِکِئي لوحَ جي، هَندُ ڏيکاريس هِي،
پَرچي ڪِينَ پَنوهارَ رِيءَ، جانِ جُسوءِ جيُ،
راڄيا! راضي تِيُ، مارُنِ مِلي مارُئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسمت قيد ڪياس، ناتہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟
وَنحنُ اَقربُ اِليہِ مِن حَبلِ الوَرِيد، وَطن آءُ ويندياس،
مارُن کي مِلندياس، ڪوٺيون ڇڏي ڪڏهين؟

نہ خبر نہ خوابُ، نہ ڪو اوٺي آئيو
هُتي جو هِت ڪَهين، ڏِنو ڪونہ جوابُ،
هَميرَن حِسابُ، ڪُهہ ڄاڻان ڪِئن ٿيو؟

آءُ تہ اڪيين اڳهان، جي پائر ڏِنءَ پير،
اللہ لڳ لطيفُ چئي، لاءِ مر تون اوير،
ڪونيين گهاري ڪير؟ مَحلين مُنجهي مُون هينئون.

اَلا! اوٺي آئيئن، جي نياپا نين!
آئون اُنين جي آهيان، توڙي مُون نہ مَيِنِ
مَسُ منهنجي هَٿَ ۾، ڪاغذ ڪي ٽپِن
لُڙِڪَ نہ لِکَڻُ ڏين، ڪِريو پَوَنِ قَلَمَ تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَــــرَ تَـــرَ اَنـدَر تــانءُ، وَنهـــيـن ويڙيچـــنِ جــو،
ســـيِ تنهنجـو ســُـومِـرا، ويٺـا ڳِنـَـهـــنِ نـانءُ،
اُتــي وينـدِيـس آنءُ، لوئـــيءَ لـــَـجَ مَنـــتي كـــري.

ســبِيَ سيبا ڏِي، پــوريءَ نِينهـُـن نــه كــَـچو ٿـي،
كــَـتيءَ وَٽِـــيون كـُـٽيون ،ســَــتي سـيوي ســي،
مَــچـُـڙِ چونِـمِ كـي، تـه لــَـڄاٺيــيءِ تــَرَ ڄاٺيـوُنَ!

پَــــٽولا پــَـنوهاريُـونَ ، مـــُـورَ نــه مــَـتي كــَـنِ،
جــهُ لاكَ رَتـائون لـوئيـون ، تـه سالــنٺان ســُونهــَـنِ،
اُنَ ايــلاچـــنٺوُنَ آڳـري ، بــَـخــمــَـلَ بــافتـــنِ،
ســَكـَـرَ پانيٺيـان سـُومـرا! كـَـتيِ كـان كـهُـنبــَـنِ،
جـا ڏِنيـــمِ ڏاڏٽـــنِ، ســا لاهِينـدي لـــَـجِ مـــَـران.

ســَــــونَ بـَــرابـَـــرِ ســَـڳـِڙا، مــــاروءَ ســَـندا مـُـون،
پَــٽــولا پـَـنـــوهـــارِ كــي، عــُـمـرَ آڇ مـِ تــُـون،
وَرُلوئيءَ جـَـي لـُـون، پـَـتـُ كـِـٺن پـَـهـريان ســُومـرا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُون مارُوءَ سين لَڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سونَ بَرابَر سَڳِڙا ،مُون کي پانهنِ پَڏائون،
عُمَرَ جو آئون، پَٽُ ڪِئن پَهريان سُومِرا.

پَٽُ نہ پهريان سُومِرا! جان کي تانءَ جِئان،
آئون ڪِئن لوئي لاهِيان ، ڪارڻِ ٻِنِ ڏِينهان؟
جانسِين تي جِئان ، ڪانَڌُ نہ ڪَنديس ڪو ٻِيو.

ڪارا ڪارايَنِ ۾، سونُ اَسان کي سُوءَ،
وَرُ جيڏِيَنِ سين جُوءَ، فاقو فَرِحَتَ پانئيان!

(۲۷)

اِيءَ نہ مارُن رِيتِ، جِئَن سيڻ مَٽائِن سونَ تي،
اَچي عُمَرَ ڪوٽَ ۾، ڪَنديَس ڪانہَ ڪُرِيتِ،
پَکَنِ جي پِرِيتِ، مارُوءَ سين نہ مَٽِيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عُمَرَ! اَڇا ڪَپڙا، ڪاٽيارِيوُن ڪِٿَن ڪَنِ؟
جِنِين جا تَرَنَ ۾، وَرُتا ويڻَ سَهَنِ،
هُوءِ جي حَق پَچَنِ، سي ڪِيئَن سَتِيوُن سُومِرا.

آئون ڪِيئَن سَوڙِين سُمهان، مُون وَرُ گهاري وِلِ،
ڪَتيريءَ تان ڪِل، عُمَرَ! ڪَج مَ ايتري!

وَرُ سي وَطَنَ ڄائِيون، صحرا سَتُرُ جَنِ!
گولاڙا ۽ گَگرِيُون، اوڇَنُ اَباڻَنِ،
ويڙهِيا گهمَن ولِيين، جهانگي مَنجهه جَهنگَنِ،
مُون کي مارُوئڙَنِ، سُجَ ڳَٽائي سيجَ ۾!

پَلَرُ پِيَنَ، اوڇَڻُ اُنَ، جن جا پِيرَ مَتي پَٽَ پاڪَ،
وِهَڻُ وَراڪَنِ ۾، اُنِ جي اَجوڪي اوطاق،
پاڻُ نہ پَسَنِ پاڻَ کي، ويچارا بيباڪَ،
عُمَرَ! اُوءِ نہ عاقَ، ڏِکيا جِمَرَ ڏکوئِيين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا، عمَرَ! تو مُلِ عيدَ، سا اسان سُوءَ ورَتي سُومِرا!
ويئي ويچارَنِ وِسري، خُوشي ۽ خَرِيد،
سِڪَڻَ ڪَيا شَهِيدَ، مارُوَ جي مَلِيرَ جا.

مينڊيا ڏوءِ نہ مارئي، پيئَسِ پَنهوَهارِيون پِتِ،
راڄَ رڻاري، هَنجُون هاري، هيءَ هُتيجي هِتِ،
آهِسِ پائرَ پارَ جو، ڪِجَڻُ ۽ ڪَپَتِ،
وِينگَسِ ويڙيچَنِ ريءَ، مَسَ سُٺي ڪا مَتِ،
سُومِرا! سُپَتِ، ڪَرِ تہ ڪوِٺيان نِڪَري.

مَحَلين ماندي مارئي، ڏِنَيسِ مُنهَن مَلُورَ،
اَٽيا سَٽيا نہ ڪَري، سُونهَن وِجايَس سُورَ،
پِيَسِ لوهہ لَطِيف چئي، لَتَسِ ڪوڏَ ڪَپُورَ،
چِتَ جِنين جا چُورَ، سي مَکي مَرڪُ نہ ڪَنديون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كَيَمِ مُهاڙِ مَلِير ڏي ، مَتي ڪوٽَ چَڙهي،
نِتُ نِهاري ڏيهہَ ڏي ، ٻِوڙها پِيمَ ڳَڙي،
نِڱي ڪُوڪَ قَلبَ مان ، مَنجهان روحَ رڙي،
ويڙهيچَنِ وَري ، ڪَر نہ لَڌي ڪَنڌهِين!

جي ڪَرَ لَڌائون ، تہ بَنديءَ بَندُ نہ سارِيو،
مارُوئڙَنِ آئون ، جيڪُس وِيَس وِسرِي!

25

بَندي پِيا قَرارِ آسِين لوچُون لوهہَ ۾،
مَتي تَنَ تَرارِ سَدا سانِيئڙَنِ جي.

ماڙِيُنِ مارِيَسِ ڪِين ڪي ، مُيسِ مارُنِ لاءِ،
ڪَرَ لَهَندا ڪَنڌِهين ، منهنجي اَچي ماءِ!
سانِيئڙَنِ سَداءِ ، ويئو واجَهہ وِجهي هنئُون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون ڪِئَن ڇَڏِيان سُومِرا! تِنَ پَنوَهارَنِ پَچارَ؟
جَتڙَ جنِين جي جانِ ۾، لَڳي رِيءَ لُهارَ،
ميخُون مُحَبتَ سَنديون، هِنئڙي مَنجِهہ هَزارَ،
پَڪا ءِ پَنوَهارَ، ڏِٺي مُون ڏِينهَن تِيا.

سُونهَن وِڃايَمِ سُومِرا! وَطَنِ وَڃان ڪِئَن؟
حُسنَ ڌاران هِيئَن، پَسان ڪِئَن پَنوَهارَ ڪي؟

هيڪُ جِئَن نہ ڄاياسِ، ٻِيو ڄاپَندي جي مَران!
گهَنگَهرُ گهَٽو تِياسِ، ڄاپي ماروئَڙَنِ ڪي!

عُمَرَ! ٻن جِيو اڪوءِ منهنجو سُومَرا!
جا پَرِ نہ پَنوَهارَنِ جي، مُون سين تِيئَن تِيو!
وَني مُنهَن ڪِهو، وَڃان وَطَنَ سامُهِين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَلا! اِئـيَـن مَ هـوءِ ، جئـن آنءُ مـَـران بـَـندَ ۾ !
جـُـسو زَنجـِـيرَنِ ۾ ، راتـو ڏِينهـان روءِ
پـَهرِين وَجان لوءِ ، پوءِ مـَـر ُپـُچـَنـِم ڏِينهـَنـڙا .

واجهـائي وَطـَـن کـي ، جـي ساري ڏِيـان ساهُ
بـُـتُ مـُـنهنجو بـَـندَ ۾ ، قـَـيدِ مَ کـَـريجاهُ
پـَـرڏيهيـاڻي پريـنءَ زي ، ڏارَ مَ ڏَريجاهـُ
تـَـذي وَسائجانءِ تـَـرَنِ جـِـي ، مـِـٽي مـُـئي مـَـتاهُ
جي پويون تِـئي پـَساهُ ، تہ نِجاهُ مَـڙهُ مَلِيرَ ڏي .

واجهـائي وَطـَـن کـي ، آئـون جـي هِـت مـُـياس
گـورَ منهنجي سـُومـِـرا! کـِـج پـَـنوَهارَنِ پـاسِ
ڏِج ڏاڏاڻـي ڏيهـَ جـي ، مـَـنجهان ولڙيـنِ واسِ
مـُـيائي جـِـياس ، جي وَجـي مـَـڙهُ مـَـلِـيرَ ڏي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَتين هَتَ ڪَڙولَ، هِنئَڙي پيَم هُنِ جا،
سانگي سارِيَم سُومِرا! ڍاٽي پاسي ڍولَ،
ٻاٻاڻَنِ سين ٻولَ، ڪَيَمِ نہ ڪوٺَ وِهَڻَ جا.

آٺِينِ ڪي چاڙهِينِ، ڏُتُ ڏِيهاڻي سُومِرا!
سَتا ڪَيو سَيدُ چئي، سائُونَ سُڪائِينِ،
مَنجهان لَنبَ لَطِيفُ چئي، چائرَ ڪَيو چاڙهِينِ،
پُلاهُ نہ پاڙِينِ، عُمَرَ! آراڙيءَ سين.

تِنِ وَنِهيَنِ ويڙهيچَنِ ۾، سَدائِينِ سُڪار،
چُنڊِيو آٺيو چاڙهِيوُنِ: سَندو ڏونرَنِ ڏارُ،
جن جو ويڙِنِ سين واپارُ، سي ڏوٿي هُونِ نہ ڏُٻِرا.

توري قُوتَ قَرارِيا، رَهَنِ سَبَرَ سَتِ،
کٿيءَ ۾ کَهُ يَڪُلِيا، پوٺَنِ اَهَڙيءَ پَتِ،
پَنوَهارَ ڪي پَتِ، پيهي پُڃُ مَلِيرَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَتِنِ ٽُٻَڪَ ٽُٻَڪَڙا، چِڪَندڙا اَچَنِ،
ڪُڙيُونَ ڪيهہَ ڀَڪُليُونَ، پَگهَرُ سِرِ پيسرَنِ،
اِي وَڙَ ويڙِهيچَنِ، مُون لوڏان ئي لِکيا.

سَنِهي سُئيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساههُ،
ويٺي سارِيان سُومِرا! گولاڙا ۾ گاههُ،
هنئون منهنجو هُت ٿيو، هت مِٽي ۾ ماههُ،
پَکَنِ مَنجِهہ پَساههُ، قالِب آهي ڪوٽَ ۾.

پاڇاهي نہ پاڙِيان، سَرَتِيون! سُئيءَ سانڍ،
ڏَکي اگهاڙَنِ کي، ڪِينَ ڏَکيائِين پانڍ!
ٻِيهَرَ ڇاپِي ڇانڍ، اِبرَ جي اوصافَ کي!

ڇُرَنِ ڇُٽِڪَنِ ڇِتَ ۾، سَدا مَنجهہ سَرِيرَ،
لَڏي کَنهن لوءِ وِيا، مارُوَ مَنجهہ مَلِيرَ،
ويٺي پُوڄيان پِيرَ، مانَ مِلَنِمِ کَڏهِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُون ماڙيءَ جو سُومرا! ٻنين پارين ڏک!
هِت عُمَرَ جو آهکُ، هُتِ مارو ڏينم ميھڻا!

هنَ مُندَ مارو سَنَرا، ساٿيھ مَنجھ سُڌيِنَ
هنَ کي لوهَ لَطِيفُ چئي، کونِين اَندَرِ ڪيِنَ
ميھا مَنجھ مَلِينَ، مِينھَن وَسَندا موٽَ تون.

مَتي تَرَ رَهي، وِيا گذاري ڏينھَڙا،
ڪَڏهِن ڪونهَ آيو، تن پَنوَهارَنِ پَهي،
وِٺڙا سي وَهي، جَنبُ گذارِيُمِ جن سين.

ڏُريائِين ڏارَ، وَڏِي وَڻَ جَدا ڪَيا،
تنِ سُکَنِ کَهڙي سارَ، تہ ڪِاٿا مِينهَن مَلِيرَ ۾؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڏينهن آهئين ڪوٽ ۾، لوئي هَڏِ مَ لاهه،
ڪامڻ آنهن جي، ڪُرَ جي آڏِ وڏائي آهه،
هت مَ پاڙج هيڪڙو، پائر جي پساهه،
سَتي! سيلُ نباهه، مَلير ويندين مارئي!

ساهيڙيون سارين تو، سَچ جنين جو سيلُ،
نَڪو قالُ نه قيلُ، انين جي اَدَبَ ۾.

مُون سين مارُوئڙيون، ڪَهڙيءَ ريت رُسنديون؟
چوٽيءَ ۾ چيڙُ پيو، پينم رَتَ جيون،
نيڻن نند وِهه تي، ساري ساڏوهيون،
هتي جي هُيون، ته سُڌ پئين سيلَ جي،

جانڪين سَتُين سيرُ ڪينَ وهنديس ڪوٽ ۾،
سپَ سَمَندين سپجي، نَديءَ پئي نه نيرُ،
جتَن هُوءِ اَبَرَ آسري، تتَن مُون مَن مَلِيرَ،
ڪائر پيئن ڪيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَــرَ ۾ ســپونَ جــيئَــن، آهيــنِ اَبــرَ آســري،
جِئَن ڪُونجونَ سارينِ روهہ ڪي، مُون تَن اَندرِ تيئَن،
هـُـت وعـدا وَجَــڻَ جا، هِـت نـہ پـانئيمُ هـيئَــن،
ڪوتِـين وِهان ڪيئَـن، جي نَظَرَبَـنديِاڻي نـہ هُـئان؟

سـَـبَ سـَمـُـندبينِ ســَپِـجي، آبــرُ آسـاروسِ،
بـاڙو پـيئـي نـہ پـِـڙي، مـِــنو مـُنهــن لڳــوسِ،
ماڻِـڪُ تـي مِڙيوسِ، جِئَـن تنگُ ڪَـدِياڻين تـارِ ۾.

سـِڪو سَــپِ سـَـرتيونَ! سـُـپـِـنِ مــُـلان ســيرُ
پِيــو مـــَــٺائي نِيـــرُ اُپيــونَ آبـــرَ آســــري،

وَطَـــنَ ريءَ ويهـي، جـي هِـتِ گهـاريَـــمِ ڏينهـَــڙا،
اوءِ مـارُوَ ڏينـدومِ مـُنهـَــن ۾، ڏاڏاڻــا ڏيهـــي،
پـُڪـَـنِ ۾ پيهـي، شـَـلَ مـَحَــلنِ جي مـَـرُ لاهيـان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪُس اِئـا مِينهَــن، مُـنهان پــوءِ مـَلــيرَ ۾،
ڪالَهہ سَچوئي ڏِينهَـن، مُـنهنجي اڪِڙيُـنِ اُڪرِيو.

سَـڪَـرِ سيئي ڏِينهَـن، جي مُـون گهارِيا پَــندَ ۾،
وَسايَــم وَڏَقــُـڙا، مَـــتي مـاڙُيِّنِ مـيـنهَــــن،
واجهاڻِيس وِصالَ ڪي، تِيـَـس تَـهِـوارن تِيئـنْ،
نِيـَــرُ مُـنهنجي نِينهَــن، اُجـاري اَچـو ڪـَـيو.

جَـَـ سبـي لوڙائـو تِيـا، جنـــين پـَـرِ رَهَـــن،
مـارو مَـنجـهِہ تَــرِن، رَهـي رَهَـندا ڪيـِـترو؟

اَجُ اَڍَنگـا ويـڻَ، مـــُون ڪـي مـُـڪا جيـڏِيـن،
”هـاري! هـَمــيرَن جـا، جيڪـُس ڪـاڏَي ڪيـڻَ،
سانيـِيئـَـڙا ۽ سيڻَ، ڪِـہ تِـنْو ويـا وِســـري؟“



www.sindhsalamat.com - books.sindhsalamat.com

جيهـا جـي تيهـا، مـون مـارو مـَجِـيا،
مـُون جيڏيـُون مـَلـيرَ ۾، چـُوندِن موڪَ مـِها،
منهنجي آهـَ اِها، ڪـَڏهِـن ڪيرائِيندي ڪوٽَ کي.

ڪانڌُ نـہ ڪـَندِيـَسِ ڪو پِيو، ڪـَتيروئِي خوبُ،
ميروئـي محبـُوب، اَسـان مـارو ُمـَنَ ۾.

مـَنهـُن مـُنهنجو سـُومـِرا! مـَرُ ميروئـي هـوءِ!
مـَتان مـارو چـوءِ، تـہ ڌوتـوءَ ڌوراٽـَنِ ۾.

جـي لـُونڙُ لـِڳن لاثِيين، چيـرِي چيري چـَمُ،
مـُون ڪـُرَ اڳي نـہ ڪـَيو، اَهڙو ڪوجهـو ڪـَمُ،
جان جان دعوي دَمُ، تان تان پِرِت پَنوَهارَ سين.

وِچـِڙيـُنِ وِينسَ ڪـَيا، موٽـي آئـي مـُندَ،
اَڪـِيون اَباٽـَنِ ڏي، بـَسِ نـہ ڪـَرِنِ بـَندَ،
هِيئَن نـہ تِيَسِ هـُندَ، جي ڪـَرَ لـَڏائون ڪـَڏهـِين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پانڌي پرينءَ پنوهار جا! جان تو وَڃين وس،
ساري ڏيج سرتين، سلامن سهس،
"آئون اوهان جي آهيان، گولي متي گس،
ويني ڪريان وَس، ايڏي جي اڇڻ جا."

جڏين ڳنڍيون منجهه ڳنڍيون، تڏن مون من ماروئڙن سين،
سي ماروئڙا ترتيا، جي ڳُٽڻ جا ڳهير،
تنين ريءَ هميرا ڳهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

تورا منجهه ترن، مون سين ماروءَ جي ڪيا،
عمر! اُن ڳٽن، آئون ڪيئن لوئي لاهيان.

تورا نه تورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلائيءِ پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَــڏِ نــہ پـَــڙان هيڪـِــڙي، تــوري تــَـرَ ڄايــَـنِ،
مــون ڪـي ماروئــَـڙَنِ، ميـرِيِ ڪــَـري نــہ مـَـٿِــيو.

نــِـيرُ نــہِ لــَـهي نِينهــَـن جـو، لــَـوهہ جـا لــَـهي وِيـا،
مـــارُنْ ڏارانِ مـــاڙِيـيـن، ڏهــِـــلا ڏِينهـــَــن ٿِيــا،
ڏيهــي ڏورُ وِيــا، ڏِيــان ڏوراپـــا ڪــــِـنِ ڪـــي؟

ســُـٽي ســاٽيهہ ڳالــَـــهڙي، لَهــي وِيــا لوهــَـ،
اَنــدَرَ جــا اَندوهــَـ، لــَـــتا ڏکَ ســُــکَ ٿـــِيا.

مَ ڪـي روءُ مَ رَڙُ ڪـي، مَ ڪـِـي ڪـَــرِ دانهــونَ،
سـُـتي لوڪَ لــَطــِيفُ چئـي، ٻيئـي ڪـَـٽِڄِ ٻـانهونَ،
لـَـڌءِ جـِــتِ لائــونَ، سـو ڏيهــُ پـَـسـَـنديــنءَ مـارئـي!

اَڄُ ٻڻ چِـڪـَيـِـمِ چاڪَ، وَنــِهيــَـنِ ويـڙِيچـَـنِ جـا،
ســُـورَنِ اَچــي ســُومــِـرا! اَنــدَرِ ڪـي اوطــاق،
مـارُوءَ جــي فــِـراقَ، هـَــڏَ مـُـنهنجا ڪـَـپــِيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ ڪاموڏُ

تون سَمون، آئُونَ گندِري ، مُون ۾ عيبَنِ جُوءِ،
پَسي راڻِيُنِ روءَ ، مَتان ماگرِ مَٽِئين!

تُون سَمون، آئُون گندِري ،مون ۾ عَيبَ اَپارَ،
پَسي لِيءَ لَغارَ، مَتان ماگرِ مَٽِئين!

مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ گيِرَبُ نہ گاءُ،
نيڻَن سين نازُ ڪَري، رِيجهايائين راءُ،
سَمون سَينِ مُلاءُ، هيرِيائين حِرفَتَ سين.

هَتين ، پيرين، آرڪَڻين ، مُنهن نہ مُهاڻي،
جِئَن سَڳو وِچِ سُرَندَڙي ، تِئَن راڻيُنِ ۾ راڻي،
اَصُلُ هُئي اَنِ ڪي ، اَهلَ ڄاماڻي،
سَمي سُڄاڻي ، پيڙو بَدَسِ بانهَن ۾.

جي تو بيت پانئيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَــڙُ تَــماچي ڄـامَ جـو، تَــماچي تَــڙَ راءِ،
تَــماچيءَ جـي تَـڪـِـيي، تــون تَـماچي ڳـاءِ،
تہ تــون تَــماچِياءِ، تَــماچي تـڙِ لـَهــِين.

ڪوءِ سَـمـِيونَ! ٻـَنِ سُومـِريونَ! جيءَ اُچـَنِ اوُچي ڳـاتِ،
وَرُسي ڪـِينجـُهرَ ڄائـِيُونَ! جـِنَ تَـماچيءَ تـاتِ،
راڻِـيـن مـُـلان راتِ، مـاڻِـڪُ مَـيءَ پِـرائِيـو.

هيٺِ جـَـرُ، مـَـتي مـَـڇـَـرَ پاسـي ۾ وَڏـرايَ،
اُڇـي وَڇـي وِڇَ ۾، تـَــماچيءَ جـي سـاءِ،
لـَـڳي اُتـَـرَ واءِ، ڪينجـُـهرُ هِـندورو ٿـِـئي.

هيٺِ جـَـرُ مـَـتي مـَڇـَرَ ڪـَنڌيءَ ڪـَوئـَـرَ تـَـرَنِ،
وَرِئـي واهـُـوندَنِ، ڪينجـُـهرُ ڪـَـتوري ٿـِـئي.

جي تو بيت پانئيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَئيءَ هَٿَ ۾ مَڪُڙي، ڇامَ هَٿَ ۾ ڇارُ
سچو ڏينهن شِڪارُ ڪينجهَر ۾ ڪالهه هو.

ڪوجو ڪامَڻ مُنيؤ، آهي اڪڙين ۾،
تَنُ تَماچي ڄام جو نايوُن پايو نِي،
عِشقُ اِيئَن ڪَري، جِئَن ڄارو ڄامَ ڪُلهي ڪَيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ گهاتوُ

گهَنگهَرِيا گهَڻَ چاڻَ، موڙهي مَتِ مَهائِيين،
وِيا گڏ ... ڄاڻَ،
اِگَ ...

ڪو جو قَهرُ ڪَلاچَ ۾، گهڙي سو نِئي،
خَبَرَ ڪونَ ڏِئي، تہ رَچَ ڪُجاڙي رَندِيا ؟

نَڪا بوءِ بازارِ ۾، نِڪا چِلسُرَ چَٽَ،
جتي ڏُنيرِيَن جي، اَگي هُئي اڪُٽَ،
سي پِڙَ پِسيو پَٽَ، ماڙهوُ وَجَنِ مونِيا.

اَئِين جا لَڏو لوڏَ، اِيءَ پَرِ گهاتوئَڙَنِ جي،
ڪُنَ ڪِلاچِيءَ ڪوڏَ، سُڪ نہ سُتا ڪَڏِهين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ سورٺِ

پَــرِديسـان پَــنڌُ ڪَــري ، هَــلي آيــو هــِــيءُ،
مـال نـہ مَــگي مَــگٹو ،جاٻجڪ گھـُـري جــِـيءُ،
”وَڍِ، وَهـَـلو تـيءُ ، ساعَــتَ صَـبـُـرُ نـہ سَــهان.“

پَــرِديسـان پَــنڌُ ڪَــري ، سـٽي آيـُـسِ شـان،
مَــگان کهـڙي مَــتِ سـين ، نــِـسورو نــادانُ،
سو ڪو ڏِيارِئين ڏانُ ، جو طَـمَعُ کي تـَرَڪُ ڪَــري.

سَــرِديءَ سالـُـمَ نـہ وَهــان ، ڪـوسـي سَــهان ڪانـہَ،
اَمـَـنُ ڏيـجِ اَمــانَ تــون ، ڏُور ڪَـــري بِيــا دانَ،
پانــدپَ! ڪـاِئـي پــانَ ، وِجهـجِ پـِـــڪَ پينــار تــي.

تــو دَرِ آيـُـس، راڄـِـيا! پيــا دَرَ ڏيئــي پــنِ،
ڪَهان جو ڪُماچَ سين ، سو سَڻُ سَـباجهي ڪَـنِ،
جا مَـگُ منهنجي مَـنِ ، سو توکي مَعلومُ سَـيَـڪا .


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاجِڪُ جهونا ڳڙهہَ ۾، ڪو عـَطائـي آيو
تـَنهن ڪامِلَ ڪَيِڏي ڪينرو، ويهي وَڄايو،
شهر سَڄوئي سـُرَ سين، تـَندُن تـَپايو،
دايـوُن دَرِمـانديوُن تِيـوُن، بِايـُـنِ پـاڏايو،
چارَڻَ تـي چـايو، تہ مـاري آهـي مـَـگـُو.

ڪِنينِ ڪِنين ماڙُهئين، پيئـي ڪـَل ڪـائي،
رَسيا جـي رَمـز ڪـي، تـن پـارِسـي پـائي،
اَلانـَسان سِـرِي وَآنـاَ سـِـرُہٗ" وَرتـي اِيءَ وائـي،
راجـا راڳـائِـي، هردوئـي، هيـڪ ٿيـا.

پـائي پـَـٽَ ڪـَـٽا، مون تـان مـُورِ نہ مـَگـِـٽو،
تـازي طـَنبلـَـنِ ۾، گهـوڙا گهـَـرِ گهـَـٽا،
هـاٿيءَ ڪـارَڻ هيـڪڙي، آن ڪـا تـَـندُ هـَـٽا؟
جي مـَـتي تو مـَـٽِـيا، تـَـنَـهن سـِـرَ جو آهِيان سيڪـِـڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِرُ مَـگُي، سِرُ گهـُري، سـِرَ رِيءَ تِـئِي نـ صَـلاحَ،
غـَـرِيبنـَـئُنَ نـ گذرِي، تـو مـاري ميـِـرَ مـَـلاحَ،
نـايو نـَـوابـَـنِ جـا، سـورِيـون كـَـدِي سـاهَ،
خالـِقُ سَنجهہ صُـباحَ، كونہ چـَـڏِيندو كـِـتَهيـِن.

منـوِتـي، مـَـگَّهارَ! شـالَ مَ اَچيـن كـَـڌهيـِـن!
اَئـَئِـي پَهـَرَ اَجَـلَ جو، كـُنديو مَنجـهہ كـَـپارَ،
جِئـَـن تـو سَـبِ جِمـاَر، هَنيـا يَحـتَ پَـٽـنِ سـين.

مَحَـلين آيـو مـَـگَّڻو، سـازُ كـَـٽي سـُـرَنـدو،
سِـرَ جي صَـدا سـُـرَ ۾، گهـورُ هَـٽِـي گهـُـرَنـدو،
مـَـتي رِيءَ مـَـلوُكَ جـي، چـارَڻُ نـ چـُـرَنـدو،
جهونُا ڳڙهہ جـُـهرَنـدو، پـُونـدي جهانءِ جـَـهروكَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاتـــارَ ۾ مـــــَـــڱڻي، ڪونـــــ وَسـيــلو وِچ،
سـائِـي تـالَ تـَـــنڌنَ جــي، سـائِـي چـارڻَ چـِـــت،
جي هـُـتي جـي هِـت، تـہ ڳالهـہ مـِـڙِيائي هيڪڙِي.

جـاجـِـڪَا! تــو جـُـــهارَ ڏهــہَ پيــرا ڏِيـاڄ چئـِـي،
جَنِـهن ۾ مالُ نہ مـِرِيءَ جيتـِرو، تـَنهـَـن تون طـَمـَعـَـدارُ،
جي اَچيئي ڪـَـمِ ڪـَپارُ، تہ وِيهـہَ پيرا وَڍِي ڏِيئِين.

مـَــتو مـَـتائين گهـورِيـان، مـَــتو تــو مــَـتان،
سو مـُـون ثِـئي نــہ هـَـتان، جـَنهن تـُـون لائِقُ مـَــڱڻا!

مِـَـتو مـُــور نــہ پـاڙِيـان، تـُـنهنجي تـَـــندُ تـَـــنوارَ،
سـِـرَ ۾ سـُـجـَــڻُ ناهـہ ڪـي، مـوٽُ مَ مـَـــڱڻهارَ!
ڪيـِـنهي مَـنجـِـهہ ڪـَـپارَ، لـَـڄـِـيندو تـو لاهِيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سؤ سِــرَنِ پـائي، جـي تـَــندُ بـَرابـَــر تــورِيـان،
اٽـَــلَ اوڏانهِــن تـِــئي، جيـڏانهن ٻـِيجـَــلُ ٻـُرائي،
سـَـڪِــٽو هـَـڏُ آهـي، سـِـرَ ۾ سـُجـَــڻُ ناهـِ ڪـي.

مـَـتي اٽـي منهنجـي ، جـي ڪوڙيـن هـُـونِ ڪـَـپارَ،
تـہ واريـو وارِيـو وڍِيـان ، سسـيءَ ڪـي سـَــؤ وارَ،
تـہ پـڻ تـَــندُ تـَــنوارَ مونهـان مـَــتائون مـَــگَّا!

تـانُ نـہ آهــي تـَــندُ جـو، رُون رُون ڪـَــري رازُ،
هـَـٽـَـنـدَڙ سـَــندا هـَـتـَـڙا، سـَـيـِــڪو چـئـي سـازُ،
سـَــتَ ڏيـئـي شهـِـبازُ تـِـيءُ تـہ تـوڪُ پِـرايِـن.

ٿـئـي پـِـــرِچيـا پـانڌَ ۾، تـَــندُ، ڪـٿارو ڪـَــندُ،
تـَنهن جِهوئي ناهہ ڪـِي، جو تـو چارَڻَ ڪـَـيو پـَـندُ،
اِيءُ شـُـڪـَـرُ الحمدُ، جـِئـَـن مـَـتو گهـُـريءِ مـَـگَّا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گِلُ چنو گِرنارَ جو پَتَڙَ تِيوُ پِتين،
سَهسِيَن سورَتِ جَهڙيوُن، اُپيوُن اوسارِين؛
چوتا چارَڙَ هَتَ ۾، سِرُ سِينگاريو ڏِين،
نارِيون ناڏَ کَرِينِ، راجا راتِ رِمَ گيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ ڪيڏارو

ڏنو مُحَرمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَنِ تيِو،
ڇاڻي هيڪُ اللهَ، پاڻَ وڙَنديون جو ڪَري.

محرمُ موِنِي آئيو، اِئيا تان نه اِمامَ،
مَدِيني جا ڄامَ، مولا! مون ڪي ميڙِئين!

سَخِتي شَهادَت جي، نِسورو ئي نازُ،
رِند پَروڙِين رازُ، قضِيو ڪَربَلا جو.

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خيِما کوڙِيائون،
جهيڙو يَزيدَ سامهون، جُنبِي جوڙِيائُون،
مُنهن نه موڙِيائون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستَ ڪَبُهائي دادلا، مُحِب مارائي،
خاصَنِ خَليلَنِ ڪي، سَختيون سَهائي،
اَللهُ الصمَدُ بي نِيازُ سا ڪري جا چاهي،
اِنهِين مَنجِهہ آهي، ڪا اُونهي ڳالهہ اِسرارَ جي.

ڪاري ڪَڪَرَ هيٺِ، مون جهيڙِيندا ڄَڏيا،
ڪارا ڪُندَ هَتَنِ ۾، اَڙَلَ وَڃيرا هيٺِ،
تِي تنِين سان ڏيٺِ، موٽَڙُ جنين ميهِٽو.

بَهادرَ گَڏيا بَهادُرِين، ڪُڙڳَ ڪِلولِ ڪَنِ،
وِجهَنِ ڏڙَ ڏڙَنِ تي، هاڪارِين، هَٽَنِ،
ڪِرَنِ، ڪَنڌَ نَچَنِ، رِڻُ گَجِيو راڙو ٿِيو.

"پَنڳو" آئُونَ نہ چَوان، "ماريو" تہ وِسَهان،
ڪانڌَ مُنهن ۾ ڏَڪڙا، سيڪيِندي سُونهان،
تہ پڻ لَڄَ مَران، جي هُونَسِ پُٺِ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـلي ويـرَ ڪـَتـَـڪَ، سـائو سـَـيِ نـہ ڪُھـوَنِ ،
پِـڙَ تـي سيـِـئي پـُـوَنِ، موتـَــڻُ جنيـِــن ميهـِــڻو.

سـُورهَ مـَرِين سوبِ َڪني، تـہ دِلِ جا وَھـمَ وِسارِ ،
هـَـــڻُ پـــالا وِڙھــ پاڪـُـــرين ، آڏي ڍالَ مَ ڍارِ
مـَـتان تيـغَ تـَـرارِ مـارِ تـہ مـَــتارو ٿئيـــن.

ڏاڙهـي رَتَ رَتـِـياس، ڏنـدَ تـہ ڏاڙهـونءَ گـلَ جِئَـــن،
چـوڏهِيـن ماهـَ چـَـنڊَ جـِـئَـــن، پِـڙَ ۾ پـاڳـِڙيـاسِ،
ميـڙي ۾ مـُحـَـــمدَ جـي، مـَــرُ مـَــرَڪـي مـاسِ،
تـَنهـِن سـُورِهَ ڪي شاباسِ، جو مـَـتي پِڙَ پـُـرزا ٿئي.

چـَـپـَـرِ جـِئـَـن پـَـهوَنِ، تِئَن رِڻُ ڳـِـجـُـهنِ رانـــئيون،
وَنــــڪا وَنڪـَـــنِ گـَـڏِيـا، ڊوڙِيـو ڏِيـن ڍَهـوَنِ،
مـُـهايـَـــنِ وَهـوَنِ، نـِــيرُ مـَــهانگو ڪـَـنديـون.

جي تو بيت پانئيا ———————————

# سُر سارنگ

آگمَ ڪَيا اللهَ، لَڳهہ پَس! لَطيفُ چئي،
پَلَرَ جي پالوٽ سين، پَٽَنِ جَهِليا پاهہ،
واحِدَ وڏائي ڪَيا، مَتي گَسَنِ گاهہ،
سانگِين وَرِيا ساهہ، اُتنِ آبُ آگوندرو.

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ،
هارِينِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ،
اَڄُ پڻ منهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪِي چوٽي،
مُندائتي مينهن جي، ڪنوڻِ نہ ڪوٽِي،
آءُ لالَڻَ موٽِي، گهورِيا رُسَڻَ ڏينهڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَڪَرَ مَنجهه ڪَپارَ، جُهڙُ نيٺئون نہ لَهي،
جَهڙا منهنجا سُپرين، تهڙا ميگَهه مَلارَ،
ڪَڻُ اکيون، ڪِلُ يارَ! وَجَنِ سُورَ سَنڌا ڪَيو.

سارنگَ! سارَ لَهيج، اللهَ لَڳِ اَجين جي،
پاڻي پوڄ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنِ ڪَريج،
وَطَنُ وَسائيج، تہ سَگهارنِ سُڪُ ٿئي.

سارَنگَ ڪي سارِينِ، ماڙهوُ مِرگَهہ، مينهون،
آڙيون اَبَرَ آسري، تاڙا تَنوارِينِ،
سِپون جي سَمونڊَ ۾، نَئين سجَ نهارِينِ،
پَلَرَ پيارينِ، تہ سنگهارن سُڪُ ٿئي.

سارَنگَ سائي سَٽَ، جَهڙي لالي لاکَ جي،
اِئن سي اُپَنِ اَنگيا، جِئن سي چِني پَٽَ،
بَرسيو پاسي پَٽَ، پريائين ڪَنَ ڪِراڙَ جا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهان ۽ نيهان، پئـي اکـــرَ هيکڙي،
هو وَسَڻ جا ويس ڪَري، تـہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪيهان،
بادلَ تي بيِهان، جي آگـمَ اَچـڻَ جا ڪَرِين.

ڪُڪَنِ ڪانڌَ چِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسيو جِهجِنِ،
وَرَ رِيءَ وانديِنِ اَڏِيا، پَـڪا سي مَ پَسَنِ،
اُتَرُ ڏاهي اَنِ جا، تـہ ڪَـنهن کي ڪارونَ ڪَنِ،
وارِث وَري تَنِ، اَچِـي شالَ اولـو ڪَري.

مُندَ تي مَندلَ مَندِيا، تـاڙي ڪـي تَنوارَ،
هارِينِ هَرَ سَنباهيا، سَرَها ٿِـيا سَنگهارَ،
اَڄَ پڻ مُنهنجي يـارَ، وَسَڻَ جـا ويسَ ڪَيا.

حُڪُمُ ٿيو بادلَ کي، تـہ سارَنگَ ساٿَ ڪَجَنِ،
وِڄونَ وَسَڻَ آئيونَ، ٿهـ ٿهـ مينهن ٿمَنِ،
جِنِ مَهانگي لَـئہ ميڙيو، سي تـا هَـٿَ هَـڻَنِ،
پَنجَنِ مَنجِهانِ پَندِرَهن ٿِيا، ايئَن تـا وَرِقَ وَرَنِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُڪاريا ڏيهہَ مانْ، شل موڏي سَپَ مَرنِ،
وَري وڏي وَسَ جَوُنِ، ڪيوَنِ ڳالهِيون ڳَنوارنِ،
سَيدُ چوي سَينِ، آهي توهہَ تنهنجو آسِرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر آسا

عينُ شِرڪُ اِيءُ، جِئَن بي شِرڪُ پانئين پاڻَ کي،
وِجائي وُجُودُ کي، پاڻان پاسي ٿِيءُ،
هَنْهِنِ ڪونهي "هِيءُ"، "هُو"، پڻُ ڪونهي هِنَ ري.

جان جان پَسين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ،
سَڀِ وِجائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُه.

مُون کي اکڙين، وڏا تورا لائيا،
تہ پڻُ پِرين پَسَنِ، ڪَڻان جي ڪَرَ سامهِيون.

نيرانا ئي نيڻَ، نيٺي آڇ پِرينُ کي،
سَتَرِ ڪاڏا ڪيڻَ، جہ ڏِنو مُنهن مَحبوبَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪــي جو ڪـَنهــين پارِ، اڪيـونَ پـَـسي آئيـونَ،
ٿيــونَ ديوانيــونَ دلِ ۾، اُپــَـــرِ لـــَڳــيـــَـنِ آرِ،
تــِهان پوءِ قــَرارِ، سـُتــِيونَ ڪيــنَ سـَـيدُچئـي.

وَســَـــنِ ۽ وِهسـنِ، ڏِيهــاڙي ڏِســَـــڻَ لـــَـئي،
جِئـَنِ جئـَنِ پِرين پـَـسـَنِ، تِئـَنِ تئـَنِ نـَشا نـِينهــَنِ جا.

اڪـيـنِ ڪـي آهيـــنِ، عــَجـَــبَ جيهـونَ عــادَتـون،
ســُورَ پـِــرائي ســاٿَ جــا، وَجِـــنيو وَهــائيــــنِ،
اٽـي لـَنئون لاٿِينِ، جِتِ حاجــَتَ ناهـِ هـَـٿيارَ جي.

اَڪيـــنِ ڪـــي آهيــــــنِ، وڏا وَجهـــَ وڙهــَــڻَ جـــا،
مــَــندي بيٺيـونَ مامــــرو، جهيـــڙو نـــہ لاهيـــنِ،
جِئـَـن سي ڪـَـڪـَـرَ اُپَـَ ۾، تِئـَن آگميـــونَ آهيـــنِ،
جهڙَ قـُـڙُ نہ لاهيـنِ، وَسـَنِ سانوڻَ ميـنهـَن جِئـَـن.

جي تو بيت پانئيا ______________

اکين ۾ تي وِيهه، ته آئون واري ڏِکيان،
توکي ڏِسي نه ڏيهه، آئون نه پسان کي پيو.

سِڪ سِکائي سِڪ، سِڪ نه آهي سُتري،
لِڪ لِڪوتِي لِڪ، ته ڪَرِن خبر نه تِئي.

ڪَرَجا ڪَڏ ڪَنئي، پوڙَ ڪارَڻ پرين جي،
تنهن ۾ پاڻَ پَئي، غيبتي غار تِيو.

الا! ڪَرَ جيئَنِ، مَدي جنين جي مَنَ ۾،
اَسان ۽ پِرين جون، اُميدون پَسَنِ،
تِهان پوءِ مَرَن، سَڙي انهيءَ سُور ۾.

حوصلو حيرتَ ۾، ڪَري ڪين دَرَڪُ،
جو حُسن سنلو حَقُ، سو ڪُور پُروڙي ڪين ڪي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکـڙِيـسُـنِ آرو، مـوُنهــان پـُــڇي نــہ ڪـَــيو،
اُتــي وَڃــي آڙِيـون، جِتــي ڇـَــوَڙَ نـــہ ڇـــارو،
هِنئـَـــڙو ويچــارو، واٽــون جـَـهـِـليو وِجهـُـلي.

اکـِيونُ سيئي ڏارِ جنِ سان پـَـســين پِرِيـنءَ کـي،
بِئي ڏانهـن ڪيمَ نـِهارِ گهـَـٽو رِيسارا سـُـپـِـرِيـن.

مـون کـي مــاءُ! مــجازَ پِيچـاري جِئـَـن پِڇِــيو،
هـَـٽـَــنِ ڇـَــڏي هــاجَ، ويئــي ســارَ ســَـنڌَنِ مــان.

جِـتِ آهـہ نـہ ناهـہ ڪـا، اِيءُ خـــاڪيءَ جـو خيـالُ،
جـانِـبَ جـو جـَــمالُ، پـَـســَـٽان ئـي پـَـري ٿيـو.

مورڪَ مامَ نـہ بـُـجهٽا، هيـڏانهن هوڏانهـن ڪـَـنِ،
سي ڪـِئـَـن پِرِين پـَـسـَـنِ، ڪـَـٽـَـرَ جن اکـِـينِ ۾؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر رِپَ

گُونَدَرَ ڪَيو غَرَقُ، ماءُ! مُنهنجو جِندڙو،
ڏُکويُنِ مَرَڪُ، مَتي سَڳَرَ پَنڌَڙو.

اُيرِيامِ اَنگُورَ سُتي سُپريُنِ جا،
ڪايو ڪايو سُورَ لُڇِيو لوچِيو اٿِيان.

جِهجِي، جهانءِ ڪَري، ماٺِ نہ اَچي مُون هِنئين،
سَڄَڻَ سي ساري، هو جنِين جو هيرئُونَ.

جاءِ نہ سَچو ڏِينهَن، هِنئَڙو اوني وڳَ جِئَن،
مُون پِريان سين نِيهَن، چِنَڻَ ڪارَڻِ نہ ڪَيو.

ڪَکَرَ مَنجهِہ ڪَپارَ جُهڙُ نينٽَئُونَ نہ لَهي،
اَڄُ منهنجي چِتَ ۾، اُتا پِرِين اَپارَ،
آءُ سَڄَڻَ لَهُ سارَ، وِرِهہَ ويڙهي آهِيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتي سَنيرِيومِ، ڪو ڳَڻُ پاروچَنِ جو،
هَنڌِ وِهاڻو پِنيو، هَريو هَٿَ تيومِ،
سَڄَڻَ ياد پِيومِ، جاڙَ جِيان تي جيڏِيوُن!

چيتاري چَوَندِياسِ، ڳالِهيون سَيوئي سَڄَڻَين،
جُه مُقابِلِ تِياسِ، تہ سَڀِ وَڄَنِمِ وِسِري.

ڳالِهيوُن پيٿَ وَرَنِ ۾، وَڏي وَڻَ تيوُن،
پَرَسي مُون نہ ڪَيوُن، گوشي پِرِين نہ گڏِيا.

نيڻَ نہ ننڊبوُن ڪَنِ، يَڳو آرِس اکئين،
اُڄهامِيو ٻَرَنِ، توکي ساريو سُپِرِين!

سَڀَرُسيُ پيو، نہ مُون سَوَڙِ نہ گَبَرو،
نہ مُون ڪانڌُ نہ قوتُ ڪي، جويَنُ وَهي وِيو،
تنيِن حالُ ڪِهو، نِڌَرَ جنِين نجهُرا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسُئي هاتيءَ تي مامِرو، اَڃي ڪَيو اَنڌنِ،
مَناڙين هَٿَنِ سين، اکئين ڪينَ پَسَنِ،
في الَحَقِيقَتَ فيلَ کي، سَچا سُڃاڻَنِ،
سَندي سَردارَنِ، بَصيرَتَ بِينا ڪَري.

اَسينِ سِڪونُ جن کي، سي تان اَسِين پاڻَ،
هاڻي وِچُ، گمانَ! صَحي سُڃاتا سُپِرِين.

اِنَ پَرِ نہ ايمانُ، جِئَن ڪَلِمي _ گو کوناِئين،
دَغا تنهنجي دِلِ ۾، شِرڪُ ۽ شَيطانُ،
مُنهَن ۾ مُسلِمان، اَندرِ آذرُ آهِئين.

ڪُوڙو تون ڪُفرَ سين، ڪافَرَ مَ ڪوٺاءِ،
هِندوُ هَڏِ نہ آهِئين، جَنِيو تو نہ جُڳاءِ،
تِلڪُ تِنين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـُـون کـي مـُــون پِريـَــن، ٻـَــڌي وِڌو ٻـارِ ۾،
اُيـا اِيـئـَـن چـَـوَنِ، مـَـيـحـَـڻُ پـانـدُ پـُــسائِـيـن.

پِيو جو پاتارِ، سو ڪـِـيـئـَـن پـُـسـَـڻَ ڪان پالهو رَهي؟
سالـِڪَا! مـُـون سيڪارِ، ڪـو پهـُ اِنـَـهِـيـن پاندَ جو.

ڪـَـرِ طـَـريقتِ تـَـڪيو، شـَـرِيـَـعتَ سـُـجاڻِ،
هنئون حقيـَـقتَ هيـرِ تـُـون، ماڳُ مـَـعرفـَـتَ ڄاڻِ،
هـوءِ ثـابـوتـي سـاڻِ، تـہ پـُـسـَـڻان پالهو رَهيـن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتـَـرَ ڏِنـي اوتَ، نـہ مـُـون سـَـوڙِ نـہ گـَـبـَـرو،
چارئي چـُـنيءَ پـوتَ، مـُـون ريـڙِهينـدي رات ِ گئـي.

نِينهـُن نِهائِينءَ جِيئَن، ڏَکـيو کوهـ ُ نـہ ڏِکـئين؟
جـَـرَ جيـري چـَـڏي، تــہ رَچَ پـَـچندا کـــئن؟
تـُون پڻ کَـريج تـِئَـن جِئَـن کـُنيارَ کَـرِن کـَـمَ سين.

نِهائِيـنءَ کـانِ نِينهـُـن. سـِـکَ منهنجا سـُپِـريـن!
سـَـڙي سـَـارِو ڏِينهن، پـَهـَـرُ پـاڦَ نـہ نـِـکري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر ڪاهوڙي

مُون سي ڏِنا ماءِ! جِنين ڏِنو پِرينءَ کي،
ڪَري نہ سَگهان ڪاءِ، انِين سَندي ڳالهڙي.

هُو ڏوتي، هُو ڏِينهَن، هُو ڏُونگرَ هُو لَڪيُون،
ڪَنهن جَنهن لِذا نِينهَن، پٽا لوسنِ لَڪَ ۾.

ڏوتي سا ڏوريِن، جا جُوءِ سُٽي نہ ٻُڌي،
پاسا مَنتي پاهَٽين، ڪاهوڙي ڪوڙِينِ،
وِڃا اُتِ ووڙِينِ، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

ڪاهوڙي ڪِجَنِ، پَسِيو پورِهيَتَ ويسرا،
ڏوٿَيئڙا ڏورِ وِيا، رِجُن مَنجِهہ رَهَنِ،
ڪا مُلِ آهي تَنِ، مُون پِريان جي ڳالهڙي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئي جن پَرڪَ، گَنجي ڏونگَرَ گامَ جي،
واري سَبُ وَرقَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا .

پيئي جن پَروڙ، گنجي ڏونگرَ گامَ جي،
ڇَڏي سَبِ ضَرورَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا .

جت نہ پکيءَ پيرُ، تِنت تِمکي باهڙِي،
پيو بارِيندو ڪير، ڪاهوڙِڪيءَ ڪيرَ ري.

وَرُسا سُجي ويڙهہ، جنهن ۾ سَجَڻَ هيڪڙي،
سو ماڳُ ئي ڦيرِ، جتي ڪوڙ ڪماڙ هئين.

ڪاري رات، اُڃو ڏِينهُن، صِفتان نُورُ،
جتي پِرِينءَ حُضُورَ، تِتي رنگُ نہ رُوپ ڪو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر بَرُوو سِنڌي

جِئَن ڪا ڪاني ڪاڻهن، لُسَندي لاٿيون ڪَري،
اَچي پَئي اوچتي، دَرِدَ ڏِپريان جي داڻهَن،
ويچَ! ڏٺيِئَن ڪهُ پانهَن؟ سَورَ هِنئين ڪي سامُهان.

پَرَ وَسِ تيِمُ پريانءُ، پِرِين وَسِ نَہ پانهنجي،
لَڳو ڪيِئَن لَطيفُ چئي، جَپَرُ جاتيءَ ساڻ!
پِرِينءَ ڏيکاري پاڻُ، خوش ڪَري ويا خوابَ ۾.

اَچيِن جي هيڪارَ، مُون سارِيندي سُپِرين!
پيرين ڏَرِيان پِنبِٽيُون، هَنڊِ وِڇايان وارَ،
ساجَنَ! سَيُ جَمارَ، هُوندَ گولي ٿي گڏارِيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُون سارِيندي سُپِرين! اَچِين جي تُون هاڻِ،
ڪَريان روحَ رِهاڻِ، لَڪَنَ مَنجِهه لَطِيفُ چئي.

لَڳيءَ جو لَطِيفُ چئي، نڪو قال نہ قِيلُ،
لِڪئي لامُونَ ڪوڙِيون، نيٽِين وَهي نِيرُ،
هِنَئڙا! تِيءُ سُڏِيرُ، ڪالهہ قَرِيبَنِ لَڏِيو.

اَڄُ پڻ اڪَڙِيِنِ، سَڄَڻَ پنهنجا سارِيا،
ٻَلَنِ تان ٻُوڙهَنِ جونَ، ٻُوندونَ بَسِ نہ ڪَنِ،
سَندي سڪَ پِرِيَنِ، لوڪَ ڏِنئي نہ لَهي.

ڪي اوڏائي ڏورِ، ڪي ڏورِ بہ اوڏا سُپِرِين،
ڪي سَنيِرجَنِ نہ ڪڏهن، ڪي وِسرَنِ نہ مُورِ،
جِئَن مينهِن ڪُنڍيءَ پُورِ، تئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڙهو گهُرَنَ مالُ، آئون سَپِ ڏينهَن گهُران سُپِرِين،
دُنيا تَنهن دوستَ تان، فِدا ڪَريان في الحالُ،
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻِ ڪارڻِ پَريَ تيو.

جَڏهانڪُرَ تيامِ، ساجاهِ سُپِرِين سين،
تَڏهانڪُرَ تِرَ جيترو، ويرَ نه وِسِريامِ،
اَندرِ روحَ رَهِيامِ، سَڄَڻَ اوطاقون ڪَري.

ڪَنهن طاقيون ڏينِ، ڪَنهن ڪُلَنِ دَرَ دوستَ جا،
ڪَنهن اِڇان اِڇَڻَ نه لَهان، ڪَنهن ڪونيو نينِ،
ڪَنهن سِڪان سَڏَ ڪي، ڪَنهن ڳُجهاندَرِ ڳَرهِين،
اَهڙا ئي آهِينِ، صاحِبَ منهنجا سُپِرِين.

جانِبَ! اِئِيَن نه جُڳاءِ، جيئَن ماريو موٽيو نه پُڇين،
رَتيءَ رَتُ نه سنجُري، سِڪَ تنهنجي ساءِ،
آسان توهين لاءِ، پَرِ ۾ پوڄائون ڪَيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَڙو مَنجِهه ڪَڙي، جِيئَن لُهار لَپِيَٽيو،
منهِنجو جِيءُ جَڙي، سُپيرِيان سوگهو ڪَيو.

نازَ مَنجهاران نِڪري، جَنْهِن پرِين ڪَري ٿو پَندُ،
پُون پڻ ” بِسمِ اَللهُ چئي، راهَ چُمي ٿي رَندُ،
اَپِيونَ گهَٽي اَدَبَ سين، حُورونَ حَيرتَ هَندُ،
سائينءَ جو سوڳندُ، ساجَنُ، سينئان سُهڻو.

يارُ سَڏائي سَڀِ ڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪَمَ پِئي تي ڪَلَ پَئي.

آدمِين اِخلاصُ، مَٽائي مانو ڪَيو،
هاڻ ڪائي سَڀِڪو، سَندو ماڙُهوءَ ماسُ،
دلبَرَ! هِنَ دنيا ۾، وَجِسي رَهندو واسُ،
پئي سَڀِ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَ دِلِ هُوندو هيڪڙو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ رامڪلي

نـــُـوري ۽ نـــاري، جـــوڳِـــَـيئڙا جـــَــهانَ ۾،
بـــَـرِي جـــن بــاري، آئـــون نـــہ جِئـــَــندي اُنِ ري.

واڄـــَـــتَ ويـــراڳيـــنِ جـــا، مـــون وَٺِ وڏو مـــالُ،
مـــَـقالان مـــَـهـــَــندِ تِيـــا، ڪونهـــي وَٽـــِــنِ قـــالُ،
حاصـــُـلُ جنـــِـين حـــالُ، آئـــون نـــہ جِيئـــدي اُنِ ري.

ســـُـتي سيجَ هـــُـياس، مـــُـون ڪـــي آهـــَ اُٿـــارِيـــو،
جنـــِـين جاڳايـــاسِ، آئـــون نـــہ جِيئـــَــندي اُنِ ري.

نـــہ ڪـــي ڪـــَـٽـــَـنِ پـــاڻَ سين، نـــَـڪو ساٿنِ پـــاڻُ،
اَهـــڙو جـــن اُهـــڃـــاڻُ، آئـــون نـــہ جِئـــَــندي اُنِ ري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـُزو وِچـايو جـوڳِيين، ڪـُـلَ سين آهيـنِ ڪــَـمُ،
آســَــڻُ جِـنِ عــَــدَمُ، آئــون نـــ جِـئَــنـدي اُنِ ري.

ڪَنَ ڪَـٽَ، ڪاپـَـٽَ، ڪاپـَـڙي، ڪَـنوِٽيا، ڪـَـنَ چِيرَ،
سـَــدا وِهــَــنِ سامـُــهان، عاشـِـــقَ اُتـَـــرَ هيـــرَ،
تـَــسا ڏيئـي تـَــنَ ڪــي، ســاڙِيــائون ســَــرِيــرَ،
جي فَـنا ٿِيا فـَقِـيرَ، هـَلو! تـُـڪِـيا پـَـسونَ تِنِ جا.

تـَــڪيا پــَــسونَ تِـــنِ جـا، هـَــلي مـَـــنجهان حـالَ،
ڪوڙيـن ڪـَــنوِٽيـَــنِ جـا پيـنـَـــرُ پانيـان پـالَ،
سامِيـُـنِ جي سـَنيالَ، مـُنهـِـنجو چِتُ چِگو ڪـَـيو.

جي پانِئيـن جوڳي ٿـِيان، تـ سـُـڪُ سـَـــيِيئي ٿـوڙِ،
جـي چـاوا نـــ چاپـَــندا، جِـيءُ تـــِـنين سـي جـوڙِ،
تـ تـُـون پـَـهـُچِـين توڙِ، مـُحـَـبـَـتَ جي مـَـيدانَ ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿئي غلام،
صبر جي شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا! تنهنجو نام، لکجي لاهوتين ۾.

جوڳين جوڳ جڳاءِ، جوڳ پڻ سونهين جوڳين،
جوڳين سندي جان ۾، ڳجهہ ڳجهاندر آءِ،
هاءِ! مونهين کي واءِ! جا آئون جوڳ نہ سکي.

جوڳي هون نہ جئرا، پائي جوڳ مرجيءُ،
هاريا! هن ڪنن سين، سڻ سنيهو اِيءُ،
وڃائي وجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ،
هڏهين ڪونهي هيءُ، اسارا! "آئون" چوين!

گولا جي گراهہ جا، جتونا سي جوڳي،
قتل سي قوڳي، جن شڪم سانديا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسـوروئي نينهـَـن جـو، دلِ ۾ دودُ دُکـاءِ،
آڙـي آڳِ عـِشقَ جـي، ٻـاري جـانِ جـَـلاءِ،
جِنـدا! ايئَـن جـُڳاءِ، جِئَـن آتـَشان آب تِئـي.

هُو جي کَـنَ کَـپارَ جا، سُـوڏو سي نہ سُٽِيـنِ،
اَنـدرِ جـي آهِيـنِ، سـُـڻُ سـَـنيهو اَنِ سـيـن.

مَـنجـِهہ مُـحـَـبـَـتَ مَـچُ، ٻـَهـَـرِ ڏوُڏا ڏوڙ سـين،
چـَـڏِياڻون چـَـرَ لـَـهي، کـُـوڙ کـُلـَڪـَـڙُ، کـَـچُ،
اوڳـڙَ اوڏا نـہ تِيـا، ڳـُـڻُ کـَـياڻون ڳـچُ،
جِئَـن سـَـڙَنِ تِئَـن سَـچُ، جِئَـن سـَڙَنِ تِئَـن سَـنَـرا.

کيهـي کـامَ کاپـَـڙي، تـا آهِــڙي رَوَشِ رَوَنِ؟
نـَـکا دلِ دوزَخَ ڏي، نـَـکـِـي بِهـشتُ گهـُـرنِ،
نَـکو کـَـمُ کـُفارَ سين، نـَـکا مُـسلمانِي مَـنِ،
اَيـا ايئَـن چـَـونَ، تـہ پـِريـن کـَـج پـانهنجو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن اُجھيو تن نہ ٻُجھيو وينئي گڏيُن وِيرُ
ڏوري ڏٺائون ڏکَ سين، پاڻَ مَنجهان ئي پيرُ
لَتو تن لَطيفُ چئي، جُسي جو زَنجيرُ
ڪين ڏٺو هو ڪاپَڙين، ڪابُلُ ۽ ڪَشميرُ
سَچُ جنين جو سِيرُ، تن گُر وينئي ئي گڏيو.

ڪَنهن جَنهن ڪُنا ڪات، جِئَن سامي مُور نہ سَنَرا،
ڏينهان ڏکي ڏيلَ ۾، سُورُ سَچائي رات،
سَندي جوڳيان ذات، جيجان! هوءِ جَڏائڙي.

قُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙي، طَعام نہ طَمَعَدارَ
سيَنَ هَنيائونَ سَجَ ۾، جوڳي ڪَنهن نہ يارَ،
اَوَسَرَ جي آڌارَ اَتي گُوندَرَ گڏيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِچيــنِ وينا رَهَــنِ، ســانجهيءَ رَهَــنِ سـُمهِــي،
ٻُـکَ مَــرَنَدي ٻِــکيا، کَـنهن کان کيِـن گهـُرَنِ،
پيٽَ نہ هيـرِياٿون پاڻهنجا، چـَوري ساڻُ چـَنـَسَــنِ،
ڦــکِـي فَـقيرَن، ماڳِـيان پِـنـي مـــاڻِ جـــيِ.

آديســـيـنِ اَدَبُ، آهــــي اکَــڙيَــنِ ۾.
تن جو حَسَــبُ نَسَبُ ناهِ ڪـــي، نہ اَمـا نہ اَبُ،
ســامِيُنِ کي سَيـين پِـرِيـن، روحَ ۾ رَهــيو رَبُ،
رِيءَ لانگوٽِيءَ لَـبُ، پاڇـيَ ڪَـنِ نہ پاڻَ سين.

رَهــيا اَتيــئي راتِ، صـُبُـحَ ويندءِ صابِــري،
لَنءَ لَنءِ مَنجِــهہ لَطيفُ چئي، ڪَـرِ تـِنين جي تاتِ،
سَـــندي جـوڳِيانِ ذاتِ، ٻِئي پيري مـَبسَ مـِڙي.

تـان کي وَتَـــنِ وَجُ، جـان آهيـــنِ اوطاقُـنِ ۾،
سـامِــي سَـفَـــرِ هَـــليا، رائـو چِتـائي رُجُ،
اهِـڙو جن اهُـجُ، سـي ڪَـرَمِ مِـلَـندءِ ڪاپَـڙي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـان ڪـِـي وَٽـنِ آءِ، جـان آهِيـنِ اوطاقـُـنِ ۾،
ويـو تـِـنِ نـہ وسـري، لاهـُـوتِـي ڪـو لاءِ،
فنـا ۽ فِـراقَ جـو، سـامِيـنِ چکـيـو سـاءِ،
وَٽـان تـو وينـداءِ، ڪاپـَـڙي ڪـابولَ ڏي.

اَڄُ نـہ اوطاقـَـنِ ۾ ، طـالـبَ تـَـنوارِيـنِ،
آديسـِـي اٿـِـي وِيـا، مـَـڙهِيـون مـُـون مـارِيـنِ،
جي جِيءَ کـي جِيـارِيـنِ، سـي لاهـُـوتِـي لـَـڏي وِيـا.

اَڄُ نـہ اوطاقـَـنِ ۾، سَـنـدي جـوڳِـيـنِ ذاتِ!
سـاري سَناسِـيـنِ کـي، رُنـُـم سـاري راتِ،
مـُون تَنَ جِنين جـي تاتِ، سي لاهـُـوتِي لڏي وِيا.

بـُـکَ وِذائـون بـُـگـرِيين، جـوڳِـي کـَـندا جـُـڄَ،
طـَـلـَـبَ نـہ رکـَـنِ طـَـعامَ جـي، اوتِيـو پيـَـنِ اُڄَ،
لاهـُـوتِيـنِ لـَـطِـيفُ چئـي، مـَـنُ مـاري کـَـيو مـُـڄَ،
سـامِـي جهـاڳِي سـُـڄَ، وَسـَـنـئَن کـي ويجهـا تِيـا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ گندا، نہ گبرِي، نہ لانگوٽي لِڪَ،
جيڏَنِهن پَرِينِ وِڪَ، تيڏانِهن صاحِبُ سامُهون.

ڪَچي ڪاچوٽي، نانگَنِ بَدي نيهَن جي،
جَهڙا آيا جَڳَ ۾، تَهڙا وِيا موٽي،
اَئِين جي چوٽي، پُورَبِ ٽيندي پَدِري.

تُنبائي تاڪيدَ سين، جن پڇايو پاءُ،
لَسي تَنڌُ لَطيفُ چئي، هَلي تن هٿاءُ،
مَلِمَلِ مَنجِهان ماءُ! جي سِڪيوُن تن سونُ ڪَيو.

تَڪ وِنگي وَرَ گهَٽا، ڪَنَتيان ڪُڄاڙو؟
ڪاپي مَستان ڪيتِرو، آٽيان اڏارو؟
جي وَرُ ڏِئي وارو، تہ سُونهان سَرَتِينِ وِچَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ سي وَئڻ وٽَن ۾، نہ سي ڪاتارِيون،
پَسِيو بازاريوَن، هِنئڙو مُون لُوڻِ تئي.

جا سَنهو نہ سِڪِي، سا مَرُ رنڊائِي روڙي،
سُٽُ اُنهيءَ جو سَقَرو، وِيا تَرازيءَ توري،
تُلهي ۽ توري، ويچاريءَ سان وَڙُتيو.

چَرِخو پَنهِنجي چِتَ ۾، پِنَيءَ پيرِيو جَنِ،
توڙي ڪينَ ڪَتنِ، تہ بہ ڪانڌُ تنين جو ڪوڏِيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر پورَبُ

ڪري ڪانگَ! ڪُرِنشون، پيرين پِريِنءَ پَئيجِ،
آئون جو ڏِينَئي سَنيِهو، وِجِ مَ وِساريجِ،
اَللهَ لَڳِ لَطِيفُ چئي، ڳجهو ڳالهائيجِ،
چُئان تِئَن چَئيجِ، تہ ڪنياتا! خوشِ هُئين.

ڪانگَلَ! سي ئِي ڪوٺ، پِرِين جي پَرڏيهہِ وِيا،
جنين ريءَ جَهانَ ۾، اکڙيُن اَروٽ،
اَلله لڳِ لَطِيفُ چئي، ڪَجِ ڳاراچو ڳوٺِ،
جي ڏمرِ يا ڪَنهن ڏوٺِ، سي اڏامي آڻِ پِرين.

پِرِين جي پَرَديسَ ۾، تن جي ڪانگا ڪَج خَبَرَ،
تہ سَبِ مَڙهايان سونَ سين، پَڪي تُنهنجا پَرَ،
گهُمِي مَٽان گهَرَ، ڏِجِ پارانيا پَرِينءَ کي.

ڪَـڏي ڪانگا! تـو ڏِيان، هنئـون سـاڻ هــٿـَـــن،
وَجـــي ڪـــاءِ وِلات ۾، اِڳِيـــان عـــجـِــيبـَـــــن،
پِـرِيـن مـانَ چـَـوَنِ، تــہ هِـٿـن قـُــرِيـانُ ڪيـرَ تــي؟

اَچـِــيو اَچـــِيو پـوَنِ، واڪـا ڪـَـيون وَٽَــــنِ ۾،
سـَنيـــها سيـٽـَـنِ جـا، چـوٽـِيءَ چـَـڙهيـو چـُـوَنِ،
ڪانگَ نـہ ڪـُـوڙا هـُـوَنِ، پِريـان سـَـندي پـارَ جـا.

ڪـانگلَ! ڪوهـہ ُتيــوءِ پيـــو آهيــن پــَــــٽ ۾؟
اَڳِي اسَ تـِڙڪو نـہ سَهِــين، اَڄ سارو ڏِينهن سُنوءِ،
پـَـسي حـالَ سَــندوءِ، ڪـانگنِ ڪـانگيرو ڪـَـيو.

تِــن اڪيـُـنِ اُتـان سـُـڪَ، ڪلـَــندي ڪـَٽـَـنِ جـي،
پِـرِيـنِ پاپوهـَــڻَ سـان، ڏورِ ڪـَـيا سـَــپ ڏِڪَ،
مـاڙهنِ ليـکي بـُـڪَ، سـامِـي سـُـورَ سـَـنها ڪـَـيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـــُـــورَبـــِـــيا پـــُـــوري وِيـــا، آســـَـــڻَ اڏيءَ راتِ،
سُيَـــمِ نـــہ سـَــناسِيـــُـنِ جـــُـون، پـــَـچاروُن پِرِيـاتِ،
ڪـــا جـــا جوڳـــيءَ ذاتِ، مِـــٿَ نـــہ مـــَـــعذوُرِنِ جـــا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ ڪاراياَلُ

اَڄـو پـاڻـي لـُـڙُتـيـو، ڪـالوُريـو ڪـَـنگڻ،
ايندي لـَـڄَ مـَـرَنِ، تـَنهـِـن سـَـرَ مـَـتي هـَـنجـَـڙا!

سـَـرَ ۾ پـَـڪي هـِـيڪـڙو، پـاڙهيري پنجـِـاهَ،
سـَـنَدي آسَ اَللهَ، لـَـڌي لـَـهرِنِ وچَ ۾.

ڪـَـونـَـر پـاڙون پاتـارَ ۾، پـَـوئرُ پـِـري آڪـاسِ،
ٻنيـن سـَـندي ڳالـَـهڙي، رازِق آنـدي راسِ،
تنهـِنِ عشقَ کي شاباسِ، جـَـنهن مـُـحَـبـَتـِـي ميڙيا.

هـَـنجَ مـِـڙيئـي هـَـنجَ، ميـرو مـَـنجـُـهن ناهِ ڪـو،
جِتي زَهـَـنِ سـَـنجـَـهه، سو سـَـرُ ڪـَـنِ سـَـرَهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيا مورَ مَرِي ، هَنجَ نہ رَهيو هيڪِڙو،
وَطَنِ تِيو وَرِي، ڪوڙَنِ ڪانيرَنِ جو.

سو پَکي سو پِجرو، سو سَرُ سوئي هَنجَ،
پيهِي جان پَروڙِيو، مون پانهِنجو مَنجُهه،
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏَنجُهه، سو مارِي تو مَنجِهه ڦري.

سَنها پِيانءِ مَ سَپَ، وِياءِ واسِينگَنِ جا،
جنيِن جي جَهڙَپَ، هاتي هَنڌان ٿي نہ چُري.

ڪَپَرُ! ڪاروڙِين سين، وڏو وِڙهُ ويرُ،
نانگَ نہ ويندين نِڪري؛ تو ڏَرَ مَٿي پيرُ،
هِي تنِين جو ڍيرُ، جن جهونا ڳڙهہ جَلائِيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر پرڀاتي

جنِين سُڪُ ناھِ ڪو، چارڻَ سي چئجَنِ،
رُڃُنِ راھَ پُڇَنِ، مَتي ڪُلَهنِ ڪِينَرا.

ڏاتِ نہ آھي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي،
آريون اڀوجَهنِ جون، سَپَرُ جامِ سَهي،
جو راءِ وَٽِ راتِ رَهي، تَنهِن جُکي تان نہ ٿئي.

تُون سَپَرُ آئون سيڪڙو، تون صاحِبُ، آئون سَگُ،
پُڇي تنهِنجو پَڳُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.

تون سَپَرُ آئون سيڪَڙو، تون ڏاتارُ آئون ڏُڏُ،
سُٺي تُنهِنجو سَڏُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون سَپَــڙُ آئون سيڪڙوُ تـون ڏاتـارُ آئـون ڏوهـ،
تون پارِس آئون لوهـُ، جي سُجِـين تـ سونُ ٿيـانَ.

ڏاتــارُ تــ تــون، پِيــا مِـڙَئِــــي مَـــگَــــڻا،
مينهــَن مـُنداِئتـا وَسِــڻا، سَــدا وَسِــين تــون.
جي گهَــرِ اَچِيـن مــوُن، تـ ميـرِيـائي مـانُ لَــهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُرُ ڏهرُ

مَــجَ! تــُـلهو تيـو توڙـا هـَـٽِـــين،
جا تــو ڏِنــي اَجَ، تــَنهــِــن پـاڻيءَ پـُـنا ڏِينهــَـڙا.

اوِنيـــنِ كــارَڻِ اَجَ، نيـــڻَ نِهـــارا مـــون كـــَـــيا،
پـُـنهون چـامرَا! پــَهــَــڄَ، تــہ لاهِيـون اُڃَ اَكـــِـينِ جــي.

اَللهَ جِئـَــَـن نــالوءِ تِئـَــَـن مـــون وَڏو آســـــرو،
خـالِقَ! تـُنهــِـنجيءَ كـانـدِ جـو، پـَـرو پـُانـدُ نـہ كـوءِ،
نــالو رَبَ! ســَــندوءِ، رَهــِــيو آهـــِــمِ روحَ ۾.

صـاحِبَ! تنهنجي صـاحِبي، عــَجـَــبُ ڏِنـي ســُون،
پــَــنَ بـِـوڙِيــن پاتــالَ ۾، پـــَهـــَــڻَ تــارين تــون،
حيكــَـرَ اَچـِــين مـُون، تــہ ميــرِيـائي مــانُ لــَـهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِنو جِئَن نالوءِ، تِئَن مون وڏو آسِرو،
ڪو دَرُ ناهِ جِهوءِ، مون پِيا دَرَ گهَٽا نِهارِيا.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجَهہ بہ اوڏِيائي مَگَّانءِ،
رِي تَنيين، ري توڙين، تون ڇَپَرُ تون ڇانءِ،
ڪُٻاڙو ڪَهان؟ توکي مَعلوم سَيَڪا.

سَتَرُ ڪَرِ سَتارا! آئون اگهاڙي آهِيان،
ڍَڪِئَين ڍَڪَٽهارَ! ڏيئي پاندُ پناهہ جو.

وَرَسين وِڃِهيو ڪاڻِ، ڪَرَسين ڪِلَڻُ پائِيين،
پوري! مُنڌَ اَچاڻِ، ڪَڻَ ڇَڏِيو تهَ ميڙِئين.

سُتا اُٿِي جاڳُ، نِنڊُ نہ ڪَجي ايتِري،
سُلطاني سُهاڳُ، نِنڊُن ڪَندي نہ ٿِئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سُمهہ ڪي جاڳہُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايتري،
اِيءُ مانجهاندي جو ماڳہُ، جو تو ساٿيهہ پانئيو.

سُتي نہ سَرَنديا،ءِ ڪَر پَچار پِريَن جي،
وِهامي وينديا،ءِ گهڻا هَٽَنديئن هَتڙا.

قَريا پَسي قيڻُ، ڪَريَن ڪيرُ نہ چڪيو،
دُنيا ڪارڻ ڏين، وِجائي وِلها تِيا.

وَڳرَ وِيا وهي، ڪالهہ تُنهنجا ڪُونجڙي!
ڪَنديئن ڪوهہ رَهي، سَرَ ۾ سُپيرين ري؟

وَڳرَ ڪيو وَتن، پِرت نہ ڇنن پاڻَ ۾،
پَسو پکيئڙن، ماڙهنئان ميٺ گهڻو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جـــاڳو جاڙيجـــا! سَمـــا! سُـــک مَ سُمهـــو،
پَســـو آن پاريــا، لاکـــو تـــو لـــوڙائـــون ڪَـــري.

اَڏيـــو جـــو اوڏَن، ســـو ڍِنـــگر ڍلـــوم تئـــي،
جَنهـــن پَـــر ويهـــي ڪَـــنِ، ليکـــو لاکـــي ڄـامَ ســين.

ڪَـڏَهِيـن مَڙهـه مُقـامَ ۾، ڪَـڏَهِيـن ڳـاڙهو گهـوٽُ،
سَـــندو واريءَ ڪـــوٽُ، اَڏيـــو اَڏبـــو ڪيتـــرو؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر بلاولُ

اَبـــڙو وَڏَ وڙو، سُـــوڙَو سَمـــو سُـــونهن سَـــين،
تَنهــنِ دَرِ سَــبِ اَچـنِ، ڪَنـدُ نـہ ڪَـدي ڪـيَ ڏَٺـي.

جڪـــرو جـــوڙي، پـــاڻَ ڏَٺـــيءَ پيـــدا ڪيــو،
ڪيهــرَ جئَــنَ ڪَـرُ ڪَٺـي، مُچـونَ مَلهــہ مـــوڙي،
سَمونـدَ جئَـنِ سيرَ ڪَيـو، تــو بـارِ جئَـنَ بـوڙي،
گهـوٽَ چـڙهيــو گهـوڙي، پيپچيـنِ لاٽـي پيپچـرا.

ڏِنــي جــادَمَ جڪـري، چِــتِ نـہ پيــا چــڙهَـنِ،
تـہ ڪـي ڪـوهُـہ ڪَچـنِ، جُـہ سَـرُ ڪيـبي سَــيرَو؟

ڏِمــريــو تــہ بــہ ڏئــي، پَرچــي تـــان پــاٿَ پـري،
جُنـــگَ جڪـــري ڪـــي، پَيئـــي چَگيـــونِ چِـــتَ ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَلا! ڄُنگَ ڄِينِ، جنينِ اَجهي گهارِيان،
شالَ مَ سُکي ويترَي، جِئان پِي پِينِ،
مَرَکڻَ! اُکڙِينِ، تو ڏِني مونَ سُکُ تئِي.

آسورَ سَندي آسري، وينو آهه وَڳَندُ،
هَڏِ نه ڇَڏِيندو هَندُ، آيس بُوءِ بَهارَ جي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب جي ڪلام جو بحر وزن هندي دوهي سان تعلق رکي ٿو. جيڪو هڪ لچڪدار بحر وزن آهي، جنهن جي آخر ۾ قافيو ايندو آهي. دوهي ۾ ماترائن جي تعداد جي سختيءَ سان پابندي نہ ڪئي ويندي آهي، پر شاعر پنهنجي ضرورت آهر ان جو گهٽ وڌاءُ ڪري سگهي ٿو. دوهي ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ قافيا هوندا آهن. هر مصرع جا ٻہ اڌ يا پد هوندا آهن. پوئين مصرع جي پهرين پد ۾ اڳ ۾ آيل مصرعن وارو قافيو ايندو آهي، جڏهن تہ آخري مصرع جو ٻيو پد ٻنان قافيي هوندو آهي. اهڙا بيت گڏجي هڪ سر يا راڳڻيءَ جي صورت اختيار ڪن ٿا. ان سر جو نالو يا تہ ان مضمون پٺاندر هوندو آهي يا وري ان سر مطابق هوندو آهي، جنهن ۾ اهو ڳايو ويندو هجي. هر هڪ سر ۾ هڪجهڙا قافيا نہ هوندا آهن. بلڪ هر بيت جا مختلف قافيا هوندا آهن ۽ هر بيت ٻئي بيت کان الڳ هوندو آهي. سنڌ جو عوام عربي فارسي واري مشڪل ۽ منجهيل علم عروض کي پسند نہ ٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ علم عروض جا اصول سنڌي زبان جي اصلوڪن اچارن سان ٺهڪي نہ ٿا اچن. ان جي ابتڙ ڇند ۾ ماترائن جي مقرر تعداد جي پابندي ضروري نہ ڄاتي ويندي آهي، پر اهي ڳائڻ جي اصولن موجب مقرر ڪيون وينديون آهن، جيڪي سڄي سر ۾

جي تو بيت پاڻيا

سهڻي نموني استعمال ڪيون وينديون آهن، ۽ اهي پڙهندڙن کي اڻ وڻندڙ محسوس نہ ٿينديون آهن. سنڌي زبان هن ڏس ۾ خاص سهوليت رکي ٿي، ڇو جو سنڌس اسم هڪ خاص نموني اچاريا وڃن ٿا.

آخر ۾ اهو چوڻ ضروري سمجهان ٿو تہ سنڌي زبان جي هن بهترين ادبي شاهڪار کي ڇپرائڻ لاءِ هز ايڪسيلينسي سر بارٽل فريئر، گورنر بمبئي، فراخ دليءَ سان وڏي رقم منظور ڪئي، جيڪو سنڌ ۾ ڪمشنر مقرر ٿيڻ کان وٺي هن صوبي جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو.

اسان کي يقين آهي تہ هن رسالي جي ڇپائيءَ سان سنڌي زبان جي مطالعي ۾ وڏي مدد ملندي. هن زبان کي وڌڻ ويجهڻ جا موقعا ڪونہ مليا آهن، پر ان هوندي بہ هيءَ زبان هندوستان جي مڙني زبانن ۾ مٿانهون درجو رکي ٿي ۽ لسانيات جي ماهرن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي.

**ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جو شعر ۽ شاعري

شاهہ عبداللطيف جهڙو هرُجهہَ ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر، سنڌ ۾ اڃا ڪونہ پيدا ٿيو آهي. سندس شاعراڻي خستوريءَ جي خوشبوءِ، سڀ ولات واسي ڇڏي آهي.

شاهہ ئي آهي، جنهن ۾، هڪ وڏي شاعر جون ڪُلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو پرياڻ هي آهي، تہ جيئن جيئن، اسين سندس شعر تي اونهو غور ڪندا سون، تيئن تيئن، اسان ۾ نئين نئين حيرت اتپڻ ٿيندي ۽ وري وري پڙهڻ سان، سندس شعر ۾، ضرور اهڙي ڪا نئين نزاڪت نظر چڙهندي، جا اڳي اک ڪان گسي ويئي هوندي.

شاهہ جو ڪلام، ماڻهن جي دلين ۽ حياتيءَ سان هڪ ٿي ويو آهي. جيئن چنڊ جي ڪشش ڪري وير چڙهندي آهي ۽ آسپاس وارن وارياسن مڪانن تي، مهراڻ جا موتي اڇليندي آهي، تيئن شاهہ عبداللطيف جي شاعراڻي طبع بہ، الهام جي اثر هيٺ موج ۾ اچي، هن دنيا جي ويرانيءَ تي چوليون ماري اصل ماڻڪن جي اوت ڪئي آهي.

شاهہ عبداللطيف جو شعر، طرح طرح پيانتين جو آهي، نهايت رنگين ۽ گونا گون آهي. سنڌ ڇڏيو هندستان ۾ بہ، سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿ ڳولڻ مشڪل آهي. سندس نالو دنيا جي نامر ڪٿين شاعرن جي دفتر ۾ داخل ٿيڻ جو هر وجهہ لائق آهي.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جو رسالو

شاهہ جو رسالو اسان لاءِ، لسانيت توڙي ادبيت جي لحاظ کان، هڪ ابدي خزانو آهي، جنهن مان ڪڏهن "ذرو بہ ضايع" ٿيڻو نہ آهي.

عالمن جو فرض آهي تہ ان مان لسانيت جا موتي لهن روحانيت جي قائلن جو شغل آهي تہ ان جي معنوي مهراڻ ۾ غواص مثل ٽٻيون هڻي ماڻڪ ميڙين.

اي ءَ ڳت غواصن، جڻن سمنڊ سوجهياڻون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرو لال هٿن سين.

آفرين آهي، انهن ودوانن کي، جن دنيا جي نامور شاعرن کي مطالع ۽ روشن ڪرڻ ۾ پنهنجي ساري زندگي ارپي آهي. جي اهي نہ هجن ها، تہ ڪاليداس، شيڪسپيئر، ڊانتي، ملٽن، تلسيداس، گوئٽي ۽ شاهہ جهڙن ڪامل ڪوين جي خيالات ۽ سخن درزيءَ کي ڪير سمجهي ها!

**جي تو بيت ڀانئيا** ـــــــــــــــــــــــــــــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جي زندگيءَ تي، سنياسين ۽ جوڳين جو اهم اثر پيو.
سندن صحبت، هن لاءِ، ڪيميا مثل هئي، جنهن سندس قلب مان سموري ڪس ڪڍي ان کي پارس ڪري ڇڏيو.

سنڌ جي درويشن جي ڪلام مان واضح ٿو ٿئي ته روحانيت جي راهہ ۾ هندو سنتن، مسلم عارفن مان ۽ مسلم فقيرن، هندو تارڪن مان فيض پرايو آهي.

حقيقت جي منزل ،ڌرم ۽ مذهب کان بالا آهي.ان جو پرواز، عنقا مثل، عرش تي آهي. هنن جو ڌرم يا مذهب، هڪ ئي آهي. دنيا ۾ هڪ ئي مندر، منش جي ڪايا آهي ڏٺي انسان جو ۽ انسان ذاتيءَ جو ڳجهہ آهي.

"ڪنڌا ويا تنوار عالم عارف اهڙي."

پروفيسر ڪلياڻ بولچند آڏواڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وچئين دور جو آخري وڏو شاعر

شاهه عبداللطيف جي زندگيءَ واري زماني ۾ اسان ڇتيءَ ريت اهڙيون نشانيون ڏسون ٿا، جيڪي ٻڌائين ٿيون تہ پراڻو نظام ٽٽي رهيو هو. خود شاعر جي زندگيءَ ۾ بہ اهڙا درجا نظر اچن ٿا، جن مان هو گذري شاعر مان هڪ ڏاهو ۽ پوءِ صوفي بڻيو. بهر صورت، اهم نقطو اهو آهي تہ شاهه عبداللطيف وچين دور جي وڏن شاعرن مان هڪ وڏو ۽ آخري شاعر هو. هن انهن ماڻهن لاءِ ڳايو جن جو مذهبي نقطءِ نظر اچ بہ ڇاتل سڃاتل ۽ عزت پريو آهي، جيڪو ان وچئين دور جي سڃاڻپ هو ۽ ماڻهن جي مزاج سان ٺهڪي ٿي آيو، جيڪا خوبي هاڻي هميشہ لاءِ گم ٿي وئي آهي، شڪ آهي تہ شاهه لطيف جي ڪلام جهڙو ڪو ڪلام وري پيو ويندو. پر اسين سمجهون ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن سندس تقليد ڪئي تہ اها ڪيتري بہ هنرمنديءَ سان ڪئي وڃي رڳو نقل ٿي هوندي، جنهن ۾ ڪا بہ زندگي ڪانہ هوندي. ممڪن آهي تہ هي بيان قياس کان ٻاهر محسوس ٿئي! ڇاڪاڻ جو شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ کي اڄان تائين سنڌ اندر محبت ڀريو مضبوط جادوئي اثر ۾ وڏي تعريف ۽ مڃتا حاصل آهي. سچ تہ ان ڳالهہ ۾ ڪو مونجهارو ڪونهي. اڄ بيتن مان نئين قسم جو لطف اچي ٿو، جنهن جو سبب جديد دور ۾ ماڻهن جو وڌيل ادبي ذوق آهي. اهو لطيف

جي تو بيت پانئيا ———————

جذباتي حد تائين احترام منجهان بہ پيدا ٿئي ٿو! جيڪو ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي خاص ڳالهين لاءِ محسوس ڪندو آهي ۽ دنيا جا سڀ ماڻهو پنهنجي ثقافتي ارتقا جي ڪنهن نہ ڪنهن درجي تي محسوس ڪندا آهن. جيتوڻيڪ بيتن ۾ موجود نظريا اڄ بہ مڃيا وڃن ٿا، پر انهن جي مڃتا ساڳئي نموني ۽ ساڳين سببن جي ڪري ڪانهي. اهو ان ڪري ٿيو آهي جو گذري ويل دؤر وارو سادو ۽ مضبوط ويساهہ هاڻ نہ رهيو آهي ۽ اهو امڪان بہ ڪونهي تہ ڪو ٻيو شاهہ عبداللطيف پيدا ٿيندو.

اهڙي امڪان جو هجڻ ايئن آهي، جيئن موجوده انگليڊ ۾ وري ڪو ٻيو ڊن (Donne) يا ٻيو ڪو ملٽن (Milton) جنم وٺي اچي. ادبي تصور تبديل ٿي چڪو آهي. قدر بدلجي چڪا آهن. اڳئين سادي دؤر جي ڀيٽ ۾ اڄ ماڻهوءَ جو ذهن وڌيڪ وسيع آهي. ڊن ۽ ملٽن اڄ بہ ماڻهن کي پسند آهن ۽ هو ساڻن پيار ڪن ٿا، پر جن خيالن جي انهن تبليغ ڪئي هئي، سي جديد سوچ تي ان ريت اثر انداز نہ ٿا ٿين، جنهن نموني سان سترهين صديءَ واري انگلينڊ جي ماڻهوءَ تي ٿيندا هئا. اهي خيال هاڻي ٻئي نقطہ نظر کان جاچڻ جهڙا آهن . اِنهيءَ ڪري ٿورو بدلائي هيئن چئي سگهجي ٿو تہ اهو نفيس ۽ لطيف فن جو عمل آهي، جنهن کي پوئين دؤر جو انسان اڻچٽيءَ اک سان ڏسي ٿو. جيڪو حقيقي هوندي بہ ڇڻ تہ غير حقيقي پوش سان ڍڪيو پيو آهي. فن جي ميدان ۾ جيڪڏهن ڪو وڏو ڪارنامو ٿئي ٿو ۽ اهو عظمت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آسمان کي هڪ دفعو ڇهي ٿو ته پوءِ اهو جامد بڻجي وڃي ٿو. اهو چئُ ته هڪ قسم جي تڪميل کي پهچي ٿو ته پوءِ جذبات جو مقصد نه ٿو بڻجي پر اندروني عميق نگاهه جو عنوان بڻجي ٿو وڃي، جيڪو هڪ جدا معاملو آهي. شاهه عبداللطيف جي بي مثال شاعريءَ کي اهڙي ئي طرح سمجهائي سگهجي ٿو. شاهه عبداللطيف سنڌي ٻوليءَ کي اهڙي سهڻي تخيل سان ڀرپور نموني اظهار جو ذريعو بڻائڻ وارو پهريون وڏو شاعر هو. هن اهو ڪارنامو جنهن دور ۾ سر انجام ڏنو، ان وقت سنڌ ۾ اجان وچولي دور واري صورتحال موجود هئي. نتيجي طور سندس شاعريءَ تي ان دور جي انفرادي مهر لڳل هئي، جيڪا پيهر ڪڏهن به لڳي نه ٿي سگهي. ساڳئي مقامي ماحول، ساڳئي خيال جي دائري، يقين ۽ احساس اندر ڪو ٻيو ماڻهو هن قسم جي شاعري نه ٿو تخليق ڪري سگهي.

ايچ. ٽي. سورلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاھ عبداللطيف

## دنيا جو سڀ کان وڏو شاعر

ننڍي هوندي اسڪولي ڏينهن جو هڪ واقعو ٿو ياد پوي. اسان کي ماستر صاحبُ پڙهائيندي ٻڌايو ته ڪاليداس ڀارت جو شيڪسپيئر هو. اهو ٻڌي دل خوش ٿي هئي ۽ فخر به ٿيو هو ته ڀارت به شيڪسپيئر جهڙو مهان ڪوي پيدا ڪيو. ٿورو وڏو ٿيڻ ۽ سمجهه ۾ ڪجهه تيزي آئي ته ديش پريم جي ڀاونا من اندر ايرڻ لڳي. اسين جڏهن چئون ٿا ته ڪاليداس ڀارت جو شيڪسپيئر هو تڏهن اڻ سڌيءَ طرح اسان قبول ٿا ڪريون ته شيڪسپيئر ڪاليداس کان مُهان هو ورنه ايئن ڇو نه چئون ته شيڪسپيئر انگلينڊ جو ڪاليداس هو. ڪاليداس شيڪسپيئر کان گهٽ ٿورو ئي هو. ايئن برابر آهي ته مُهان شخصيتن جي ڀيٽ ڪانه ڪبي آهي، انهن جي وچ ۾ جيڪي فرق هوندا آهن رڳو اهي ٻڌايا ويندا آهن. شيڪسپيئر ۽ ڪاليداس جدا جدا ڪيترن ۾ مهان هئا. انساني من اندر جذبن جي جيڪا چڪري لڳي ٿي، جو سنگرش ٿئي ٿو ان جو چٽر جهڙو شيڪسپيئر پنهنجن ڊڪانتن چٽيو آهي، اهڙو چٽر دنيا جي ٻئي ڪنهن به ڪويءَ جي ناٽڪن ۾ مشڪل ملندو. شيڪسپيئر جي وڏي ۾ وڏي مهانتا اها آهي. ٻئي طرف وري ڪاليداس استريءَ جي شرير جي نزاڪت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿيون اٿس، پر ڏاڪٽين جي ڏتارڻ ۾ پنهنجي شيطان زال جي برغلائڻ تي بادشاھ جو خون ٿو ڪري ۽ نتيجي طور پاڻ ڪتيءَ جو موت ٿو مري . اوٿيلو (Othelo) وري زال جي بيوفائيءَ جي باري ۾ اعتبار ۾ اچڻ جهڙي ثبوت ڪارڻ گمراھ ٿي ڪيس قتل ٿو ڪري پر پوءِ جڏهن سندس زال جي پوترتا جي خبر ٿي پويس تڏهن آپگهات ٿو ڪري ۽ هيملاٽ اهو سوچيندي سوچيندي تہ سندس پيءُ جو خون سچ پچ سندس چاچي ڪيو آهي هن دنيا کي الوداع ٿو ڪري وڃي.

شيڪسپيئر جي مٿين ڏکانتن جا نانگ ڏکي ٿي ٿا مرن ۽ اسان حيرانيءَ ۾ سوچڻ ٿا لڳون تہ آخر ٿوريءَ غلطيءَ لاءِ ڪين اهڙي ڳري سزا ڇو ملي. ڳدري جو چور ڦاسيءَ ڇو لٽڪايو ويو؟

هن سڄي تصور مان هڪڙو نتيجو نڪري ٿو سو هيءُ تہ شيڪسپيئر زندگيءَ جو مسئلو جدو جهد ۾ جاڪوڙ لاثاني نمونو ڇنڊيو تو مگر جيون جي مسئلي جو حل نہ ٿو ٻڌائي! شايد هن وٽ ڪو حل هوئي ڪونہ.

ٻئي طرف شاھ جي آڪاٽين ڏانهن نظر ڦيرايو. محدود معنيٰ ۾ شاھ جون آڪاٽيون بہ دکانت مثل آهن، ان ڪري جو نايڪ ۽ نايڪا پريمي ۽ پريتما جو پاڻ ۾ ميلاپ نہ ٿو ٿئي، پر شاھ جي نايڪ ۽ نايڪا ۽ شيڪسپيئر جي نايڪ ۽ نايڪا جي موت ۾ هڪ بنيادي فرق آهي، جتي شيڪسپيئر جا نايڪ ۽ نايڪائون روئندي پٽيندي ۽ رڙيون ۽ واڪا ڪندي موت جي منهن ۾ وڃن ٿا اتي شاھ

جي تو بيت پانئيا ___________

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس من جي ڪوملتا جنهن ڪماليت سان ڇٽي آهي، اهڙي شايد ٻئي قوميءَ جيِ ڪوتا ۾ نہ ملندي. جرمن عالمن شڪنتلا جي جا ساراهہ ڪئي آهي سا ان دعويٰ جي تصديق ڪري ٿي.

شيڪسپيئر جي ڊڪانتن ۽ ڪاليداس جي شڪنتلا جي گهٽي عرصي تائين من تي ڇاپ رهي. افسوس اهو جو شاهہ جا بيت اسڪول ۾ پڙهندي انهن جي مُهانتا جو احساس تڏهن ڪونہ ٿيو. شاهہ جي شعر جي مُهانتا جو احساس تڏهن ٿيو، جڏهن ڪاليج ۾ فيلسوفيءَ جو اييااس ڪيم، جڏهن اهو احساس ٿيو تڏهن منهنجو من اٿين ڇوڙ لاءِ بہ تيار نہ ٿيو تہ شيڪسپيئر انگلنڊ جو عبداللطيف آهي. شاهہ جنهن چوٽيءَ تي بيٺو آهي، انجو تصور ڪندي شيڪسپيئر جي شاهہ سان ڀيٽ ٿي نہ ٿي ڪري سگهجي.
شيڪسپيئر پنهنجي ڊڪانتن انساني من اندر جا جدو جهد ۽ جنگ هلي ٿي تنهن جو لاثاني نموني اظهار ڪيو آهي. اڇو تہ هاڻي سندس چئن ڊڪانتن تي توري نظر ڦيرايون. ليئر بادشاهہ (King lear) هڪ نيڪ حاڪم آهي، پر سندس ڪمزوري اها آهي جو وڏين ڌيئن جي خوشامد ۾ اچي پنهنجي ننڍي ڌيءَ کي لاوارث تو ڪري. ظلم اهو جو اهي ٻئي وڏيون ڌيئر کيس ڌڪي ٿيون ڪين ۽ ننڍي ڪاردپلا ٿي سندس ڪم ٿي اچي. پر تنهن وچ ۾ ذهني ڇڪتاڻ ڪارڻ هو پاڳل ٿو ٿي پوي ۽ موت کي ٿو رسي. مئڪبيٿ ( ڪتاب جو نالو) هڪ بهادر سپهہ سالار آهي ۽ پنهنجي بادشاهہ لاءِ ڪيتريون جنگيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سورما ۽ سورميون پاڻ ارپيندي آئين سمجهن ٿا ته انهن پنهنجي جيون جو سفر خاطر خواهه نموني پورو ڪيو. هنن لاءِ ڪو مسئلو نه ٿو رهي ۽ سمجهن ٿا ته جيون جي پرولي انهن ڇڳيءَ طرح ڀڳي آهي. سسئي، سهڻي ۽ مومل موت سان پنهنجي جيون جو مقصد ماڻين ٿيون. مطلب اهو ته انسان جيستائين پنهنجي من جي خوشي آنند پاڻ کان ٻاهر ڳوليندو دکي ٿي ٿيندو.

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نه ڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

**ٻلديو تارا چند گاجرا**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تحقيق: شاهہ جي دؤر ۾

سنڌ پنھنجي قومي وجود جي شعور کان نوازجي رهي هئي ۽ پنھنجي ذات جي تسليميءَ ۽ قومي اظھار لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هئي. سنڌ تي وھشين منگولن ـ ارغونن ، ترخانن ۽ مغلن جي ڌارئين راڄ (جيڪي بہ بيشڪ مسلمان ٿي هئا) ۽ سنڌن انڌي ظلم جي تقريبا سوا ٻن صدين (1520ع کان 1736 ع تائين) جو ڏگھو سياھ ڪال ختم ٿي رهيو هو ۽ سنڌ جي ماڻھن جي رتو ڇاڻ بند ٿيڻ جي قريب اچي بيٺي هئي ۽ سنڌ پنھنجي آزاديءَ ۽ اتحاد جي منزل تي ۽ سنڌس رهواسي پنھنجي خود مختياريءَ ۽ آزاد راڄ جي دروازي تائين پهچي رهيا هئا.

شاھ جو رسالو سنڌ جي ان آزاديءَ جي تلاش ۽ قومي تشخص ۽ خود اظھاريت جي اڌمي جو ترجمان آهي. شاھ جو اهو هڪ سڏ هو سنڌ جي ماڻھن کي، هڪ قوم جي حيثيت ۾ پاڻ کي دريافت ڪرڻ ۽ سڃاڻڻ جو ۽ پاڻ مڃائڻ جو. انهيءَ ڪري شاھ جو رسالو هڪ مذهبي يا حڪيمانہ پستڪ کان وڌيڪ هڪ قومي صحيفو آهي. ان جي تشڪيل ۽ تربيت سنڌ جي قومي زندگيءَ مان اسريل هڪ روايتي مثال آهي، جنهن جون پاڙون ان زندگيءَ جي افضل ترين تاريخي دؤرن ۾ ڪتل آهن. سومرن ۽ سمن جي ٻن دؤرن ۾،

جي تو بيت پانئيا ـــــــــــــــــــــــــــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي (نائين صدي عيسويءَ جي وچ کان وٺي سورهين صديءَ جي شروع تائين) تقريبا ستن صدين تي پکڙيل هئا ۽ سنڌ جي سماجي تهذيبي سجاڳ جا عظيم تربيتي دؤر شمار ٿين ٿا.

شاهه جي شعر جي ادبي افضليت ۽ صوفيانه اڏام بيان ۽ ڪاٿي کان مٿي آهي ۽ ان جي فني خصوصيت ۽ سجلائپ به پنهنجي مثال پاڻ آهي، پر سڀ کان وڏيڪ اهو سنڌ جي ماڻهن جي ذهني ۽ اخلاقي قوت جو هڪ سرچشمو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو انهن جي ٻوليءَ جي وسعت ۽ پختگيءَ جو حد نشان آهي۔ ٻولي جيڪا سنڌس جڳن جي زندگيءَ ۽ انساني جوهر جي پوري سفر جو هڪ مڪمل داستان آهي.

محمد ابراهيم جويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائنميري شمل

# شاهہ عبداللطيف جو سر سارنگ

ارنيسٽ ٽرمپ، جيڪو هڪ جرمن صاحب علم، علم لغت جو بهترين ماهر هو. تنهن شاهہ جي اولين ڇپيل رسالي جي ديباچي ۾ ڪتاب جون وصفون بيان ڪندي لکيو آهي:

"هر جفاڪش طالب علم کي سندس محنت جو مناسب عيوضو هن طرح حاصل ٿيندو، جو ڪيس ڪيترن حسين ۽ پرلطف فقرن سان آشنائي ٿيندي، جي ڪيس هر هنڌ منهن مقابل ٿيندا رهندا."

ٽرمپ جي اها فتويٰ هن ڪري بہ زياده اهميت رکندڙ آهي، جو هو هڪ عيسائي مبلغ هو ۽ صوفي شاعري ۽ فڪر تہ درڪنار، پر هو غير- ڪرستاني مذهبي شاعريءَ ۾ بہ ڪا دلچسپي رکندڙ نہ هو. برعڪس ان جي، هن پنهنجي هڪ مضمون ۾ تصوف خلاف ڪافي ڇوهہ ڇنڊيا آهن. ان کان ڪجهہ عرصو اڳ، سر رچرڊ برٽن پاران شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ متعلق ساراهہ ڪئي ويئي هئي ۽ نهايت سلوڻن لفظن ۾ اظهار خيال ڪندي چيو هئائين تہ: "ڏسجي ائين پيو تہ صوبي سنڌ جي هرهڪ باشندي کي شاهہ جي بيتن جي پوري ڄاڻ سڃاڻ آهي ۽ جڏهن ڪو ڪڙمي ٻنيءَ کي ڪيڙيندي، اڪيلو هر پنيان ٿي هليو، تڏهن بہ شاهہ جا ڏوهيڙا آلاپيندو رهيو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان زماني کان هڪ صدي بعد، جڏهن ٽرمپ صاحب رسالي جو مشهور معروف جلد مرتب ڪيو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب بنسبت سندس مطالعو ۽ مضمون جاري رهيا، جنهن سلسلي جو ڇيهه وجي 1872ع ڌاري سنڌي زبان جي گرامر جي اشاعت ۾ ٿيو. اڻ ڳڻيا ڪتاب ۽ بي انداز مضمون، شاهه جي پوئلڳن يا عاشقن، هندو خواه مسلمانن طرفان لکيا ويا ۽ سندس ڪلام کي ڪيئن پيرا سلجهايو ۽ سهيڙيو ويو آهي. ان کان علاوه رسالي جو اردو ترجمو پڻ ڪيو ويو آهي. باقي انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ ان جا ڪجهه حصا ترجمو ڪيا ويا آهن. مغربي دنيا ۾ عام پڙهندڙن لاءِ، هن موضوع تي فقط هڪ عالماڻو ۽ مڪمل ڪتابُ موجود آهي جو ڊاڪٽر سورلي جي تصنيف آهي، جنهن ۾ شاهه جي زندگي ۽ سندس ڪلام جي پس منظر جو بهترين مطالعو ڏنل آهي. تاهم . منهنجي خيال مطابق، هر هڪ ماڻهو، پير حسام الدين شاهه راشديءَ سان شامل راءِ ٿيندو، جنهن رسالي جي منظوم اردو ترجمي جو مهاڳ لکندي هن خيال جو اظهار ڪيو آهي ته:

"اسان جو شاعر توڙي جو جم جي لحاظ کان سنڌي آهي ۽ اسان جي ملڪ جو فخر آهي، تڏهن به هو مشرق خواه مغرب ٻنهي خطن لاءِ برابريءَ جو حق رکندڙ آهي ۽ ان ڪري اهو بلڪل بجا ٿيندو ته سموري دنيا جا اهل دل انسان ساڻس سڪ ۽ الفت رکن."

اڳتي لکي ٿو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شاهہ محض سنڌ يا سنڌي زبان جو عظيم شاعر نہ آهي، ليڪن سندس شخصيت عالمگير نوعيت جي آهي. زبان ۽ ڄمر جي مدنظر جيتوڻيڪ سنڌ کي شاهہ جي طفيل لافاني شرف ضرور حاصل آهي، ليڪن دراصل سندس ذات ۽ پيغام نہ ڪنهن خاص ايراضيءَ جي ملڪيت آهن ۽ نہ ڪنهن مخصوص طبقي جي ميراث. هو پوري انساني برادريءَ جو ورثو آهي ۽ سندس پيغام هر اهل دل انسان جيْ روح ۽ فڪر لاءِ تقويتْ ۽ تسڪين جو باعث آهي. پوءِ چاهي ڪو مشرق جو باشندو هجي يا ڪنهن جي جاءِ رهائش مغرب ۾ واقع هجي."

شاهہ جيَ ڪلام کي پڙهندي، پڙهندڙ هميشہ هن اڃرج ۾ رهي ٿو تہ صوفي شاعر ڪهڙي نہ آسانيءَ سان اسلامي روايتن جي تندن کي هڪ ڏور ۾ ڳتي، هندستاني لوڪ ادب جي روايت ۾ اظهار بيان ڪيو آهي، ائين ڪندي هو پنهنجي مسلمان هئڻ جي حيثيت کي نڪي ختم ڪري ٿو ۽ نہ وري ان کان انڪار ڪري ٿو. انهيءَ حقيقت ۾ شڪ جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي تہ هو قرآن پاڪ سان بخوبي روشناس هو. جو سندس حياتيءَ دوران سندس مادري ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي رهيو هو ۽ جنهن جو تفسير ٺٽي جي نقشبندي عالمن طرفان ڪيو ٿي ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيتري تعداد ۾ قرآن شريف مڪمل طور يا سيپارا ترجما ڪيا ويا آهن، تنهن مان هي ثبوت مهيا ٿئي ٿو تہ اڄ ڏينهن سوڌو سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو نثر يا نظم لکيو ويو آهي، تنهن جو جذباتي سرچشمو قرآن شريف آهي. ڪيس حضور پاڪ جي حديثن جي پوري ڄاڻ هئي، خاص طور ان نوعيت جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتن جي جيڪي صوفيائي ڪرام طرفان استعمال پئي ڪيون ويون آهن. ليڪن هن قرآن شريف جي آيتن ۽ حضور جن جي حديثن کي انهن عاشق نينگرين جي زبان تي آندو، جن اهڙن ڪلمن کي پنهنجي روحاني تقويت خاطر دوهرايو. ائين ڪندي هن سنڌ ۽ پنجاب جي انهن اوائلي صوفين جي نقش قدم جي پيروي تي ڪئي، جن مقامي هندستاني روايتن تي عمل تي ڪيو ۽ سندن مدعا هيءَ هئي تہ عاشق ۽ تڙپندڙ روح کي عورت جي روپ ۾ پيش ڪيو وڃي، ليڪن اهي نافرمانبردار مادي نفس نہ، جي اسلام جي اوائل ۾ رهبانيت سان مانوس ڪيا ويندا هئا، پر دل جا اهي روپ جي پنهنجي حقيقي محبوب لاءِ سدائين سڪندا تي رهيا. سندس سورميون، جي سنڌو ماتريءَ جي لوڪ ڪهاڻين واريون سورميون هيون، انهن ڏکن ڏاکڙن جي مقابلي لاءِ نهايت بهادر هيون، جيڪي مٿن الله پاڪ طرفان نازل ڪيون تي ويون. ڇا اها حقيقت نہ آهي جو عرب ۽ عجم جي صوفيائي ڪرام لفظ "بلا" جنهن جو مفهوم مصيبت آهي، ان کي ڇڪي تاڻي اچي "بلىٰ" سان ملايو، جنهن جي معنىٰ "هائو" اهي. دراصل "بلىٰ" جو لفظ، روحن پنهنجي خالق اڪبر جي ان سوال جي جواب ۾ چيو تہ "ڇا، آئون اوهان جو خدا نہ آهيان؟" "الست بربڪم" (سوره 171-7). اهوئي سبب آهي جو شاهہ، سهڻيءَ واتان هي ٿو ڳارائي تہ:

الست ارواحن کي، جڏهن ڇيائون جيئن،
قالو بلىٰ قلب ۾، تيو تغافل تيئن،
محبتي ميهار جي، آئون نهوڙي نينهن،
سرتيون ساهڙ سيئن، هلڻ مون حق ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر کي صوفياڻي عشق جي راز جي پوري پروڙ هئي. مثال طور، لوچينندڙ روح آخر ۾ وڃيو سراپا عشق ۾ تبديل ٿئي، جيئن شيراز جي "روزبيجان باقيءَ" ٻارهين صدي عيسويءَ ڌاري ڄاڻايو آهي. سندس احساس جو پڙاڏو سسئيءَ جي متعلق اکرن ۾ ٻڌو وڃي ٿو، جڏهن اها بيابان ۾ پنهنجي ورَ جي ڳولا ۾ نڪتي هئي، سُر معذوريءَ ۾ شاهه فرمائي ٿو ته:

رُڳُن ۾ رڙ ٿي، ڪر سارنگي ساز،
اِي عشق جو آواز، ماڻهو رکن منڊ تي.

پر شاهه جي بيتن جون سورميون، مولانا جلال الدين روميءَ جون پوئلڳ پڻ آهن ۽ ڪين پنهنجي معشوق جي تلاش ۾ سفر ڪندي اهڙوئي آزمودو حاصل ٿيو. جنهن لاءِ مولانا رومي مثنويءَ ۾ فرمايو آهي ته:

تشنگان گر آب جويند از جهان،
آب جويد، بعالم تشنگان.

فقط اڃايل پاڻيءَ جي تلاش ۾ سرگردان نه هوندا آهن، پر پاڻيءَ کي پڻ خود اڃايلن جي ڳولا هوندي آهي.
"اندر جنين اُڃ، پاڻي اڃيو ان کي."

هيءَ هڪ فطري امر آهي ته سنڌ جو هر باشندو رسالي جي انهن حصن سان زياده چاهه رکي، جيڪي روايتي لوڪ ڪهاڻين ۽ انهن ڏکڻ ڏاکڙن ۽ مصيبتن جي داستان سان پرپور آهن، جي سسئيءَ، سهڻيءَ، مارئيءَ ۽ .ٻين عاشقن پنهنجي توڙ نباهڻ خاطر سليون، پر ساڳئي وقت اسان کي اهو پڻ هرگز نه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسارڻ گهرجي تہ باقي جيڪي ٻئي قسم جا شاھ جا بيت آهن ۽ ڪيترن روايتي عناصرن جو مرڪب آهن، سي پڻ شاعريءَ جي ان عروج تي پهتل آهن، جي ڪنهن حد تائين تہ سورمين جي ڊرامائي ڪارنامن کان پڻ زياده دلگداز آهن. شاھ جي فن جو حسين ترين شاهڪار منهنجي خيال مطابق آهي برساتي راڳ يعني سُر سارنگ، اهو موضوع سچل سرمست طرفان پڻ دهرايو ويو آهي، پر انهن بيتن ۾ عشق جي اها گهرائي نہ آهي؛ جا شاھ جي بيتن ۾ جهلڪندي رهي ٿي. سورلي پنهنجي هن چوڻ ۾ بلڪل درست آهي تہ:

"سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي جو برسات بنسبت گيتن جو بهترين ۽ شاندار مجموعو هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو ويو آهي، جنهن مواد کي "سُر سارنگ" چيو وڃي ٿو. اهي اهڙا بيت آهن، جن ۾ شاھ لطيف بحيثيت هڪ شاعر جي، شعر جي بين الاقوامي زبان ڳالهائيندي، هڪ چوٽيءَ جي اوچائيءَ تي پهچي وڃي ٿو ۽ ان لحاظ کان هو ڪنهن زمان مڪان يا تنگ نظريي جو قائل هرگز نہ آهي. خوشيءَ جو هڪ مختصر ۽ حسين گيت ان ماحول لاءِ، جو برسات طفيل وجود ۾ اچي ٿو تہ اهو شيلي (Shelley) لاءِ بدناميءَ جو باعث نہ ٿيندو:

موسم جي آمد ٿي چڪي آهي،
خوشگوار گفتگو ۽ سريليٌ سنگيت جو آلاپ
ڪوئل جي ڀڄني پڪار
هاري ميدان کي کيڙڻ لاءِ تيار ڪري ٿو
ٻڪرار ۽ ڳنوار خوشيءَ ۾ آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائو – هن جو چمڪندڙ اجالو لباس،
منهنجي دوست ڀڪندڙ برسات لاءِ زيب تن ڪيو آهي.
سورلي طرفان جيڪو شيلي جي عظيم گيت "بادل"
جو حوالو ڏنو ويو آهي، اهو يقيني طور تي حق بجانب آهي:
آئون اساتيل گلن لاءِ برسات جا تازا وسڪارا آڻيان
ٿو، سمنڊن کان ۽ نهرن کان...
ليڪن سُر سارنگ جو تصور شيلي جي شعر کي شهه
ڏيئي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته منجهس هڪ ته گهري ديني خاصيت
آهي، جا ڪلام کي پنهنجو علحدو صحيح مقام بخشي ٿي ۽
ٻيو سبب هي آهي، جو منجهس هندستاني ۽ اسلامي روايتون
نهايت سهڻي انداز ۾ مرڪب ڪيون ويون آهن.
اهو هرهڪ انسان، جنهن سنسڪرت جي نظمن کان
ويندي هندي ويدانتي ڪلام جو مطالعو ڪيو هوندو، ان کي اها
بخوبي ڄاڻ هوندي ته برسات جي مند هڪ اهڙو وقت آهي،
جڏهن شاعر ڪنهن ڀيرو نينگري يا عورت جي آلاپ ذريعي
عشقيه راڳ دل جي خلوص سان ڳائيندا آهن ۽ وڇوڙي جا ورلاپ
دهرائيندا آهن، جيڪي برسات جي خوشگوار مند جي مدنظر بي
– موقعي ۽ اڻ – سهائيندڙ محسوس ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ ته
مينهونڱيءَ جي موسم ۾ قدرت اندر حرارت جي تيزي نمودار
ٿئي ٿي ۽ هر هنڌ گل ڦل پسجن ٿا. پکي پکڻ موسيقيءَ جا
ڇهچٽا شروع ڪن ٿا ۽ هرهڪ خوشيءَ لاءِ آرزومند ٿئي ٿو. وڄ
جا سرخ پوش چمڪاٽ شاعرن کي شاديءَ جي رات وارن ويس
وڳن جو تصور ذهن ۾ آڻين ٿا ۽ ميگهه ديوتا جو قديمي نشان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بادل" کين هڪ پيغامبر جي ياد تازي ڪرائي ٿو. هندستاني مصورن جي ننڍڙين تصويرن ۾ گهڻو ڪري برساتي مند جي راتين جو عجيب وغريب تصور چٽيل آهي. شُـڌ ميگهہ ملهار راڳڻين جي روايتي جهلڪ نہ فقط برصغير جي اُتر- ڪٽ لوڪ گيتن ۾ عيان آهي، پر امير خسروءَ جي دهليءَ واري ديوان جي اولين سٽ ۾ پڻ مضمر آهي، جڏهن هو برسات جي موقعي تي وڇوڙي جو شڪوو شڪايت بيان ڪري ٿو:

ابر مي بارد ومن مي شوم از يار جدا،
چون ڪنم دل بہ چنين روز دلدار جدا،
ابر و باران ومن ويار ستاده بہ وداع
من جدا گريہ ڪنان ابر جدا يار جدا.

۽ ساڳئي احساس جو پڙاڏو "باره ماسا" جي گيتن ۾ صدين کان پئي وڃي ٿو، جنهن ۾ عشق واري عورت پنهنجي جذبات جو هر ماهہ اهڙي نموني اظهار ڪري ٿي، جيڪو صوفياڻي تفسير مطابق آهي، جنهن ۾ هڪ تڙپندڙ روح جو پنهنجي ازلي محبوب جي ناز نخرن کي موسمن جي مختلف مزاج وارن پهلوئن سان تشبيهہ ڏئي ٿو. سنڌي ۽ پنجابي لوڪ گيتن جا اهي مثال، جي مينهن سان مخصوص گيتن ۾ شمار ٿين ٿا، بيشمار آهن ۽ ان ڪري هن ڳالهہ ۾ زياده عجب جي ڪا گنجائش نہ آهي تہ شاهہ عبداللطيف جي پايي جي شاعر انهيءَ قسم جي روايتن تي ڀروسو ڪيو هجي.

پر تصوف؟ جو تصور، جيڪو اسلامي نڪتہ نظر کان آهي، ان جي مدنظر برسات جي علامت اجان بہ زياد اهميت

جي تو بيت پانئيا —

رکندڙ آهي. قرآن ڪريم جي موقف کان شروع ٿيندي، بغداد جي اوائلي صوفياءَ ڪرام ٿائين، خدا جي برسات ايمان وارن ۽ ڪافرن جي دلين ۾ ذاتهن جدا جدا مقصدن جي مدنظر نازل ڪئي وڃي ٿي، يا ته سندن قلوب واري باغ کي رحمت سان باغ بهار ڪرڻ ۽ مٺن خوشيءَ جي گلن جي ورڪا ڪرڻ ۽ ڪين محبت ۽ مهر جي ميون سان مالا مال ڪرڻ خاطر يا وري روح جي ڪڙڪن ۽ الاهي آفت جي وسڪارن ذريعي سندن بدڪاريءَ جي ڪنڊن کي تباهه ڪرڻ جي مقصد لاءِ. دل جي باغ وارو نظريو ايران جي صوفي شعراءَ ڪرام جو دل گهريو موضوع پئي رهيو آهي. مولانا جلال الدين روميءَ وارو ديوان برسات جي تصور سان ڀريل آهي. هو انهيءَ برسات جي ساراهه ڪري ٿو، جا سياري جي آخر ڏاري وسي ٿي، جنهن باعث هن مادي دنيا جي برفاني زمين نيست نابود ٿي غائب ٿي وڃي ٿي، جنهن ڪري وڻ ٽڻ غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿين ٿا ۽ ڪين برسات جي طفيل نهايت حسين بهشتي ۽ ساوا غلاف حاصل ٿين ٿا ۽ اهوئي برسات ۽ روشنيءَ جو معجزو آهي، جنهن سان هر باغ هن زمين تي هڪ سچي پچي بهشت ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.

ساڳيءَ ريت عاشق جون اوڇنگارون، محبوب جي مُرڪ واري جلوي جو ڪارڻ ٿين ٿيون، جنهن لطف ۽ ڪرم جي طفيل هڪ عاشق جي اجڙيل دل اندر هزارها باغ باغيچا ٽڙن ٿا. عاشق ۽ برسات وارو آسمان بئي هڪ آڇار آهن ۽ سندن روح راڙو روحاني ميون ۽ زمين جي حقيقي گلن جي ٽڙڻ لاءِ ازحد ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان مان هرهڪ، جو قرآن پاڪ ڇاڻندڙ آهي، سو تحقيق اهي وسيع تر حوالا فورن سجاڻي سگهندو ۽ انهن جيءَ ئي مدنظر برسات جو تصور سمجهه ۾ اچڻ گهرجي. ڇا قرآن ڪريم ۾ انهن هوائن جو ذڪر نہ آهي، جيڪي برساتي ڪڪرن کي خداتعاليٰ جي رحم و ڪرم جي علامتن طور آڻين ٿيون؟ بين لفظن ۾ سندس ابر رحمت آهن؟ (سوره 7/57). اڄ ڏينهن سوڏو انا طوليا جا دهقاني ماڻهو، ڪنهن بہ مهمان ڪان حال احوال وٺندي، اهو ضرور پڇندا آهن تہ آيا اوهان جي شهر ۾ رحمت وٺي آهي؟ هتي رحمت مان مفهوم "برسات" آهي.

دراصل اسلامي روايتن جي دائري کان ٻاهر پڻ هر صاحب نظر هي بخوبي وسهي سگهندو تہ برسات جو تصور گهڻو ڪري بطور رحم جي علامت جي پيش ڪيو ويو آهي:

ٻاجهہ جي وصف ڪي
ڇڪ تاڻ جي کهڙي ضرورت
اها تہ ائين نازل ٿيندي آهي
جيئن آسمان مان برسات
ان جڳهہ مٿان، جا هيٺانهينءَ تي آهي –

شيڪسپيئر

پر انهيءَ قرآن حڪيم، جنهن ۾ برسات جي ڪڪر کي الله پاڪ جي رحمت سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي، تنهن ۾ حضرت محمد صلعم جن کي "رحمت العالمين" سڏيو ويو آهي. يعني سيني جهانن جي رحمت. (سوره 21/107). هڪ مذهبي پيشوا ۽ ان رحمت جي خوشخبري، جا هو زمين تي آڻي ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ٻنهي درميان جيڪو رشتو يا تعلق آهي، تنهن جي ڄاڻ ان کان به اڳين وقت ۾ ضروري هئي.

سڌارما پنڊارڪا جي هڪ طويل داستان ۾ ٻڌ ڌرم، طرفان سڌارت (ڀڳوان ٻڌ) کي "ٻاجهاري برساتي بادل" سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. ساڳيءَ طرح وچين صديءَ (5 کان 10 صدي) جي هڪ جرمن ڪليسا جي هڪ خوش آمديد نوعيت واري گيت ۾ يسوع مسيح کي التجا ڪئي وڃي ٿي ته، "آسمان جو پردو چاڪ ڪري، آسمان کان زمين طرف هڪ ٻاجهاري ياٽيءَ جي روپ ۾ هيٺ اچ."

اهڙيءَ طرح هڪ مسلمان لاءِ پيغمبر دين ۽ سندس زندگيءَ طفيل عطا ٿيل وصفون، سندس تيز فهم پيغام ۽ برساتي بادل وچ ۾ جيڪي تعلقات موجود آهن، سي قائم ڪرڻ ۽ وسهڻ آسان آهن. صوفياءِ ڪرام طرفان ته "پيغمبر صلعم" ۽ "ابر رحمت" جو لاڳاپو بلڪل شروعات ۾ ئي استعمال ڪيو ويو هو. شاهه عبداللطيف ته انهن روايتن سان مڪمل طور موافقت ۾ آهي. جڏهن هو قدرت کي هيئن بيان ڪندي ته جڏهن ڪيس ڪاري برساتي ڪڪرن کان آسماني امداد حاصل ٿئي ٿي، يڪدم ڦيرو ڪائي حضرت محمد صلعم جن ڏانهن رجوع ٿي مخاطب ٿئي ٿو. جنهن ۾ پڻ اهي ئي ساڳيون زندگي بخشيندڙ خوبيون سراپا موجود آهن. انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي مرزا غالب جي حضور پاڪ جي شان ۾ لکيل مثنويءَ جو عنوان ذهن ۾ رکڻ گهرجي، جيڪو آهي "ابرِ گهربار" يعني "موتي ڏيئيندڙ ڪڪر."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ سائنسي علوم سندن مهاساگر جو
هڪ قطرو آهن،
جيڪي ڪجهه سياڻپ ۽ ڏاهپ وجود ۾ آهي
سا سندس دانائيءَ جي درياءَ مان
فقط هڪ ڦڙي وانگر آهي.
جي به زمانا يا ايام آهن.
سي سندس اٿاهه وقت مان هڪ ڪلاڪ مس آهن."

اهو ڏسي انساني دل نهايت مرغوب ٿئي ٿي ته پيغمبر پاڪ جي اهڙي ثنا بعد، ان ملڪ جي شاعرن طرفان سندس سوين بيتن ۾ ساڳي ثنا جو اظهار ڪيو ويو. جنهن ملڪ ۾ الحلاج ڪنهن زماني ۾ جهر جهنگ ۽ جبل انهيءَ لاءِ جهاڳيندو رهيو ته جيئن الله جا ٻانها پنهنجي حقيقي خالق ڏانهن رجوع ٿين.

برسات ۽ پيغمبر، ٻئي الله پاڪ جي لطف ۽ ڪرم جا نمائندا آهن ۽ اها الاهي ٻاجهه آهي، جنهن ڪي اڪثر "آبِ حيات" جي علامت چيو وڃي ٿو. ليڪن برسات خشڪ علائقن ۾ نه فقط هلڪي ۽ جهڪي ٿيندي آهي، پر ساڳئي وقت نهايت غلبي واري پڻ ٿيندي آهي (جيئن بغداد جي اوائلي صوفياءَ ڪرام ڪي اهڙين چشم ديد حالتن جي ڄاڻ هئي) ۽ اهڙي وهڪري جي طاقت جو پورو اندازو تڏهن ٿي سگهندو آهي، جڏهن پاڻي نيٺن جي صورت ۾ اچي راهه ۾ ايندڙ هرهڪ چيز کي پنهنجي وهڪري ۾ آڻي گهليندو رهندو آهي. بلڪل ساڳيءَ ريت، پيغمبرانه تحرڪ، ڪمزور ۽ ڪومايل روحن ۽ وسوسي وارين دلين جي ڪن ڪچري کي ضايع ڪري ٿو. ان لاءِ ته جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين عبادت جي واحد وهڪري ۾ آڻي اجرو ڪيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو صوفي روايتن جي شاعرن بعض اوقات پيغمبرانہ ڪارگذارين کي هڪ درياءَ سان ڀيٽ ڪئي آهي، جو پنهنجي وهڪري ۾ نديون، نهرون ۽ نيون سمائيندو، اتاهہ حيثيت ۾ اڇيو خالق اڪبر جي مهاساگر ۾ بمثل هڪ بخملي بادل جي جوڙ ڪري جتان سندس شروعات ٿي هئي. هن نظريي جو هڪ انتهائي غيرمعمولي شاعرانہ اظهار، جيڪو مفهوم روميءَ پڻ ڪتب آندو آهي، اسان جي جرمن شاعر گوئٽي پنهنجي هڪ شعر (موحميتس گيسانگ) ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هو پيغمبر جي ان طريقڪار کي ڳائي ٿو، جيڪو انهيءَ آهستي واڌ ڪندڙ هڪ درياءَ جو تصور آهي، جنۡ ننڍين نهرن کي پنهنجيءَ هنج ۾ سمايو، اتاهہ موڄ ۽ مستيءَ ۾ اڇي ٿو ۽ سيني کي ساڻ ڪري ڪثرت جي مهراڻ کي رسي ٿو. دراصل اهوئي جرمن نظم هو، جنهن کان متاثر ٿي علامہ محمد اقبال "پيغام مشرق" ۾ پنهنجو فارسي شعر "درياءَ" لکيو هو.

اهي جملي احساس ۽ رجحان، غيرشعوري طور، شاهہ لطيف جي سر سارنگ ۾ اڪين پسجن ٿا.

شاعرانہ عڪاسي ۽ مصوريءَ کان، جنهن جو مٽ يا مثل اسلامي زبانن جي اعليٰ نظمن ۾ ملڻ مشڪل آهي.

هو پيغمبر پاڪ ڏانهن سندس شافع هئڻ جي حيثيت ۾ رجوع ٿئي ٿو جو ڏينهن قيامہ جي بطور شفيع جي نروار ٿيندو، جتي سندس شفاعت انهيءَ مان عيان ٿيندي جو پنهنجي امت کي لوح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرسي وٺ ويجهو آڻي بيهاريندو ۽ الله تبارڪ تعاليٰ پنهنجي محبوب جي سڪ صدقي سموري امت جي بخشش ڪندو:

منهنجي سيد سار لهندو، مون کي آهه اميد الله ۾،
مهت ڏيندس مولو ،اُت بديون بخشائيندو.

حضرت محمد صلعم جي شافع هئڻ واري خيال ڪروڙين ماڻهن کي تسڪين بخشي آهي، جن ماڻهن حضور پاڪ سان فقط الفت ۽ عقيدت رکي. ڇاڪاڻ تہ حضور صلعم جن، مثل برسات جي، پاڻ الله پاڪ جي بخشش ۽ رحمت جي علامت هئا. جيتوڻيڪ اهي محبت رکندڙ ماڻهو تصوف جي انهيءَ اونهي اسرار ۽ فڪر کان بلڪل بي- خبر هئا. جيڪي راز ۽ رمزون چند صوفياءِ ڪرام طرفان حضور صلعم جن ڏانهن منسوب ڪيون ٿي ويون.

هڪ دفعو وري بہ شاهہ لطيف، برساتي مُند جي انهن بهارين ۽ نظارن جي عڪاسيءَ ڏانهن رجوع ٿئي ٿو. جهي ورثي ۾ مليل رسمن ۽ روايتن جي موافقت ۾ آهن. جيستائين وري هو پنهنجي اٿاهہ عشق کان متاثر ٿي اهڙو شعر منظوم ڪري ٿو، جنهن کي اسين سنڌي ٻوليءَ جو اولين جاگرافيائي شعر چئي سگهون ٿا، ۽ اِن شعر ۾ ڪيترن اهڙن علائقن جو ذڪر آهي جتي ابر رحمت پهچي ٿو. اهو عالم آشڪار آهي تہ اهڙي انداز ۾ جڳهين ۽ هنڌن جا نالا بيان ڪرڻ جو طريقو (۽ گهڻو ڪري "الف ب" جي ساڳئي اکر سان شروعات ڪرڻ) شاهہ کان ڪجهہ عرصو پوءِ نهايت مقبول عام ٿي ويو، ۽ نہ فقط حضور پاڪ صلعم جن ڏانهن منسوب ڪيل مولودن ۽ نعتن ۾ پر شاهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالقادر جيلانيءَ جي شانَ ۾ پڻ ڇيل بهترين اشعارن ۾ بہ اهو طريقو استعمال ڪيو ويو. شاهہ عبداللطيف ابر رحمت ڪي اڪثين پسي ٿو، جنهن جي مهر سبب سمورا وڇوڙا ختم ٿي وينداءِ جنهن باعث خشڪ لب وري مشڪندا ۽ ڪوماٽيل دليون وري هڪوار ٽڙنديون، ۽ هو رحمت جي ڪڪر جو سموري اسلامي دنيا مٿان ڦهلاءُ ڏسي ٿو، جنهن جي طفيل روم ۽ چين تي املهہ عنايتن جو وسڪارو ٿئي ٿو. ساڳيءَ ريت استنبول ۽ سمرقند، دهلي ۽ جيسلمير، گرنار ۽ بيڪانير تي مهر جو مينهن وسي ٿو ۽ اڳيرو هلندي اهو ڪڪر سندس وطن جي ويجهو اچي ٿو:

موٽــي مانـــڊاٽن جـــي، واري ڪيـــائين وار،
وڄـــون وســـڻ آئيـــون، ڇـــوڏس ۽ ڇـــوڏار،
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪي منهون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهلي ڪي دڪن، ڪي گــڙن مٿــان گرنــار،
ڪنين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهيـن ڀـڄ ڀڄـائيو، ڪنهيـــن ڍٽ مٿـــي ڍار،
ڪـــن اچـــي عمرڪـــوٽ تـــان، وســـايا ولهـــار،

اها حقيقت آهي تہ شاهہ صاحب انهيءَ پيغمبري روايت جو سراپا قائل هو تہ "حب الوطن من الايمان" يعني پنهنجي وطن جي حب ايمان جو حصو آهي (جيئن سندس سورميون، مثل مارئيءَ جي، هن نڪتہ نگاهہ کان بي نظير نمونو هيون) ۽ انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باعث شاهہ توقع رکي ٿو تہ ابر رحمت جو مرڪز سندس محبوب وطن تي نازل ٿيندو. جنهن لاءِ هو دعا جا هٿ کڻي ٿو ۽ جنهن دعا لاءِ اسين اها اميد رکون ٿا تہ هميشہ اگهامندي رهندي تہ "سنڌ ۽ سموري دنيا تي، جتي جتي ابر رحمت جي درڪار آهي، الاهي پاڄهہ وسندي رهندي."

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

(سنڌيڪار: علي احمد بروهي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نورالدين سرڪي

نئين سنڌ

# The quality never changes

The main province of Latif in which he dwells, is Beauty. His essence is so well established, that it governs his personality completely, even when it become dual for a time at adolescence.

It is therefore, that every creation of his, represents a portion of his life, and at the end all his creations are found integrated in one organic whole, as was his own life.

The integration is so organic that it governs his life, his point of view, his stand and his art creation. All the outcome, as we said, of his 'essence' being the uppermost factor in his life. As the childhood's works of Mozart are distinctly Mozartian, so are latif's at all stages of his life.

No one can mistake the first and the last line as being those of Latif. The quality never changes. The evolution of form and technique, as is usual in an ordinary artist, has never been gone through.

**Allama I.I. Kazi**

نئين سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو بـوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتـي مَـنجهہ پـهـاڙ ڇُـپـن ٿـا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄـڪـلـهہ نـيـلا پـيـلا آهــن؛

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نه هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book